ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) چنڇر 26 سيپٽمبر 2026ع 13 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه شمارو (42)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

قومي معيشت مستحڪم ۽ ترقي طرف وڌي رهي آهي، پاڪستان آمريڪا لاءِ سيڙپڪاري جي اهم منزل آهي: وزيراعظم

آمريڪي ڪاروباري برادري خاص طور مينوفيڪچرنگ، زراعت، آئي ٽي، مصنوعي ذهانت، کاڻين جي کوٽائي ۽ معدنيات سميت ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جي وڏن موقعن مان لاڀ پرائي سگهي ٿي

وقت اچي ويو آهي ته اسان گڏجي پاڪستان ۾ موجود موقعن تي سنجيدگي سان غور ڪريون، پاڪستان ۾ مختلف شعبن ۾ بيشمار موقعا ۽ صلاحيتون ڪاروباري برادري ۽ سيڙپڪارن جون منتظر ۾ آهن

اسان وڏي حد تائين ادارتي سڌارا شروع ڪيا آهن، معيشت کي ڊجيٽلائيز ڪري رهيا آهيون، فيڊرل بورڊ آف روينيو ۽ ٻي گورننس لاءِ تيزي سان ڪم جاري آهي، اسان معاشي ترقي طرف وڌي رهيا آهيون

علائقي ۾ امن قائم رهڻ، ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري جي فروغ لاءِ تمام گهڻو ضروري آهي. اسان وڏي حد تائين ادارتي سڌارا شروع ڪيا آهن. معيشت کي ڊجيٽلائيز ڪري رهيا آهيون

آمريڪا-پاڪستان بزنس ڪائونسل ۽ بزنس ڪائونسل آف انٽرنيشنل انڊر اسٽينڊنگ جي گڏيل وفد وزيراعظم شهباز شريف سان تفصيلي ملاقات ڪئي، پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ۽ معاشي ماهرن تي ڳالهيون

نيويارڪ (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان کي آمريڪي ڪاروباري ادارن جي لاءِ سيڙپڪاري جي هڪ اهم منزل قرار ڏيندي چيو آهي ته قومي معيشت مستحڪم ۽ ترقي طرف وڌي رهي آهي پاڪستان جي وڌي مارڪيٽ ۽ نوجوان آفرادي قوت ملڪ ۾ سيڙپڪاري لاءِ اهم عنصر آهن آمريڪي ڪاروباري برادري خاص طور تي مينوفيڪچرنگ، زراعت، آئي ٽي، مصنوعي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ پوليس کي ڪارروايون تيز ڪرڻ جي هدايت

ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ٽنهي زونن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: انٽرنيشنل فنانس ڪارپوريشن جو ريجنل ڊائريڪٽر سائمن اينڊريو ۽ ورلڊ بئنڪ جو ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما امگابازار وفاقي وزير احد چيما سان گڏجاڻي ڪندي

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 4 هزار 700 رپيا واڌ، في تولو 4 لک 53 هزار 36 رپين جو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 4 هزار 700 رپيا واڌ سان گڏ في تولو سون 4 لک 53 هزار 36 رپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ: وزيراعظم شهباز شريف گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انٽونيو گوٽيرس سان هٿ ملائي رهيو آهي

مالديپ جو اعليٰ سطحي پارلياماني وفد ڪراچي پهچي ويو، شاندار آجيان

پارليامينٽ پيپلز مجلس جي اسپيڪر عبدالرحيم عبدالله جي اڳواڻي ۾ وفد جناح ايئرپورٽ پهتو

وفد پاران اڄ سنڌ اسيمبلي جي پراڻي ايوان ۽ نئين ايوان جو پڻ دورو ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مالديپ جي پارليامينٽ پيپلز مجلس جو اسپيڪر عبدالرحيم عبدالله جي اڳواڻي ۾ اعليٰ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ 25 کان 30 سيپٽمبر تائين برساتن جو الرٽ جاري

شهري علائقن ۾ اربن فلڊنگ، جابلو ندي نالن ۾ چاڙهه جو خدشو

اسلام آباد (اي پي پي) نيشنل ڊزاسٽرمينيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) جي نيشنل ايمرجنسيز آپريشن سينٽر (اين

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

موسمياتي تبديلين جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ عالمي برادري کي واعدن تي عمل ڪرڻ گهرجي: ناڻي وزير

عالمي سهڪار جي وعدن باوجود مناسب منصوبن جي عدم موجودگي سبب ڪجهه مالي وسيلا استعمال نٿا ٿي سگهن

اڄوڪن عملي فيصلن تي اتفاق راءِ پيدا ڪيو وڃي، جيڪي انهن قدمن کي رڳو ڳالهين کان اڳتي وڌائي عملي قدمن طرف وڌائي سگهجي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته موسمياتي تبديلين جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل واعدا عوام ۽ ڪميونٽيز لاءِ ٺوس ۽ عملي نتيجن ۾

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

تحريڪ انصاف دهشتگردن جي منظور نظر ۽ ڌرڻن کان فرار ٿي وئي آهي، همت اٿو ته ڌرڻو هڻي ڏيکاريو: وفاقي حڪومت

تحريڪ انصاف ڪالعدم تحريڪ طالبان پاڪستان جي "بي" ٽيم ۽ تحريڪ طالبان افغانستان جي "سي" ٽيم آهي، دهشتگردن جي سهولتڪاري ڪرڻ پي ٽي آءِ جي پاليسي جو حصو آهي

خيبرپختونخوا جي سمورن سياسي پارٽين تي دهشتگردن حملا ڪيا امن امان جي صورتحال کان صوبائي حڪومت نه رڳو اڻڄاڻ آهي پر امن امان جي بهتري جي لاءِ مؤثر قدم کڻڻ کان به ڪيٻائي رهي آهي

اهڙو ڪهڙو سبب آهي جو هڪ صوبائي حڪومت جنهن کي پنهنجي صوبي ۾ مڪمل اختيار حاصل آهي، ان جي باوجود امن امان جي صورتحال جي بهتري جي لاءِ قدم نه کڻي رهي آهي

خيبرپختونخواهه حڪومت دهشتگردن جي مذمت ڪرڻ ۽ انهن جي خلاف ڪنهن به قسم جي ڪارروائي ڪرڻ کان مڪمل طور تي ڪيٻائي رهي آهي، سهيل آفريدي وڏو وزير گهٽ ۽ ٽي ٽي پي جو ڪمانڊر وڌيڪ نظر اچي ٿو

ڪرم ۾ افغانستان پاران ايف سي جي جوانن تي فائرنگ ڪئي وئي جڏهن ته خيبرپختونخواهه حڪومت جا ذميوار اتي به اهو چوندي نظر نه آيا ته اسان پنهنجي جوانن ۽ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهيون

اسان جا شهري، جوان، آفيسر ۽ سيڪيورٽي فورسز پوري طرح متحرڪ آهن ۽ دهشتگردي جي خاتمي جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن، پوري قوم قربانيون ڏئي رهي آهي: وفاقي وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته تحريڪ انصاف ڪالعدم تحريڪ طالبان پاڪستان جي "بي" ٽيم ۽ تحريڪ طالبان افغانستان جي "سي" ٽيم آهي پي ٽي آءِ هاڻي ڌرڻن کان پڄي وئي آهي جيڪڏهن همت آهي ته اچو ۽ ڌرڻو ڏيو دهشتگردن جي سهولتڪاري ڪرڻ پي ٽي آءِ جي پاليسي جو حصو آهي خيبرپختونخواهه جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

مڪه معاهدي تحت جنرل سيڪريٽريٽ، ڪميٽين ۽ ورڪنگ گروپس قائم ڪرڻ طرف اڳڀرائي جو جائزو

مڪه گڏيل دفاعي معاهدي جي پرڏيهي وزيرن جي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي موقعي تي ملاقات ڪئي

سعودي عرب ۾ شهري ۽ اقتصادي ٺڪاڻن کي نشانو بڻائڻ جي لاءِ ڪيل حملن جي شديد ترين لفظن ۾ مذمت

ٽنهي وزيرن خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ، ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي ڪوشش جي حمايت ڪئي

نيويارڪ (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سعودي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان بن عبدالله ۽ جمهوريه ترڪيه جي پرڏيهي وزير حاقان فيدان گڏيل ڏينهن

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ڪورٽ رومز ۽ انتظارگاهن ۾ وڊيو رڪارڊنگ تي پابندي لاڳو

صحافين لاءِ مقرر ڪيل هنڌ کانسواءِ راهداريءَ ۽ انتظارگاهن ۾ فوٽوگرافي ۽ وڊيو ٺاهڻ تي پابندي هوندي

ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ۽ رڪارڊنگ جا اوزار ضبط ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڊيوٽيز ۽ ٽيڪس وصولي لاءِ آفيسون ڇنڇر 26 سيپٽمبر تي به کليل رهنديون

اسلام آباد- 25 سيپٽمبر (اي پي پي) حڪومتي ڊيوٽيز ۽ ٽيڪسن جي وصولي لاءِ لارج ٽيڪس پيئرز آفيسون، ڪارپوريٽ ٽيڪس پيئرز آفيسون ۽ ريجنل ٽيڪس

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڊي آءِ جي سکر رينجر پاران عوامي شڪايتن جي ٻڌڻي

سکر (بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي سکر رينج

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

حوثي باغين جي حملن ڪانپوءِ پاڪستان، ترڪي ۽ سعودي فوجي قيادت جو هنگامي اجلاس طلب

سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي جي پرڏيهي وزيرن نيويارڪ ۾ ملاقات ڪئي، چيفس آف اسٽاف جي هنگامي اجلاس جي تيارين تي غور

ٽنهي پرڏيهي وزيرن مڪي شريف ۽ سعودي عرب جي شهري ۽ معاشي ٽاڪن کي نشانو بڻائيندڙ حملن جي سخت مذمت ڪئي

رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سعودي عرب تي حوثي حملن ڪانپوءِ مڪي گڏيل دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب جي مدد جي طريقيڪار تي غور لاءِ سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي جي اعليٰ فوجي قيادت

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پي ٽي آءِ جي احتجاج کي نظر ۾ رکندي ريڊ زون ۾ ڪنٽينر لڳايا ويا آهن

سنڌ ۾ جعلي خبرن جي روڪٿام لاءِ اين سي سي آءِ اي کان مدد وٺڻ جو فيصلو ڪيو آهي: شرجيل ميمڻ

اطلاعات کاتي جي اجلاس ۾ فيڪ نيوز ۽ گمراهه ڪندڙ معلومات جي روڪٿام لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا

فيڪ نيوز جي بروقت نشاندهي ۽ تصديق لاءِ اطلاعات کاتي ۾ مربوط مانيٽرنگ نظام جوڙڻ جي هدايت

غلط معلومات ذريعي ڪنهن شخص يا اداري کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش برداشت نه ڪئي ويندي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت فيڪ نيوز جي روڪٿام لاءِ قومي اداري اين سي سي آءِ اي کان مدد وٺڻ جو فيصلو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2



روم: وفاقي وزير رانا تنوير حسين تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽن سالن ۾ 6500 فلسطيني بي گهر ٿي چڪا آهن: گڏيل قومون

49 آباديون مڪمل طور ۽ 83 آباديون جزوي طور بي گهر ٿيون

88 هزار وڻن ۽ ٻوٽن ۽ 3 هزار 100 گاڏين کي به نقصان پهتو

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن چيو

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب پاران ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري تي ٻاٽ نيٽ ورڪ جي شروعات

شروعات سياري کان ٿيندي، 2027ع ۾ وڌيڪ مرينا ۽ انڪريج شامل ٿيندا

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي ريڊ

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ آمريڪي قونصل جنرل پاران "فريڊم 250" جي تقريب، ڪاميابين جو جشن ملهايو ويو

سنڌ جي سرڪاري ۽ نجي شعبن سان واسطو رکندڙ اهم شخصيتن شرڪت ڪئي

اسان جي ٽيم سنڌ ۽ بلوچستان ۾ معاشي صلاحيتن کي اڀارو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري پئي: گڏمن

آمريڪا ۽ پاڪستان جي پائيداري سنڌ ۾ تعليم، معاشي موقعن ۽ ثقافتي مٽاسٽا ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي: اويس قادر شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آمريڪي قونصل جنرل ڪراچي آمريڪا جي آزادي ۽ ڪاميابين جا 250 سال مڪمل ٿيڻ جي موقعي تي "فريڊم 250" جي عنوان هيٺ هڪ تقريب منعقد ڪئي، جنهن دوران

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آمريڪي قونصل خاني ۾ ٿيل تقريب ۾ گورنر نهال هاشمي ۽ اسپيڪر اويس قادر شاهه کي قونصل جنرل گلدستو پيش ڪري رهيو آهي، ٻئي طرف صوبائي وزير ذوالفقار شاهه سان ملي رهيو آهي

سنڌ ۾ مڪاني ادارن کي مالي طور مضبوط بڻائڻ ۽ پراپرٽي ٽيڪس نظام ۾ شفافيت آڻڻ جو فيصلو

مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ ورلڊ بينڪ جي وفد جو اهم اجلاس ٿيو

ٽيڪس وصولي ۽ استعمال جي سمورن مرحلن ۾ شفافيت لاءِ جديد ۽ مؤثر نظام قائم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ٽيڪس مان حاصل ٿيندڙ رقم روڊن، اسٽريٽ لائيٽن ۽ نيڪال سميت بنيادي سهولتن تي خرچ ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ ورلڊ بينڪ جي وفد جو اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ صوبي ۾ غير منقوله جائداد جي پراپرٽي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي جي پارڪ مان ميهڙ واسي پيرسن جو لاش مليو، سڃاڻپ بعد وارثن حوالي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سول لائين ٿاڻي جي حد شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميونسپل اسٽيڊيم پرسان ٻلاول پارڪ مان اڻڄاتل پيرسن همراهه جو لاش

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪاليج ۾ داخلا لاءِ غير حتمي نتيجن جو اعلان

ٽيسٽ 20 سيپٽمبر تي 9 سينٽرن تي ورتي وئي، سيبا پاران نتيجا پڌرا ڪيا ويا

اميدوار کي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا لاءِ 55 ۽ ڊينٽل ڪاليج ۾ 50 سيڪڙو مارڪون کڻڻ لازم

سکر(بيورو رپورٽ) سيبا ٽيسٽنگ سروس پاران ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ ورتل ٽيسٽ جيڪا اڄ 20 سيپٽمبر تي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ پورهيت جو پيءُ ۽ ڀاءُ سان گڏجي بااثر ماڻهن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ڏوڪري شهر جي جوکيه پاڙي جي رهواسي پورهيت پنهنجي پيءُ ۽ معصوم ٻچن سان گڏجي بااثر مائٽن جي مبينا ناجائزين خلاف

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اوگرا فيس، چارجز رولز ۽ ڊرگس ريسرچ رولز ۾ ترميم جي منظوري

وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ جي صدارت هيٺ ڪابينه ڪميٽي جو اجلاس

پاڪستان ڪوسٽ گارڊز ايڪٽ 1973ع ۾ ڊيلي جي قاعدن بابت ترميم جي پڻ منظوري

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي 16 سال گذرڻ باوجود اوڌر جي رقم واپس نه ڏيندڙ پوليس جمعدار خلاف پيرسن جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي ميرو خان جي ڳوٺ ڪاڙا جي رهواسي پيرسن پورهيت بااثر پوليس جمعدار جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ جي صدارت ۾ ڊسپوزل آف ليجسليٽو ڪيسز بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

نيويارڪ: وزيراعظم شهباز شريف سان اسماعيلي برادري جو روحاني پيشوا پرنس رحيم آغا خان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

وزيراعظم جي پرنس رحيم آغا خان پنجين سان ملاقات

سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۾ اسماعيلي برادري جي خدمتن تي خراج تحسين پيش

معاشري جي لاءِ خدمت ۽ شهري شموليت جي ان قيمتي روايت کي ساراهيون ٿا

پاڪستان ۽ اي ڪي ڊي اين ۾ هلندڙ ڀائيواري وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جو عزم

نيويارڪ (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان سان پراڻن دوستاڻن ۽ مثبت لاڳاپن کي مستحڪم رکڻ جي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

جلدي ڪم نه ڪريو اوير پاڪستان ۾ به تيزي ڪئي هئي: ڪيپٽن (ر) صفدر

اڄ تائين اها "ٽڪر" اسان جي ڳچيءَ ۾ پيل آهي، ماضيءَ کي نه ورجايو وڃي

پنهنجي ايندڙ نسل ۽ قوم کي بچائڻ چاهيون ٿا ته سڀ کان پهريان هزارا صوبو بڻجندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) حڪمران جماعت پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ڪيپٽن صفدر چيو آهي ته ڪم

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

پيٽرول رليف اسڪيم جو مقصد متاثر طبقن کي رليف ڏيڻ آهي: بلال اظهر

عوام، سرڪاري ۽ نجي ملڪيتن ۽ اهم اثاثن جو تحفظ يقيني بڻائڻ رياست جي ذميواري آهي

حڪومت جي خواهش آهي ته ان مان وڌ کان وڌ مستحق شهري فائدو حاصل ڪن: مملڪتي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني چيو آهي ته حڪومت مشڪل معاشي حالتن

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڪراچي ۾ ڦر دوران شهري جي قتل ڪيس ۾ گرفتار جوابدار پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو

شاهه لطيف ٽائون ۾ شهري کي قتل ۽ هڪ ٻئي کي زخمي ڪندڙ جوابدار راڻي کي گرفتار ڪيو ويو هو

اسپتال منتقلي دوران جوابدار پوليس اهلڪار جو پسٽول کسي فائرنگ ڪئي، جوابي فائرنگ ۾ مارجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف ٽائون ۾ گذريل ڏينهن ڦر دوران شهري سعيد نواز کي قتل ۽ منير کي زخمي ڪرڻ جي الزام

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس ڪارروائين ۽ فائرنگ جي واقعن ۾ 5 ڄڻا مارجي ويا

بلديه پوليس ڦرلٽ جي وارداتن ۾ ملوث چئن رڪني ٽولي جي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو

مختلف ڪارروائين دوران گرفتار جوابدارن وٽان هٿيار، گوليون، موٽرسائيڪل، موبائل فون ۽ رقم هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ڪارروائين، مبينا مقابلن ۽ فائرنگ جي واقعن دوران مجموعي طور هڪ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف سوين ماڻهن جو ڪي اليڪٽرڪ آفيس آڏو ڌرڻو

شاهه ٽائون، رومان سٽي، پوري ۽ ڀرپاسي جي علائقن جي رهواسين پاران ريلي ڪڍي وئي

لوڊشيڊنگ سبب ٻارڙن ۽ بيمار بزرگن کي سخت تڪليف ۽ تعليم به متاثر ٿي رهي آهي: مظاهرين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه ٽائون، رومان سٽي، پيپري، سنڌي ڳوٺ، شاهنواز ڳوٺ جي سوين رهواسين جي بجلي جي اڻ اعلانيل

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

کپرو ۾ باز پڪڙيندڙ شڪارين خلاف وائلڊ لائيف جي ڪارروائي، ڪيس داخل

ڏونگريون پٽ واري علائقي ۾ باز پڪڙڻ لاءِ ڪوڙيل 5 کان وڌيڪ ڄار ڊاهي پٽ، شڪاري فرار

6 ڄاتل ۽ 6 نامعلوم شڪارين خلاف غيرقانوني باز شڪار جو ڪيس، ڪارروائي تيز ڪرڻ جو اعلان

وڌيڪ هڪ شاهين باز مبينا طور 3 لک رپين ۾ وڪرو، وسيلن جي کوٽ باوجود ڪارروائين جو سلسلو جاري

کپرو (ت ر) چوٽيارين ويجهو ڏونگريون واري علائقي ۾ باز پڪڙيندڙ شڪارين خلاف وائلڊ لائيف کاتي جي عملدارن جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سيف سٽي منصوبي تي جاري اڳڀرائي کي وڌيڪ اثرائتو ۽ تيز بڻايو وڃي: آءِ جي سنڌ

اجلاس ۾ لڳايل ڪئمرائن ۽ ٻين اوزارن جي سار سنڀال، ۽ ٻين معاملن جو جائزو ورتو ويو

پوليس جي اطلاعاتي ٽيڪنالاجي شعبي جي ماهرن ۽ افرادي قوت کي تربيت فراهم ڪئي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي آءِ جي جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ سنڌ سيف سٽيز

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت ۾ امن امان بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

لاڙڪاڻي جي اسڪول ۾ سهولتن ۽ گهٽ بجيٽ خلاف احتجاج ڪندڙ هيڊماسٽر معطل

گورنمينٽ هاءِ اسڪول غلام پٺو جي هيڊماسٽر غلام مجتبيٰ پٺو کي معطل ڪري جواب طلب ڪيو ويو

رشوت عيوض من پسند بجيٽ جاري ڪرڻ خلاف احتجاج تي انتقام جو نشانو بڻايو ويو آهي: هيڊماسٽر

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) اسڪول ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪرڻ، گهٽ اسڪول اسپيسيفڪ بجيٽ ڏيڻ ۽ اسڪول جي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ تي تعليم کاتي جي سيڪريٽري گورنمينٽ هاءِ اسڪول غلام پٺو جي هيڊماسٽر کي معطل ڪري ڪيس شوڪاز نوٽيس جاري ڪري

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ 4 جريب زمين ۽ گهر تي مبينا قبضي خلاف ڳوٺاڻن جو مظاهرو

ڳوٺ نبي داد عمراڻي جي رهواسين محمد حيات عمراڻي ۽ ٻين پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

اسانجي زرعي زمين ۽ گهر تي زبردستي قبضو ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن: الزام

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ نبي داد عمراڻي جي رهواسين بااثر مائٽن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻي محمد حيات عمراڻي پنهنجي پٽ شيراز پائڙ وزير علي اسلم عمراڻي ۽ ٻين سان گڏجي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد جي مسيحي مذهبي اڳواڻن ۽ سياسي سماجي ڪارڪنن پاران ڪرسچن فيملي لاز بل 2026 جي حمايت

ڪرسچن ريوائيول چرچ انٽرنيشنل جي ميزباني هيٺ ٿيل گڏجاڻي ۾ حيدرآباد، ڄام شورو، ٽنڊو ڄام ۽ ٽنڊو محمد خان جي چرچ اڳواڻن شرڪت ڪئي

ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد شرڪت ڪندڙن کي ڪرسچن ميريج ايڪٽ بل 2026ع جي مقصدن، اهم شقن ۽ تجويز ڪيل قانوني سڌارن بابت بريفنگ ڏني

اجلاس ۾ شريڪ پادرين پنهنجي لاڳاپيل چرچز ۽ الائنسز پاران ڪرسچن ميريج ايڪٽ بل 2026ع جي حمايت جو اظهار ڪيو، مشاورت جاري رکڻ تي اتفاق

مسيحي خانداني قانونن بابت قانونسازي ۾ ڪميونٽي، چرچ قيادت، قانوني ماهرن ۽ لاڳاپيل ڌرين جي مشاورت کي اهميت ڏني وڃي: اڳواڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيل مسيحي خانداني قانون جي حوالي سان ويچار ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۽ ڀرپاسي جي مسيحي مذهبي اڳواڻن هڪ گڏجاڻي ڪرسچن ريوائيول چرچ انٽرنيشنل

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: مسيحي خانداني قانون بابت گڏجاڻي ۾ ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد، ايم پي اي مهيش ڪمار هاسيجا ۽ پادري شريڪ آهن

روما مشتاق، اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ ميمبرن سان بدڪلامي ڪرڻ تي معافي ورتي

اقليتي معاملن بابت سنڌ اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي پاران مسيحي خانداني قانون تي مشاورت جاري رکڻ جو فيصلو

ڪميٽي جي گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر ڪٿومل جيوڻ، شام سندر آڏواڻي، گيانچند ايسراڻي، مهيش ڪمار هاسيجا، انيل ڪمار، انٿوني نويد ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

ماروي فصيح راشدي پاران بل ۾ مختلف ترميمون پيش ڪيون ويون، جنهن کي ميمبرن جي اڪثريت رد ڪري ڇڏيو

روما مشتاق مٺو ٻاڻ کي چرچ جو نمائندو ڄاڻائي بل جي حوالي سان سوشل ميڊيا تي ٿيندڙ ڊيبيٽن جا اسڪرين شارٽ گڏجاڻي ۾ پيش ڪيا

بحث دوران روما مشتاق پاران مهيش ڪمار هاسيجا ۽ ماروي فصيح سان بدڪلامي، استحقاق جي رٽ اچڻ جي ڳالهه تي روما معافي ورتي

ڪراچي(بيورو رپورٽ) اقليتي معاملن بابت سنڌ اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي مسيحي خانداني قانون واري مسودي تي وڌيڪ ويچار ڪرڻ جي لاءِ چرچ ليڊر شپ کي گهرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ميمبرن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ بيلاروس وچ ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق، پارلياماني مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ڪائونسل آف دي بيلاروس جي چيئرپرسن نتاليا ڪوچانوا جي دعوت تي بيلاروس موجود

ڪائونسل آف دي ريپبلڪ بيلاروس جي قيادت سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندي سينيٽ چيئرمين شاندار استقبال تي ٿورو مڃيو

منسڪ (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته پاڪستان ۽ بيلاروس وچ ۾ دوستاڻن لاڳاپن جو مضبوط بنياد موجود آهي، جنهن کي واپار، سيڙپڪاري، زراعت، صنعت، دواسازي، ٽيڪنالاجي ۽ عوامي رابطن سميت گڏيل مفاد جي مختلف شعبن ۾ عملي تعاون ۾

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

بيلاروس: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني بيلاروس ٽريڪٽر فيڪٽري جو دورو ڪري رهيو آهي

دهشتگردي ٽوڙ عدالت پاران عليمه خان خلاف 26 نومبر جي احتجاج جي ڪيس جو فيصلو ملتوي

راولپنڊي (اي پي پي) راولپنڊي جي دهشتگردي جي روڪ ٿام واري عدالت عليمه خان خلاف 26 نومبر جي احتجاج تي مقدمي داخل ڪيس جو فيصلو ملتوي ڪري

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير احد چيمه سان آءِ ايف سي جي علائقائي ڊائريڪٽر جي ملاقات

ايندڙ 10 سالن دوران هر سال ٻه ارب تائين آمريڪي ڊالر جا وسيلا متحرڪ ٿيندا

حڪومت ماڻهن کي رهائشي سهولتن تائين بهتر رسائي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي

اسلام آباد- (اي پي پي) اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد چيمه سان انٽرنيشنل فنانس ڪارپوريشن (آءِ ايف سي) جي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

باڪو: وفاقي وزير عبدالعليم خان ۽ آذربائيجان جو وزير ميخائيل جباروف تقريب ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن

افغانستان ۾ طالبان مخالف تنظيم جي اهم شخصيت ملا ثابت مارجي ويو

طالبان مخالف مزاحمتي فورسز جي هٿيار بند ڪارروائين ۾ نئين لهر

ڪابل (اي پي پي) افغانستان ۾ طالبان

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

پرنس رحيم آغا خان پنجين سان ملاقات ڪري خوشي ٿي: وزيراعظم شهباز شريف

نيويارڪ (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته نيويارڪ ۾ پرنس رحيم آغا خان پنجين سان ملاقات

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ معذور ڪوٽا تي عملدرآمد نه ٿيڻ خلاف گونگن ۽ ٻوڙن جو مظاهرو

پيپلز ڊيف اينڊ ڊمب يونٽ آرگنائيزيشن جي سڏ تي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پيپلز ڊيف اينڊ ڊمب يونٽ آرگنائيزيشن جي سڏ تي گونگن ۽ ٻوڙن طرفان پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن فدا حسين ٻرڙي، فياض احمد کهڙو، آصف علي سومرو، فرمان سولنگي سميت ٻين

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڳڙهي ياسين ۾ بروهي برادري جي خوني تڪرار جو راجوڻي فيصلو، هڪ ڪروڙ رپيا ڏنڊ مقرر

جهانگير بروهي ۽ مولا بخش بروهي ۾ هلندڙ خوني تڪرار جو فيصلو لاڙڪاڻي ۾ سردار امين خان مينگل جي سرپٽنچي ۾ ٿيو

فيصلي ۾ ٻنهي ڌرين جي مشيرن معززن ۽ برادري جي ماڻهن شرڪت ڪئي ڌرين جا بيان ٻڌڻ بعد فتوا جاري

بلاول بروهي ۽ صادق بروهي جي قتلن جو خون خون ۾ پاڙيو ويو، زخمين جو خرچ ڌرين تي هڪ ڪروڙ رپيا ڇٽي رکي وئي

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين بروهي برادري جي ٻن ڌرين جهانگير بروهي ، مولا بخش بروهي ۾ هلندڙ خوني تڪرار جو راجوڻي فيصلو لاڙڪاڻي ۾ سردار امين خان مينگل جي سرپٽنچي هيٺ ٿيو ، ٿيل

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: جماعت اسلامي پاران پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ خلاف سنڌو درياهه ۾ ٻيڙين تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

لاڙڪاڻي ۾ ٻوڏ ۾ ڊهيل گهر جي سروي رقم نه ملڻ خلاف پورهيت جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ خانگي نائب قاصد طور ڪم ڪندڙ پورهيت جو مالي مدد لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

سمورين سياسي پارٽين تي دهشتگردن حملا ڪيا پر پي ٽي آءِ دهشتگردن جي منظور نظر رهي جمعي ڏينهن هتي ڳالهه ٻولهه ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ امن امان جي صورتحال کان صوبائي حڪومت نه رڳو اڻڄاڻ آهي پر امن امان جي بهتري جي لاءِ موثر قدم کڻڻ کان به ڪيٻائي رهي آهي هن سوال اٿاريو ته اهڙو ڪهڙو سبب آهي جو هڪ صوبائي حڪومت جنهن کي پنهنجي صوبي ۾ مڪمل اختيار حاصل آهي ان جي باوجود امن امان جي صورتحال جي بهتري جي لاءِ قدم نه کڻي رهي آهي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته خيبرپختونخواهه حڪومت جي امن امان جي حوالي سان زيرو پاليسي آهي جڏهن ته دهشتگردي جي خلاف ڪارروائي بدران صوبائي حڪومت دهشتگردن جي سهولتڪاري ڪري رهي آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي موقعي تي مڪ گڏيل دفاعي معاهدي (ايم جي ڊي اي) جي فريم ورڪ تحت ملاقات ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب ملاقات دوران وزيرن معاهدي تحت جنرل سيڪريٽريٽ، ڪميٽيون ۽ ورڪنگ گروپس قائم ڪرڻ طرف اڳڀرائي ۽ ان جي ڪم جي شروعات جي تيارين جو جائزو ورتو وزيرن مقدس شهر مڪ ۽ مملڪت سعودي عرب ۾ شهري ۽ اقتصادي ڍانچن کي نشانو بڻائڻ جي لاءِ ڪيل حملن جي شديد ترين لفظن ۾ مذمت ڪئي

بقايا 3 روزاني عبرت

ناصر آفتاب رينج آفيس سکر ۾ عوام جا مسئلا ٻڌا. شهرين پنهنجون شڪايتون ۽ مسئلا ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب کي پيش ڪيا. ڊي آءِ جي سکر رينج شهرين جون شڪايتون غور سان ٻڌندي لاڳاپيل آفيسرن کي شڪايتن جو فوري طور تي ازالو ڪرڻ ميرٽ تي ڪارروائي ڪرڻ ۽ قانون مطابق ضروري قدم کڻڻ جا حڪم جاري ڪيا. رينج آفيس سکر ۾ مقرر سينيئر لاڳاپيل آفيسر پڻ ان موقعي تي موجود هئا ۽ انهن کي عوامي شڪايتن کي حل ڪرڻ ۽ شهرين کي هر ممڪن رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ضروري هدايتون ڏنيون

بقايا 4 روزاني عبرت

جو هنگامي اجلاس طلب ڪيو ويو آهي سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي جي پرڏيهي وزيرن نيويارڪ ۾ ملاقات دوران ٽنهي ملڪن جي چيفس آف اسٽاف جي هنگامي اجلاس جي تيارين تي غور ڪيو ملاقات ۾ سعودي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن فرحان، پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ ترڪ پرڏيهي وزير حاقان فيدان شريڪ ٿيا سعودي پرڏيهي وزارت ڪاتي موجب ٽنهي ملڪن جا اعليٰ فوجي عملدار مڪ دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب جي مدد جي ممڪن طريقن تي غور ڪندا

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪري ورتو آهي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ اطلاعات کاتي جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ اطلاعات واري سيڪريٽري ڪاشف گلزار شيخ، ڊائريڪٽر جنرل اطلاعات معزز ميرپوراڻي، اطلاعات کاتي جي مختلف شعبن جي ڊائريڪٽرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ فيڪ نيوز، ڪوڙي پروپيگنڊا ۽ گمراهه ڪندڙ معلومات جي روڪٿام، جديد ٽيڪنالاجي ذريعي ميڊيا مانيٽرنگ ۽ سنڌ حڪومت جي مثبت ۽ تعميري بيانيي کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ بابت اهم فيصلا ڪيا ويا. اجلاس ۾ اطلاعات کاتي جي مختلف شعبن جي ڊائريڪٽرن محمد يوسف ڪابرو، عزيز هڪڙو، حزب الله ميمڻ، طارق اماس قدا بلادي، ماجد خان عمران زئون، محمد ڪامران سرور سميجو، امتياز جويو ۽ ڊپٽي سيڪريٽري صاحب خان ڀند شرڪت ڪئي شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڪئي ته فيڪ نيوز جي روڪٿام لاءِ نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي (NCCIA) کان سهڪار حاصل ڪيو وڃي ۽ فيڪ نيوز ڦهلائيندڙ ۽ پروپيگنڊا ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي لاءِ لاڳاپيل ادارن سان مؤثر سهڪار کي وڌيڪ وڌايو وڃي

بقايا 6 روزاني عبرت

ڪورٽ روم راهدارين ۽ انتظارگاهن ۾ وڊيو رڪارڊنگ ۽ فوٽوگرافي تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي جاري ڪيل سرڪيولر موجب صحافين لاءِ مقرر ڪيل هنڌ کانسواءِ ٻين هنڌن تي وڊيو ۽ فوٽوگرافي ڪرڻ تي پابندي هوندي سرڪيولر ۾ چيو ويو آهي ته پابندي جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ماڻهن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، جڏهن ته ڀڃڪڙي ڪندڙن جا موبائل فون ۽ رڪارڊنگ جا اوزار پڻ ضبط ڪيا ويندا

بقايا 7 روزاني عبرت

ڪراچي آزاد خان جي صدارت هيٺ ڪراچي پوليس آفيس ۾ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ڊي آءِ جي (ايڊمن)، زونل ڊي آءِ جيز، ڊي آءِ جي (سي آءِ اي)، ضلعي ايس ايس پيز، ايس ايس پي (انويسٽيگيشن) ۽ ٻين سينيئر پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران ٽنهي زونل ڊي آءِ جيز پنهنجي لاڳاپيل زونز جي مجموعي ڪارڪردگي، ڏوهن جي صورتحال ۽ پوليس پاران کنيل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

بقايا 8 روزاني عبرت

آمريڪا ۽ پاڪستان وچ ۾ قائم مضبوط لاڳاپن کي اجاگر ڪيو ويو تقريب ۾ سنڌ جي سرڪاري ۽ نجي شعبن سان واسطو رکندڙ اهم شخصيتن شرڪت ڪئي سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن ته سنڌ جي گورنر سيد نهال هاشمي اعزازي مهمان طور تقريب ۾ شرڪت ڪئي آمريڪي قونصل جنرل چارلس گڊمن حڪومت، ڪاروباري شخصيتن، تعليمي ادارن، سول سوسائٽي، ميڊيا، سفارتي برادري ۽ آمريڪي پروگرامن جي اڳواڻن شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪيو ”دي آمريڪن برانڊ“ جي موضوع هيٺ منعقد ٿيل تقريب ۾ آمريڪي جدت، ڪاروباري صلاحيت ۽ تخليقي سگهه کي اجاگر ڪيو ويو تقريب ۾ 4 جولاءِ 1776ع جي بنيادي اصولن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران آمريڪا جي دائمي قومي اصولن کي ورجايو ويو ۽ ناظم الامور نيٽلي بيڪر جو هڪ پيغام به پڙهي ٻڌايو ويو جنهن ۾ چيو ويو ته هڪ مضبوط پاڪستان آمريڪا جي مفاد ۾ آهي ۽ هڪ مضبوط آمريڪا پاڪستان جي مفاد ۾ آهي. پنهنجي تقرير ۾ قونصل جنرل گڊمن چيو ته آمريڪا ۽ پاڪستان جي دوستي ڪيترن ڏهاڪن تي ٻڌل آهي، جڏهن ته صوبي ۾ آمريڪي ڪاروباري لاڳاپا پڻ وڌي رهيا آهن ”ديرپا استحڪام“ جو بنياد معاشي خوشحالي تي ٻڌل هوندو آهي ۽ ڪراچي ۾ اسان جو قونصل خانو سنڌ ۽ بلوچستان ۾ موجود صلاحيتن کي اڀارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي“ قونصل جنرل گڊمن چيو ”آمريڪي حڪومت هتي ڪم ڪندڙ 80 کان وڌيڪ آمريڪي ڪمپنين جي مسلسل حمايت ڪري ٿي. گذريل سال آمريڪا ۽ پاڪستان وچ ۾ شين ۽ خدمتن جي واپار جو ڪاٿو 11 ارب ڊالرن کان وڌي ويو جنهن مان ٻنهي ملڪن کي فائدو پهتو“ سنڌ جي گورنر نهال هاشمي پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ مضبوط لاڳاپن کي اجاگر ڪندي چيو ته ”اسان جي نوجوان نسل لاءِ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ علمي، تعليمي، تخليقي صلاحيت ۽ ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل اسان جو مطلب آمريڪي جدت کي پاڪستاني صلاحيتن سان، آمريڪي يونيورسٽين کي پاڪستاني شاگردن سان ۽ آمريڪي ڪاروباري اڳواڻن کي پاڪستاني ڪاروباري صلاحيت سان ڳنڍڻ آهي“ سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر اويس شاهه آمريڪا کي آزادي جا 250 سال مڪمل ٿيڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته آمريڪا ۽ پاڪستان جي ڀائيواري سنڌ ۾ تعليم، صحت، زراعت ۽ ثقافت سميت مختلف شعبن ۾ مددگار رهي آهي هن آمريڪا ۽ سنڌ جي پائيدار سهڪار جو اعتراف به ڪيو ۽ اعتماد جو اظهار ڪيو ”فريڊم 250“ هڪ سال جي ڊگهي مهم آهي جنهن تحت سڄي دنيا ۾ آمريڪي آزاديءَ جي اعلاميي تي صحيحون ڪرڻ جي 250 سال مڪمل ٿيڻ جي مناسبت سان مختلف تقريبون منعقد ڪيون پيون وڃن صدر ٽرمپ ”آمريڪي عظمت جي هڪ نئين دور“ جي عنوان هيٺ قومي جشن جي شروعات ڪئي جنهن کان پوءِ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ آمريڪي سفارتخانن ۽ قونصل خانن پڻ ان ئي جذبي سان تقريبون منعقد ڪرڻ شروع ڪيون آهن

بقايا 9 روزاني عبرت

ٽيڪس جي وصولي نظام ۾ بهتري، شفافيت ۽ مڪاني ادارن کي مالي طور تي مضبوط بڻائڻ بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ورلڊ بئنڪ جي نمائندن، چيئرمين پي اينڊ ڊي، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران پراپرٽي ٽيڪس جي موجوده وصولي واري نظام، ٽائون سطح تي ٽيڪس ڪليڪشن ۽ ان مان حاصل فنڊن جي استعمال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. صوبائي وزير مڪاني ادارا سيد ناصر حسين شاهه چيو ته ٽائون سطح تي پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي جو بنيادي مقصد لوڪل ڪائونسلز کي مالي طور تي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۽ ڪين عوام کي بهتر مڪاني سهولتون فراهم ڪرڻ جي قابل بڻائڻ آهي هن چيو ته گراس روٽ ليول تي مڪاني نمائندن ۽ ادارن جي مضبوطي عوام جي دروازي تائين رليف پهچائڻ جي ضمانت آهي ان لاءِ مڪاني نظام کي مالي ۽ انتظامي طور مضبوط بڻائڻ سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي ناصر حسين شاهه هدايت ڪئي ته پراپرٽي ٽيڪس جي مد ۾ حاصل ٿيندڙ فنڊن جي خاص نگراني لاءِ مؤثر نظام قائم ڪيو وڃي ته جيئن عوام کان وصول ٿيندڙ ٽيڪس جي رقم منصفاڻي، شفاف ۽ عوامي مفاد ۾ خرچ ٿيڻ کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته پراپرٽي ٽيڪس مان حاصل ٿيندڙ رقم پاڻي ۽ گهٽين جي روڊن، اسٽريٽ لائيٽن، نيڪال واري نظام ۽ ٻين بنيادي انفرااسٽرڪچر جي بهتري سميت سڌي ريت عوامي سهولتن تي خرچ ڪئي ويندي، ته جيئن ٽيڪس ادا ڪندڙ شهرين کي ان جا فائدا عملي طور پنهنجي دروازي تي نظر اچن صوبائي وزير چيو ته عوام کي رليف جي فراهمي چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن ۽ سنڌ جي وڏي وزير جو مشن آهي جنهن جي تڪميل لاءِ مڪاني ادارن کي مؤثر فعال ۽ جوابده بڻائڻ ضروري آهي هن چيو ته سمورن ٽائونز ۾ عوام کي بهتر مڪاني سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ بابت صحتمند مقابلي جو رجحان پيدا ڪيو ويندو جڏهن ته بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ ٽائونز کي خاص ترقياتي گرانٽس فراهم ڪيون وينديون جيئن ٻيا ٽائون پڻ بهتر ڪارڪردگي لاءِ قدم کڻن ناصر حسين شاهه وڌيڪ چيو ته عوام کي بهتر رليف فراهم ڪندڙ آفيسرن ۽ مڪاني ادارن جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي ۽ ڪارڪردگي جي بنياد تي مؤثر نگراني جو نظام جوڙيو ويندو هن پراپرٽي ٽيڪس جي وصولي جو مڪمل ۽ مستند رڪارڊ مرتب ڪرڻ لاءِ جديد نظام قائم ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته ٽيڪس وصولي ۽ ان جي استعمال جي سمورن مرحلن ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو ويندو اجلاس ۾ پراپرٽي ٽيڪس جو دائرو وڌيڪ مؤثر بڻائڻ وصولي واري عمل کي بهتر ڪرڻ ۽ مڪاني ادارن جي مالي خودمختياري ۾ اضافي لاءِ مختلف تجويزن تي پڻ غور ڪيو ويو ورلڊ بئنڪ جي وفد سنڌ حڪومت پاران عوام کي بهتر مڪاني سهولتون ۽ رليف فراهم ڪرڻ لاءِ کنيل قدمن کي ساراهيندي سهڪار جاري رکڻ جي خاطري ڪرائي، جڏهن ته صوبائي حڪومت پاران پڻ ورلڊ بئنڪ جي وفد کي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو ويو

بقايا 10 روزاني عبرت

اٿارٽي جي انتظامي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي جي مجموعي ڪارڪردگي، پهرين مرحلي ۾ لڳايل ڪئمرائن ۽ ٻين اوزارن جي سار سنڀال جڏهن ته ٻئي مرحلي تي جاري اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل سرفراز نواز، ڊي آءِ جي ايس ايس پي ڊي ڪي ۽ اربن، گهرو کاتي، ناڻي کاتي ۽ سنڌ جي اطلاعاتي ٽيڪنالاجي کاتي جي آفيسرن، جڏهن ته اين آر ٽي سي جي عملدارن شرڪت ڪئي سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل سرفراز نواز آءِ جي سنڌ کي پهرين مرحلي تحت لڳايل ڪئمرائن ۽ اوزارن جي سار سنڀال لاءِ مختلف اختيارن، جڏهن ته ٻئي مرحلي تي جاري اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني اجلاس دوران ملڪ جي ٻين شهرن ۾ جاري سيف سٽيز منصوبن جي ماڊلن، اوزارن ۽ سافٽ ويئر فراهم ڪندڙ ڪمپنين، جڏهن ته ڪئمرائن ۽ اوزارن جي سار سنڀال ۾ دلچسپي رکندڙ مختلف ڪمپنين جي تجويزن ۽ مالي خرچن جو پڻ تفصيلي جائزو ورتو ويو اين آر ٽي سي جي عملدارن اجلاس کي ٻڌايو ته ڪراچي ۾ جاري سيف سٽي منصوبو ملڪ جي ٻين شهرن ۾ جاري سيف سٽي منصوبن کان هر لحاظ کان مختلف ۽ وسيع آهي سنڌ خاص طور ڪراچي ۾ جاري منصوبي تحت جديد اوزار ۽ سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن جڏهن ته ڪراچي سيف سٽي منصوبو پنهنجي نوعيت جو منفرد ۽ جديد سهولتن تي ٻڌل منصوبو آهي ان موقعي تي سنڌ جي آءِ جي جاويد عالم اوڍو چيو ته سيف سٽي منصوبي جي مختلف مرحلن تي جاري اڳڀرائي کي وڌيڪ اثرائتو ۽ تيز بڻايو وڃي ڪراچي ۾ جاري سيف سٽي منصوبو مڪمل ڪري ان سهولت جو دائرو سنڌ جي ٻين شهرن تائين پڻ وڌائڻو آهي هن چيو ته سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي جي پهرين مرحلي ۾ لڳايل ڪئمرائن ۽ اوزارن جي سار سنڀال لاءِ سرڪاري ماهرن ۽ افرادي قوت کي ترجيح ڏني ويندي، جڏهن ته سافٽ ويئر ۽ هارڊويئر جي خريداري ۾ مقامي ذريعن کي ترجيح ڏني وڃي جاويد عالم اوڍو هدايت ڪئي ته ڪئمرائن ۽ اوزارن جي سار سنڀال لاءِ سنڌ حڪومت ۽ پوليس جي اطلاعاتي ٽيڪنالاجي شعبي جي ماهرن ۽ افرادي قوت کي ضروري تربيت فراهم ڪئي وڃي

بقايا 11 روزاني عبرت

ڪارروائي ڏرگريون پٽ واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي عملدارن ٻاڙن کي پڪڙڻ لاءِ لڳل 5 کان وڌيڪ لڳل ڪڙا ڦاهي پٽ ڪري ڇڏيا، جڏهن ته وائلڊ لائيف کاتي جي عملدارن کي ڏسي شڪاري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هوڏانهن وائلڊ لائيف کاتي جي عملدار حسين بخش ڪوسو جي مدعيت ۾ شوڪت پٽ ڏٿي بخش ملاح، پيربخش پٽ محمد علي، سميع الله پٽ ممتاز قاسم پٽ سلطان ملاح سميت 6 اڻ سڃاتل شڪارين خلاف غيرقانوني ٻاڙن جو شڪار ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪري ورتو آهي. هوڏانهن اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته هڪ شڪاري ٽولي پاران وڌيڪ هڪ شاهين باز پڪڙي 3 لک روپين ۾ وڪرو ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ وائلڊ لائيف کاتي جي عملدار اسد سري جو چوڻ آهي ته وسائل گهٽ هجڻ باوجود ڪارروايون ڪيون پيون وڃن جي به شڪار بابت اطلاع ملي ٿي ان علائقي ۾ پهچي ڪارروائي ڪريون ٿا

بقايا 12 روزاني عبرت

لوڊشيڊنگ خلاف اسٽيل ٽائون کان گلشن حديد کي اليڪٽرڪ آفيس تائين ريلي، ڌرڻو ڪي اليڪٽرڪ انتظاميا خلاف نعريبازي خبر موجب يوٿ ايڪشن ڪميٽي ۽ سول سوسائٽي پيپري جي سڏ تي شاهه لطيف ٽائون، رومان سٽي، پيپري، سنڌي ڳوٺ، شاهنواز ڳوٺ جي سوين رهواسين بجلي جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف اسٽيل ٽائون کان گلشن حديد کي اليڪٽرڪ آفيس تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن رضوان جوکيو لال سنڌراڻي، جاويد لالا، منير بليدي، عابد آفريدي، جنيد ڏيرو اڪبر ڏاهري، ستار لاشاري، جنيد عمراڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڪي اليڪٽرڪ انتظاميا جي هٺڌرمي ۽ لوڊشيڊنگ خلاف اسان جي علائقن جا ماڻهو سخت ذهني ڪيفيتن کي منهن ڏئي رهيا آهن 18 کان 20 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ سبب معصوم ٻارڙا ۽ بيمار بزرگ ننڊ به نٿا ڪري سگهن، ٻارڙا اسڪول وڃڻ بعد تعليم پرائڻ بدران ڪيبل تي سٽل هوندا آهن تعليم تباهه ته سمجهو مستقبل تباهه آهي مجبور ٿي سوين ماڻهو نڪتا اسان ۽ سخت گرمي ۾ احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهيون چيو ته اسان سخت اذيت جو شڪار آهيون پر ڪو به دانهن ڪوڪ ٻڌڻ وارو ڪونهي هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته بجلي جو نظام صحيح نه ٿيو ته اڄ گلشن حديد جي ڪي اليڪٽرڪ آفيس آڏو ڌرڻو آهي ضرورت پئي ته مين نيشنل هاءِ وي اسٽيل ٽائون وٽ تاريخي ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 13 روزاني عبرت

مبينا ملزم سميت 5 ڄڻا مارجي ويا، جڏهن ته ڪيترن ئي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان غير قانوني هٿيار گوليون، موٽرسائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي جڏهن ته مختلف واقعن جي وڌيڪ جاچ جاري آهي شاهه لطيف ٽائون ۾ ڊڪيتي دوران شهري سعيد نواز جي قتل ۾ ملوث گرفتار جوابدار راول ولد غلام سرور اسپتال منتقلي دوران پوليس اهلڪار جو پسٽل کسي فائرنگ ڪندي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پوليس موجب جوابدار جي فائرنگ ۾ ڪانسٽيبل سليم تنولي زخمي ٿي پيو جنهن بعد پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ جوابدار راول پڻ زخمي ٿي پيو پوليس زخمي جوابدار کي بيهر گرفتار ڪري علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جڏهن ته زخمي اهلڪار کي پڻ طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو صوبائي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار شاهه لطيف ٽائون پوليس جي ڪارروائي تي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي شاباس ڏيندي چيو آهي ته پوليس اهلڪار تي فائرنگ باوجود جوابدار کي بيهر گرفتار ڪرڻ پوليس جي پيشورانه صلاحيتن جو ثبوت آهي هن هدايت ڪئي ته زخمي پوليس اهلڪار کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري رکيون وڃن هوڏانهن شاهه لطيف ٽائون ۾ سعيد نواز جي قتل واري واقعي جي سي سي ٽي وي وڊيو پڻ سامهون اچي وئي آهي جنهن ۾ جوابدارن کي دڪان ۾ داخل ٿي واردات ڪندي ڏسي سگهجي ٿو پوليس موجب جوابدارن جو ٽولو مبينا طور اسڪيم 33 کان واردات لاءِ شاهه لطيف ٽائون آيو هو مزاحمت دوران دڪاندار سعيد کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو جڏهن ته هڪ شخص زخمي ٿيو مقتول جي وارثن موجب سعيد جي پٽ جي دل ۾ سوراخ آهي ۽ خاندان سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي ٻئي طرف ڪياماڙي ضلعي جي بلديه ٽائون جي پوليس انٽيليجنس اطلاع تي ڪارروائي ڪندي ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي ڪيترن ئي وارداتن ۾ ملوث ڇهن رڪني ٽولي جي ٻن جوابدارن محمد نعمان ولد محمد دلشاد ۽ شاهجهان ولد بلاور کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته عمران خان ۽ عتيق فرار ٿي ويا. پوليس موجب جوابدارن وٽان ٻه غير قانوني پسٽول گوليون، هنڊا 125 موٽرسائيڪل ۽ ٻه موبائل فون هٿ ڪيا ويا پوليس موجب گرفتار جوابدارن دوران جاچ بلديه جي حدن ۾ چار ڦرلٽ جون وارداتون ڪرڻ جو اعتراف ڪيو جن ۾ ترڪ مارڪيٽ ۾ ايزي پيسا دڪان تان ڏيڍ لک رپيا، ڪي ايس مجاهد روڊ تي موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون ڦرڻ دوران هڪ شخص کي زخمي ڪرڻ، بلديه نمبر 7 ۾ ميزان اٽل جي رهائيندڙ کان 3 لک 48 هزار 200 رپيا ۽ رشيد آباد چوڙهائي پرسان جاز ڪيش دڪان جي مالڪ کان بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻ لاءِ کڻي ويندڙ 7 لک 90 هزار رپيا ڦرڻ جا واقعا شامل آهن پوليس موجب ٻنهي جوابدارن خلاف سنڌ هٿيار ايڪٽ تحت به ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي ايسٽ زون جي جمشيد ڪوارٽرز پوليس به ڪشمير روڊ پرسان ڪارروائي ڪندي ڦرلٽ جي وارداتن ۾ ملوث جوابدار ڪامران ولد امجد علي کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب جوابدار وٽان وارداتن ۾ استعمال ٿيل هٿيار گوليون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي جوابدار دوران جاچ ٻين ساٿين سان گڏ شهري کان 10 لک رپيا ڦرڻ جو اعتراف ڪيو پوليس موجب جوابدار اڳ به مختلف ڪيسن ۾ گرفتار ٿي جيل وڃي چڪو آهي جڏهن ته سندس ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. هوڏانهن عسڪري پارڪ پرسان زير زمين بجلي جي ڪيبل ڪٽڻ دوران ڪرنٽ لڳڻ ۽ سڙڻ سبب 35 کان 40 ورهين جو هڪ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو ريسڪيو ذريعن موجب فوت ٿيل شخص وٽ بجلي جا اوزار پڻ موجود هئا جڏهن ته سندس سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي ڪورنگي مٺڪي واري پلين پرسان روڊ جي ڪناري تان پڻ 60 ورهين جي نامعلوم شخص جو لاش مليو جنهن کي ايڌي ايمبولينس ذريعي زمان ٽائون ٿاڻي منتقل ڪيو ويو موت جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو آهي جهانگير روڊ مارٽن ڪوارٽر پرسان هڪ گهر مان ڪن ڏينهن پراڻي 60 ورهين جي عورت ثمينه زوجه ارشاد جي لاش پڻ هٿ آئي جنهن کي ايڌي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي بابت پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي. هوڏانهن ايم پي آر ڪالوني ۾ 17 سيپٽمبر تي ٿيل فائرنگ جي واقعي ۾ زخمي ٿيل هڪ وڌيڪ شخص علاج دوران فوت ٿي ويو آهي نامعلوم ماڻهن جي فائرنگ ۾ 22 ورهين جو ذر ولي ۽ سندس والد عبدالصمد زخمي ٿيا هئا ذر ولي ساڳئي ڏينهن جناح اسپتال ۾ فوت ٿي ويو هو جڏهن ته سندس والد عبدالصمد خانگي اسپتال ۾ علاج هيٺ هو جيڪو اڄ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

بقايا 14 روزاني عبرت

۾ گرفتار جوابدار راول ولد غلام سرور مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو جڏهن ته فائرنگ جي واقعي ۾ پوليس ڪانسٽيبل سليم تنولي پڻ زخمي ٿي پيو پوليس ترجمان موجب شاهه لطيف ٽائون جي سيڪٽر 16-A ۾ درخشان شادي هال پرسان ڦر دوران مزاحمت تي جوابدارن جي فائرنگ ۾ سعيد نواز ولد محمد نواز مارجي ويو جڏهن ته منير ولد ولي زخمي ٿيو هو واقعي ۾ ملوث جوابدار راول کي پوليس گرفتار ڪيو هو ۽ سندس خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا هئا پوليس موجب گرفتاري کانپوءِ جوابدار لاڪ اپ ۾ طبيعت خراب ٿيڻ جي شڪايت ڪئي جنهن تي کيس علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو منتقلي دوران فاسٽ يونيورسٽي جي پليان واري علائقي پرسان جوابدار مبينا طور پوليس ڪانسٽيبل سليم تنولي جو پسٽول کسي فائرنگ ڪندي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پوليس ترجمان موجب جوابدار جي فائرنگ ۾ ڪانسٽيبل سليم تنولي زخمي ٿي پيو جنهن بعد پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ جوابدار راول پڻ زخمي ٿيو جنهن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي بعد ۾ سندس فوت ٿيڻ جي اطلاع ملي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت وڌيڪ قانوني ۽ ضابطي واري ڪارروائي جاري آهي

بقايا 15 روزاني عبرت

محدود وسيلن ۽ آءِ ايم ايف پروگرام جي پابندين کي نظر ۾ رکندي پيٽرول رليف اسڪيم ذريعي انهن طبقن کي سڌي ريت رليف فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪي پيٽرول جي قيمتن کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن موٽرسائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ لوڊر استعمال ڪندڙن کي هر هفتي 500 روپيا، جڏهن ته 800 سي سي تائين جي گاڏين لاءِ هر 10 ڏينهن کانپوءِ 1000 روپين جي رعايت فراهم ڪئي پئي وڃي جمعي ڏينهن وفاقي وزير شزا فاطمه خواجه سان گڏ گڏيل پريس ڪانفرنس دوران هن چيو ته پيٽرول رليف اسڪيم تي ڪاميابي سان عملدرآمد جاري آهي گذريل ٻن ڏينهن دوران مون پنهنجي ٽڪ جي ٽنهي تعلقن ۾ تقريبن 40 پيٽرول پمپن جو دورو ڪيو ۽ شهرين خاص طور تي موٽرسائيڪل سوارن سان سڌي ريت ڳالهه ٻولهه ڪئي بزرگ شهرين ۽ شاگرد سميت ڪيترن ئي ماڻهن جي رجسٽريشن مون پاڻ ڪرائي ۽ کين موقعي تي رليف حاصل ڪندي ڏٺو هن چيو ته موٽرسائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ لوڊر استعمال ڪندڙن لاءِ اسڪيم تحت هر هفتي 500 روپين جو مفت پيٽرول فراهم ڪيو پيو وڃي جيڪو ماهوار اٽڪل 2,000 بڻجي ٿو جڏهن ته 800 سي سي تائين جي ننڍين گاڏين لاءِ هر 10 ڏينهن ۾ 1,000 روپين تائين جي رعايت ڏني پئي وڃي جيڪا تقريبا 3,000 رپيا بڻجي ٿي سرڪاري اسڪيم موجب، ٻن ۽ ٽن ڦيٿن وارين گاڏين لاءِ هفتيوار رليف پنج ليٽر پيٽرول تي 100 رپيا في ليٽر جي حساب سان آهي، جڏهن ته 800 سي سي تائين جي گاڏين لاءِ 10 ڏينهن ۾ 1,000 روپين جي رعايت مقرر ڪئي وئي آهي بلال اظهر ڪياني چيو ته موٽرسائيڪل، رڪشا، چنگچي ۽ لوڊرز لاءِ بنيادي طور ۽ لاڳاپيل گاڏي جو ايڪسائيز رجسٽريشن ڪارڊ گهربل آهي گاڏي جو رجسٽرڊ هجڻ ضروري آهي جڏهن ته ان جو صارف جي پنهنجي نالي تي رجسٽرڊ هجڻ لازمي ناهي، جڏهن ته رجسٽريشن لاءِ استعمال ٿيندڙ موبائل سم سڃاڻپ ڪارڊ سان ڳنڍيل هجڻ ضروري آهي. جڏهن ته 800 سي سي تائين جي گاڏي جي صورت ۾، گاڏي جو صارف جي پنهنجي نالي تي رجسٽرڊ هجڻ ضروري آهي هن شهرين تي زور ڀريو ته اهي پنهنجو سڃاڻپ ڪارڊ ۽ گاڏي جي لاڳاپيل رجسٽريشن ڪاغذن سان ويجهي پيٽرول پمپ تي وڃن، جتي عملو ۽ لاڳاپيل رضاڪار رجسٽريشن ۾ مدد ڪندا ڪيترن معاملن ۾ رجسٽريشن ٽوڪن جاري ڪرڻ ۽ پيٽرول حاصل ڪرڻ جو عمل ڪجهه منٽن ۾ مڪمل ٿي رهيو آهي مملڪتي وزير چيو ته هي صرف ڪاغذي اسڪيم ناهي پر عملي طور تي پيٽرول پمپس به فعال آهن ۽ حڪومت جي خواهش آهي ته ان مان وڌ کان وڌ مستحق شهري فائدو حاصل ڪن هن سياسي ڪارڪنن، لاڳاپيل ادارن ۽ ميڊيا کي اپيل ڪئي ته اسڪيم بابت معلومات ڳوٺ ڳوٺ، گهٽي گهٽي ۽ پاڙي پاڙي جي سطح تائين پهچائين ته جيئن صرف معلومات جي گهٽتائي سبب ڪو حقدار هن سهولت کان محروم نه رهي هن چيو ته جيڪڏهن پيٽروليم ليوي ۾ عام طور تي ڪجهه روپيا گهٽتائي ڪئي وڃي ها ته ان جو فائدو وڏين ۽ ننڍين ۽ هر قسم جون گاڏيون استعمال ڪندڙن کي ٿئي ها، پر موجوده طريقيڪار ۾ وسيلن کي وڌيڪ متاثر طبقن تائين سڌي ريت پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي موٽرسائيڪل سوارن لاءِ هفتيوار 500 روپين جو رليف، جيڪڏهن پنج ليٽر جي استعمال کي بنياد بڻايو وڃي ته اهو اٽڪل 100 رپيا في ليٽر جي رعايت جي برابر آهي بلال اظهر ڪياني چيو ته مشڪل معاشي حالتن ۾ حڪومت جي ڪوشش آهي ته موجود وسيلن کي اهڙي طرح استعمال ڪيو وڃي جنهن سان عوام جي ماهوار خرچن جو بار گهٽ ٿئي هن چيو ته حڪومت چاهي ٿي ته جن پيٽرول پمپس جي روزانو ڪجهه سو ٽوڪن استعمال ٿي رهيا آهن اتي اهو انگ هزارين تائين پهچي ۽ وڌيڪ شهري هن اسڪيم مان فائدو حاصل ڪن هن ٻڌايو ته سنڌ وٽ هن وقت حتمي مجموعي انگ اکر موجود ناهن پر لاڳاپيل ادارن وچ ۾ اثرائتو رابطو موجود آهي پيٽرول پمپن کي ادائيگين جو سائيڪل اٽڪل 24 ڪلاڪن ۾ مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جڏهن ته ڪنهن به مخصوص ادائيگي جي مسئلي جي صورت ۾، اسٽيٽ بئنڪ، اوگرا ۽ پيٽروليم وزارت گڏيل رابطي سان ان کي حل ڪن ٿا پيٽروليم واري وزارت موجب، 24 سيپٽمبر تائين ملڪ جي 10هزار کان وڌيڪ پيٽرول پمپن مان 8 هزار 500 کان وڌيڪ کي ادائيگيون ٿي چڪيون هيون. هن چيو ته هن اسڪيم جو مقصد خاص ڪري شاگردن، مزدورن، نوڪري ڪندڙن ۽ روزه مره جي اچ وڃ لاءِ موٽرسائيڪلون يا ننڍيون گاڏيون استعمال ڪندڙ شهرين کي سڌي ريت سهولت فراهم ڪرڻ آهي. ماهوار ٻن کان ٽن هزار روپين جو رليف موجوده حالتن ۾ گهريلو بجيٽ لاءِ وڏي معني سهولت ثابت ٿي سگهي ٿو مملڪتي وزير احتجاجي سياست بابت هڪ سوال جي جواب ۾ ٻڌايو ته هڪ طرف جيڪڏهن وفاقي حڪومت شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي ته ٻئي طرف، خيبر پختونخواهه ۾ دهشتگردي خلاف پوليس اهلڪار ۽ سيڪيورٽي فورسز جا اهلڪار پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري رهيا آهن اهڙي حالت ۾ سياسي ۽ انتظامي توانائي جو وڏو حصو پوليس کي وسيلن ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ، فرانزڪ سهولتن کي بهتر بڻائڻ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن جو مورال بلند ڪرڻ تي خرچ ڪرڻ گهرجي. اسلام آباد ۾ احتجاج ۽ سيڪيورٽي انتظامن جي حوالي سان هن چيو ته ڪنهن به حڪومت جي خواهش ناهي هوندي ته شهر ۾ ڪنٽينر رکيا وڃن رستا بند ٿين يا شهرين جي روزاني زندگي جو معمول متاثر ٿئي. جڏهن ته ماضي جي واقعن ۽ امن امان جي خدشن کي نظر ۾ رکندي رياست جي ذميواري آهي ته عوام، سرڪاري ۽ نجي ملڪيتن ۽ اهم ادارن جو تحفظ يقيني بڻائي هن چيو ته پرامن احتجاج هر سياسي پارٽي جو جمهوري حق آهي، جڏهن ته تشدد، پٿرائو، سرڪاري ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ يا قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي حملن جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي. حڪومت عوام جي تحفظ ۽ امن امان کي يقيني بڻائڻ لاءِ ضرورت موجب حفاظتي قدم کڻندي بلال اظهر ڪياني چيو ته اهو تاثر درست ناهي ته اسلام آباد مڪمل طور تي بند آهي، مان پاڻ گذريل ڪجهه ڏينهن دوران سيالڪوٽ، گجرات، جهلم، دينا ۽ سوهاوا مان ٿيندي اسلام آباد پهتو آهيان ۽ اچ وڃ جاري ڏٺي

بقايا 16 روزاني عبرت

تيزيءَ سان نه ڪيو وڃي، چيو ته ماضي ۾ به اسان اوڀر پاڪستان ۾ بنگلاديش جون چونڊون تيزيءَ سان ڪرايون هيون ۽ اڄ تائين اها تيزي اسان جي ڳچيءَ ۾ پيل آهي هن چيو ته پاڪستان هڪ ملڪ آهي جيڪو آئين تحت هلي ٿو ان ڪري اهو ڪم به پارليامينٽ جي ذريعي ڪيو ويندو جڏهن ته ضرورت پئي ته ملڪ ۾ ريفرنڊم به ڪرايو ويندو ڪيپٽن صفدر چيو ته اسان پنهنجي ايندڙ نسل ۽ قوم کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته سڀ کان پهريان هزارا صوبو بڻجندو جنهن لاءِ اسان پنج لاش کنيا آهن هن چيو ته ان کانپوءِ هر صوبي جون پنهنجون اسيمبليون آهن انهن جون قراردادون اينديون سندس چوڻ هو ته هزارا صوبي جي حوالي سان اسان جون قراردادون ڪيترائي ڀيرا پارليامينٽ ۾ اچي چڪيون آهن 2009ع جي اسيمبلي ۾ مون پوري دليلن سان 1901ع جي ريفرنس جي حوالي سان ڳالهه ڪئي هئي ڪيپٽن صفدر چيو ته پهريان هزارا صوبو ٺاهيو ان کانپوءِ ٻين سان گڏ ويهي ڳالهائينداسين

بقايا 17 روزاني عبرت

لاءِ پرنس رحيم آغا خان جي عزم کي ساراهيندي امن استحڪام ۽ ترقي جا گڏيل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ويجهو تعاون جاري رکڻ جي عزم کي ورجايو آهي. پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۾ خاص طور تي اسماعيلي برادري جون وڏيون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن معاشري جي لاءِ خدمت ۽ شهري شموليت جي ان قيمتي روايت کي ساراهيون ٿا جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل پريس رليز موجب، وزيراعظم محمد شهباز شريف نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي موقعي تي پرنس رحيم آغا خان پنجين سان ملاقات ڪئي وزيراعظم پرنس رحيم آغا خان پنجين جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ هلندڙ سال جي شروعات ۾ آغا خان جي پاڪستان جي دوري دوران ٿيندڙ پنهنجي ملاقات کي ياد ڪيو وزيراعظم پاڪستان سان پراڻن دوستاڻن ۽ مضبوط لاڳاپن کي مضبوط رکڻ جي لاءِ پرنس رحيم آغا خان جي عزم کي ساراهيندي امن استحڪام ۽ ترقي جا گڏيل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ساڻس ويجهو تعاون جاري رکڻ جي عزم کي ورجايو وزيراعظم پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۾ خاص طور تي اسماعيلي برادري جي وڏين خدمتن کي ساراهيو ۽ معاشري جي لاءِ خدمت ۽ شهري شموليت جي ان جي قيمتي روايت کي اجاگر ڪيو وزيراعظم آءِ ڪي ڊي اين سان لاڳاپيل ادارن جي مالياتي شموليت، سياحت جي فروغ، ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ مقامي آبادي جي شموليت سان معاشي خودمختياري جي فروغ لاءِ قيمتي خدمتن کي به ساراهيو وزيراعظم انهن شعبن ۾ وڌيڪ تعاون جي وڌڻ امڪانن مان ڀرپور لاڀ پرائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ته جيئن پاڪستان ۾ پائيدار ۽ جامع ترقي کي فروغ ڏئي سگهجي پرنس رحيم آغا خان وزيراعظم جي جذبن لاءِ ٿورن جو اظهار ڪيو ۽ هڪ اهڙي صورتحال ۾ جڏهن پورو خطو جنگ جي گرفت ۾ آهي علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ وزيراعظم جي ڪوششن کي خراج تحسين پيش ڪيو پرنس رحيم آغا خان پاڪستان ۽ اي ڪي ڊي اين جي وچ ۾ ڊگهي عرصي کان هلندڙ ڀائيواري کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي عزم کي ورجايو هن پاڪستان جي عوام جي ڀلائي لاءِ انساني ترقي جي مختلف شعبن، خاص طور تي صحت، تعليم، موسمياتي تبديلين جي اثرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت، ۽ پائيدار سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۾ تعاون جاري رکڻ ۽ سگهه ڏيڻ جي خواهش جو به اظهار ڪيو وزيراعظم پرنس رحيم آغا خان کي پاڪستان جي باقاعدگي سان دورا ڪرڻ جي دعوت ڏني ته جيئن ڪيترن ئي ڏهاڪن کان قائم دوستي ۽ تعاون جي رشتن کي وڌيڪ مضبوط ۽ گهرا ڪري سگهجي

بقايا 18 روزاني عبرت

ذهانت، کاڻين جي کوٽائي ۽ معدنيات سميت ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جي وڏن موقعن مان لاڀ پرائي سگهي ٿي هن اهڙن خيالن جو اظهار آمريڪا-پاڪستان بزنس ڪائونسل ۽ بزنس ڪائونسل آف انٽرنيشنل انڊر اسٽينڊنگ جي گڏيل وفد سان ڳالهائيندي ڪيو. وزيراعظم وفد جي آجيان ڪندي چيو ته اهي ڪائونسلون اسلام آباد ۽ واشنگٽن جي وچ ۾ اهم پل آهن هن چيو ته آمريڪا سان اسان جي لاڳاپن ۾ گذريل هڪ سال ۾ تمام گهڻي بهتري آئي آهي ان لاءِ هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسان گڏجي پاڪستان ۾ موجود موقعن تي سنجيدگي سان غور ڪريون وزيراعظم چيو ته پاڪستان ۾ مختلف شعبن ۾ بيشمار موقعا ۽ صلاحيتون ڪاروباري برادري ۽ سيڙپڪارن جون منتظر آهن پاڪستان ۾ توهان جي آجيان ڪرڻ ۽ سڀني معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيون وزيراعظم ٻڌايو ته اسان جي معيشت هاڻي مستحڪم ٿي رهي آهي ۽ اسان معاشي ترقي طرف وڌي رهيا آهيون بدقسمتي سان تازو تيل بحران اسان کي مشڪلاتن ۾ وجهي ڇڏيو تنهن هوندي به اسان پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون هن چيو ته امن جي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سهولت فراهم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پوري توانائي وقف ڪري رهيا آهيون هن چيو ته گذريل جون ۾، اسان صورتحال کي بهتر بڻائڻ جي قابل ٿيا هئاسين پر ان کان پوءِ صورتحال بيهر خراب ٿيڻ شروع ٿي وئي اميد آهي ته دوست ملڪن جي تعاون سان اسان هن صورتحال کي بهتر بڻائڻ ۽ خطي ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين وزيراعظم چيو ته خطي ۾ امن ۽ امان برقرار رهڻ ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري جي فروغ لاءِ تمام گهڻو ضروري آهي اسان وڏي حد تائين ادارتي سڌارا شروع ڪيا آهن معيشت کي ڊجيٽلائيز ڪري رهيا آهيون فيڊرل بورڊ آف روينيو ۽ اي گورننس لاءِ تيزي سان ڪم جاري آهي هن زراعت سميت ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جي نشاندهي ڪندي چيو ته زراعت سڀ کان اهم آهي اسان زراعت ۾ مصنوعي ذهانت ۽ پرجديد ٽيڪنالاجي ۽ جديد زرعي مشينري جي استعمال بابت به ڳالهه ڪريون ٿا، جنهن ۾ ڪمبائن هارويسٽر ۽ ٻيو سامان شامل آهي ته جيئن پيداوار ۽ ڪارڪردگي ۾ اضافو ٿئي، خرچ گهٽ ٿين ۽ هڪ هڪ داڻي کي محفوظ ڪري سگهجي هي اهو شعبو آهي جتي پاڪستان وٽ اڄ به سڀ کان وڌيڪ صلاحيت آهي وزيراعظم چيو ته کاڻين جي کوٽائي ۽ معدنيات جي شعبي ۾ الله تعالىٰ پاڪستان کي تمام گهڻن وسيلن سان نوازيو آهي ان کان علاوه، آئي ٽي ۽ اي آءِ سان لاڳاپيل قدم آهن اسان جي آبادي جو هڪ وڏو انگ نوجوانن تي ٻڌل آهي اسان انهن کي پيشيوراڻي تربيت ۽ مهارت فراهم ڪري بااختيار بڻائڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهيا آهيون نوجوان پاڪستان جو هڪ وڏو اثاثو آهن انهن تي ڌيان ڏيڻ انهن کي ڪارگر بڻائڻو آهي ۽ انهن جي لاءِ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻا آهن وزيراعظم چيو ته علائقي ۾ امن قائم رهڻ ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري جي فروغ لاءِ تمام گهڻو ضروري آهي اسان وڏي حد تائين ادارتي سڌارا شروع ڪيا آهن معيشت کي ڊجيٽلائيز ڪري رهيا آهيون ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو ۽ اي گورننس لاءِ تيزي سان ڪم جاري آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

جيولرز ايسوسيئيشن موجب جمعي ڏينهن سون جي في تولو قيمت 4 هزار 700 روپين جي اضافي کانپوءِ في تولو سون 4 لک 53 هزار 36 روپين جو ٿي ويو 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت 3 لک 84 هزار 375 روپين مان وڌي 3 لک 88 هزار 404 روپيا ٿي وئي جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 52 هزار 355 روپين کان وڌي 3 لک 56 هزار 50 روپيا ٿي وئي آل سنڌ صرافه جيولرز ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو ته في تولو چاندي جي قيمت 126 روپيا اضافي کانپوءِ 6 هزار 963 روپيا ۽ 10 گرام چاندي جي قيمت 108 روپين جي اضافي کانپوءِ 5 هزار 969 روپيا ٿي وئي

بقايا 20 روزاني عبرت

سطحي پارليامانِي وفد جمعي ڏينهن 25 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ پنهنجون مصروفيتون مڪمل ڪرڻ کانپوءِ ڪراچي پهچي ويو جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي تي سنڌ اسيمبلي جي سيڪريٽري جي ايم عمر فاروق، سينيئر اسپيشل سيڪريٽري سيد حسن علي شاهه ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ ۽ اسپيڪر سنڌ اسيمبلي جي اسٽاف آفيسر عبد الستار مهر مالديپ جي پارليامانِي وفد جو استقبال ڪيو وفد ۾ پارليامينٽ جا ميمبر ابراهيم شجاڻ محمد شاهد، محمد اسماعيل حسني مبارڪ، ابراهيم نسيم، محمد علي، محمد مامئوح، حنان محمد رشيد، ابراهيم ديدي محمد دائود، حسن وحيد، احمد عيفان آدم ظاهر حماد عبدالله ۽ ابراهيم شفاز شامل آهن مالديپ جو پارليامانِي وفد سڀاڻي ڇنڇر ڏينهن اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه سان صوبائي اسيمبلي سنڌ ۾ ملاقات ڪندو وفد سنڌ اسيمبلي جو دورو ڪندو جنهن جي وفد پاران سنڌ اسيمبلي جي پراڻي ايوان ۽ نئين ايوان جو پڻ دورو ڪيو ويندو

بقايا 21 روزاني عبرت

اي او سي) 25 کان 30 سيپٽمبر دوران ملڪ جي مٿاهين ۽ ٻين علائقن ۾ گجگوڙ سان تيز برسات ۽ امڪاني ٻوڏ جي خطرن کي نظر ۾ رکندي الرٽ جاري ڪري ڇڏيو اين اي او سي موجب اولهندي هوائن جو نئون موسمياتي سلسلو مٿاهين علائقن ۾ داخل ٿي چڪو آهي جنهن جي شدت ۾ 25 کان 26 سيپٽمبر دوران وڌيڪ واڌ جو امڪان آهي ان سلسلي تحت مٿاهين خيبرپختونخواهه، آزاد جمون ڪشمير گلگت بلتستان ۽ اسلام آباد ۾ تيز برسات سبب جابلو ندي نالن ۾ اوچتو چاڙهه ۽ هيٺين علائقن ۾ ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي اين ڊي ايم اي سمورن لاڳاپيل صوبائي ۽ ضلعي انتظامي ادارن کي الرٽ رهڻ، حساس هنڌن تي ايمرجنسي ريسپانس ٽيمن ۽ گهربل مشينري جو اڳواٽ بندوبست ڪرڻ ۽ پاڻي جي وهڪري جي مانيٽرنگ جي سخت هدايت ڪئي آهي اٿارٽي عوام کي هدايت ڪئي ته هو برسات دوران برساتي ندي نالن، ٻوڏ جي وهڪرن ۽ پاڻي هيٺ علائقن ۾ وڃڻ کان پاسو ڪن ۽ هيٺاهين وارن علائقن ۾ اڳواٽ احتياطي تدبيرون اختيار ڪن شهرين کي وقت سر ۽ تصديق ٿيل موسمي معلومات لاءِ پاڪ اين ڊي ايم اي ڊزاسٽر الرٽ موبائل ايپ کان رهنمائي وٺڻ جو مشورو ڏنو ويو آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

تبديل ٿيڻ گهرجن اها ڳالهه هن گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي سالياني اجلاس جي موقعي تي نيويارڪ ۾ ڪلائميٽ امپليمينٽيشن برج جي حوالي سان منعقد اعليٰ سطح جي تقريب کي خطاب ڪندي چئي ناڻي واري وزير موسمياتي تبديلين جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيل وعدن تي موثر عملدرآمد لاءِ ڪن بنيادي گهرجن جي نشاندهي ڪئي جن ۾ مضبوط پاليسي فريم ورڪ، مالي وسيلن تائين رسائي ۽ ملڪي سطح تي منصوبن کي عملي شڪل ڏيڻ جي صلاحيت شامل آهي هن موسمياتي پاليسي جي حوالي سان پاڪستان جي اڳڀرائي ۽ ملڪي وسيلن، عالمي مالياتي ادارن، ڪيپيٽل مارڪيٽ ۽ موسمياتي فنڊن ذريعي مالي وسيلا سرگرم ڪرڻ جي ڪوششن تي به روشني وڌي ناڻي واري وزير چيو ته اداراجاتي ريچا ۽ سيڙپڪاري ۽ مالي سهڪار حاصل ڪرڻ جي قابل منصوبن جي گهٽتائي بدستور موثر عملدرآمد ۾ رڪاوٽ آهن پاڪستان ۾ سال 2022ع ۾ آيل ٻوڏ جو حوالو ڏيندي هن چيو ته عالمي سهڪار جي وعدن باوجود مناسب منصوبن جي عدم موجودگي سبب ڪجهه مالي وسيلا استعمال نٿا ٿي سگهن وفاقي ناڻي واري وزير برج ۾ پاڪستان جي شرڪت جي آجيان ڪندي شراڪتدارن تي زور ڀريو ته اهڙن عملي فيصلن تي اتفاق راءِ پيدا ڪن جيڪي انهن قدمن کي رڳو ڳالهين کان اڳتي وڌائي عملي قدمن طرف کڻي وڃن

بقايا 23 روزاني عبرت

جي چيئرمين پاسٽر جاويد نعمت جي ميزباني هيٺ مقامي هوٽل ۾ ٿي گذري سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد ۽ متحده پاڪستان جي ايم پي اي مهيش ڪمار هاسيجا گڏجاڻي ۾ خصوصي شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ چرچ آف پاڪستان حيدرآباد ڊائوسيس جي سيڪريٽري عمران جوزف، ڪيٿولڪ چرچ، پاسٽريٽ الائنس حيدرآباد، يونائيٽيڊ پاسٽريٽ چرچ الائنس ضلع جامشورو ڪرائيسٽ ان ون چرچ الائنس حيدرآباد سان گڏوگڏ حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ٽنڊوڄام ۽ ڄام شوري سان لاڳاپو رکندڙ پاسٽرس فادرس، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ ڪيٿلڪ شرڪت ڪئي ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد شرڪت ڪندڙن کي ڪرسچن ميريج ايڪٽ بل 2026ع جي مقصدن اهم شقن ۽ تجويز ڪيل قانوني سڌارن بابت، جڏهن ته مهيش ڪمار هاسيجا مسودي جي تياري بابت تفصيلي بريفنگ ڏني اجلاس دوران مسيحي خانداني قانونن ۾ سڌارن جي ضرورت، موجوده قانوني نظام ۽ تجويز ڪيل قانون بابت شرڪت ڪندڙن جي سوالن ۽ خيالن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي مختلف چرچز ۽ چرچ الائنسز سان تعلق رکندڙ پاسٽرن 154 سالن کانپوءِ مسيحي برادري سان لاڳاپيل قانونسازي جي عمل کي اڳتي وڌائڻ تي سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد جي ڪوشش کي ساراهيو اجلاس ۾ شريڪ پاسٽرن پنهنجي لاڳاپيل چرچز ۽ الائنسز پاران ڪرسچن ميريج ايڪٽ بل 2026ع جي حمايت جو اظهار ڪيو ۽ ان معاملي تي وڌيڪ مشاورت جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو شرڪت ڪندڙن زور ڀريو ته مسيحي خانداني قانونن بابت قانونسازي ۾ ڪميونٽي چرچ قيادت، قانوني ماهرن ۽ لاڳاپيل ڌرين جي مشاورت کي اهميت ڏني وڃي پروگرام ۾ حيدرآباد ڊويزن سان تعلق رکندڙ سياسي، سماجي ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ سماجي ڪارڪنن پڻ شرڪت ڪئي پروگرام جي پڄاڻي تي مسيحي برادري سان لاڳاپيل قانوني سڌارن جي عمل کي مشاورت، شفافيت ۽ گڏيل شرڪت سان اڳتي وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

بقايا 24 روزاني عبرت

سان بدتميزي ڪرڻ تي ايم پي اي روما مشتاق متو کي معافي وٺڻي پئي، مليل ڄاڻ مطابق سنڌ اسيمبلي ۾ ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد پاران پيش ڪيل مسيحي خانداني قانون جي مسودي تي بحث ڪرڻ لاءِ اسٽينڊنگ ڪميٽي جي گڏجاڻي ڪنوينر ڊاڪٽر ڪرنل جيوڻ جي صدارت ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ صوبائي صلاحڪار شام سندر آڏواڻي، گيانچند ايسراڻي، مهيش ڪمار هاسيجا، انيل ڪمار، روما مشتاق متو، لياقت علي آسڪاڻي، محمد فاروق اعوان، بلال خان جدون ۽ ضياءالحسن شرڪت ڪئي جڏهن ته بل پيش ڪندڙ انٿوني نويد ۽ بل ۾ ترميم تجويز ڪندڙ ايم پي اي ماروي فصيح پڻ شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ بل جي مختلف شقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي ماروي فصيح راشدي پاران بل ۾ ڪجهه ترميمون پيش ڪيون ويون جن کي ميمبرن جي اڪثريت رد ڪيو، جڏهن ته ايم پي اي روما مشتاق متو پاڻ کي چرچ جو نمائندو چوندي سوشل ميڊيا تي بل بابت فيڊبيڪ ڪمپيئن ڏيکاري ته عوام بل کي رد ڪري ٿو ان دوران سندس ۽ ايم پي اي مهيش هاسيجا ۽ ماروي فصيح سان سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي، جنهن تي ڪجهه ميمبرن روما مشتاق خلاف استحقاق جي رٽ آڻڻ جي ڳالهه ڪئي جنهن بعد روما مشتاق معذرت ڪئي پيپلز پارٽي پاران پيش ڪيل بل تي پيپلز پارٽي جي ئي ميمبر پاران ڪيل تنقيد جنهن ۾ ڪنهن به شق جو حوالو ڏيڻ بدران صرف اهو چوڻ ته بل اسان کي قبول ناهي ان عمل تي مخالف ڌر جي ايم پي ايز حيرت جو اظهار ڪيو ڪميٽي جي ايندڙ گڏجاڻي ۾ مختلف چرچز جي اعليٰ قيادت کي دعوت ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

تبديل ڪرڻ گهرجي سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ڪائونسل آف دي ريپبلڪ بيلاروس جي چيئرپرسن نتاليا ڪوچانووا جي دعوت تي بيلاروس جي دوري تي آهي، جنهن دوران اعليٰ سطحي ۽ اهم ملاقاتون ۽ سرگرميون منعقد ڪيون وينديون دوري جو مقصد پاڪستان ۽ بيلاروس جي پراڻي دوستي کي عملي پارليامانِي، اقتصادي، صنعتي ۽ فني تعاون ۾ تبديل ڪرڻ آهي ڪائونسل آف دي ريپبلڪ بيلاروس جي قيادت سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندي سينيٽ چيئرمين شاندار استقبال تي ٿورو مڃيو ۽ ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پاڪستان جي عزم کي ورجايو سينيٽ چيئرمين ڪائونسل آف دي ريپبلڪ جي چيئرپرسن نتاليا ڪوچانووا سان تفصيلي ڳالهيون ٿيون جن جي شروعات ون آن ون ملاقات سان ٿي جنهن کان پوءِ ٻنهي ملڪن جي وفدن جي وچ ۾ تفصيلي ڳالهيون ٿيون ٻنهي ڌرين ٻطرفي ۽ بين الپارليامانِي لاڳاپن 2025-2027ع لاءِ تعاون جي روڊ ميپ تي عملدرآمد، پارليامانِي دوستي گروپن، علائقائي رابطي بئنڪنگ تعاون ۽ انساني بنيادن تي متاسنا جو جائزو ورتو ٻنهي ڌرين طرفان گڏيل منصوبن ٽيڪنالاجي جي منتقلي اسيمبلي جي پيداوار، زراعت، دواسازي جي شعبن ۾ تعاون جي امڪانن تي پڻ زور ڀريو ويو دوري جو هڪ اهم نتيجو بيلاروس جي ڪائونسل آف دي ريپبلڪ ۽ پاڪستان جي سينيٽ وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون هيون مفاهمتي يادداشت تي نتاليا ڪوچانووا ۽ سيد يوسف رضا گيلاني صحيحون ڪيون مفاهمت جي يادداشت ٻنهي ايوانن جي وچ ۾ باقاعده پارليامانِي متاسنا، ادارجاتي تعاون ۽ بين العلائقائي تعاون، عالمي پارليامانِي پليٽ فارمن تي مربوط رابطن لاءِ فريم ورڪ فراهم ڪيو ويو آهي سينيٽ چيئرمين ان معاهدي کي پاڪستان ۽ بيلاروس جي وچ ۾ بين البرلياماني لاڳاپن کي نئين سطح تي وٺي وڃڻ طرف اهم عملي قدم قرار ڏنو

بقايا 26 روزاني عبرت

ڇڏيو آهي عدالت پاران ڪيس جو فيصلو جمعي تي ٻڌائڻو هو پر جج امجد شاهه جو موڪل تي هجڻ سبب فيصلو نه ٻڌايو ويو عدالت ڪيس جو فيصلو پهرين آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا 27 روزاني عبرت

راجوڻي فيصلي ۾ ٻنهي ڌرين جي مشيرن معززن ۽ برادري جي ماڻهن شرڪت ڪئي ڌرين جا بيان ٻڌڻ بعد فتوا جاري ڪئي وئي جنهن ۾ اهو ٽڪي ڪيو ويو ته مولا بخش واري ڌر جي هٿيارٻندن هٿان مارجي ويل بلاول ٻروهي ۽ جهانگير ٻروهي جي هٿيارٻندن هٿان بدلي ۾ مارجي ويل مدذجي واسي صادق ٻروهي جو خون ۾ پاڻيو ويو جڏهن ته زخمين جو خرچ خرچ ڌرين معاف رکيو ويو جڏهن ته اڳرائي ڪندڙ ڌر مٿان هڪ ڪروڙ رپيا چٽي رکي وئي آهي ڌرين کي ڀاڪر پارائي کير کنڊ ڪيو ويو

بقايا 28 روزاني عبرت

اڳواڻن شرڪت ڪري هٿن ۾ بئنر ۽ جهنڊا کڻي اشارن جي ذريعي وس وارن کي اپيل ڪندا رهيا ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پنهنجي پريس پڌرائي ۾ چيو ته اسان جي تنظيم 2011ع کان وٺي گونگن ۽ ٻوڙن جي حق جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي افسوس آهي جو سنڌ حڪومت توڙي وفاقي حڪومت طرفان 5 سيڪڙو معذور ڪوٽا تي عملدرآمد نه ڪرڻ جي ڪري هن وقت نه صرف سنڌ پر ٻين صوبن ۾ ڪيترائي گونگا ۽ ٻوڙا بيروزگاري کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته اسان سميت ٻيا گونگا ۽ ٻوڙا تعليم يافته هئڻ سان گڏ هنرمند پڻ آهن پر ان جي باوجود کين پنهنجي جائز حق ۽ مراعتن کان محروم رکيو ويو آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڇڏيس معطل ٿيل هيڊماسٽر پريس ڪلب پهچي اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ عيوض رشوت وٺي من پسند بجيٽ جاري ڪرڻ توڙي انتقام جو نشانو بڻائڻ جو الزام لڳائيندي انصاف جي گهر ڪئي آهي

بقايا 30 روزاني عبرت

ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته ديهه نهال مياڻي ۾ منهنجي 4 جريب زرعي زمين سميت ڳوٺ ۾ هڪ رهائشي گهر پڻ آهي

بقايا 31 روزاني عبرت

ڪري خوشي ٿي ملاقات ۾ هن پنهنجي والد مرحوم آغا خان چوٿين جي پاڪستان جي ترقي ۽ سندس عوام جي ڀلائي لاءِ وڏين خدمتن جو ذڪر ڪيو جمعي ڏينهن ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته ملاقات دوران پرنس رحيم آغا خان سان خاص طور تي صحت جي شعبي ۾ خدمتن، زراعت، گوناگون ترقي، موسمياتي لچڪ ۽ نوجوانن ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ جي شعبن ۾ ڊگهي مدي واري ڀائيواري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

بقايا 32 روزاني عبرت

باڻرائي جي ڳوٺ علي آباد جي رهواسي پورهيت گهر سروري جي قسط نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پورهيت غلام فريد ابڙو دانهيندي چيو ته مان بسڪيٽن جي بيڪري تي پورهيو ڪري گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان

بقايا 33 روزاني عبرت

بي ٽي ايس لنڪ روڊ ريونيو ڪالوني جي رهواسي خانگي اسڪول جي نائب قاصد مالي مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي امير بخش ميربحر دانهيندي چيو ته مان گذريل 35 سالن کان ولي لاڙڪاڻي جي ڊائريڪٽر پرائمري ريجنل آفيس ۾ نائب قاصد طور ڊيوٽي ڪري گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان

بقايا 34 روزاني عبرت

ڏسي علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڏني پوليس پهچي تحويل ۾ وٺي لاش ڪڍائي چانڊڪا اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جتي پيرسن جي سڃاڻپ ٿي ميهڙ شهر واسي قاسم بليدائي طور ٿي جنهن کان پوءِ پوليس ضروري قانوني ڪارروائي بعد پيرسن جو لاش سندس چاچي بهادر بليدائي حوالي ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 35 روزاني عبرت

پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پورهيت عبدالستار موريو پنهنجي ڀيڻ عزران خاتون، معصوم پٽ محمد حسين ۽ باسط موريو سان گڏجي دانهيندي چيو ته اٽڪل 13 سال اڳ منهنجي شادي پاڙي واسي سعيد سومرو جي ڀيڻ سعيده خاتون سان ٿي

بقايا 36 روزاني عبرت

احتجاج ڪيو ان موقعي تي پيرسن پورهيت حبيب الله چاچڙ دانهيندي چيو ته مان گڏهه گاڏو هلائي گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان الزام لڳايو ته سال 2010ع دوران قمبر جي ڳوٺ لشڪري چانڊيو واسي بااثر پوليس جمعدار همت چانڊيو مون کان اڌار تي 3 هزار روپيا وٺندي ڪجهه ڏينهن اندر واپس ڏيڻ جو چيو هيو پر افسوس جو 16 سال گذرڻ بعد هن وقت تائين مون کي پنهنجو حق ناهي ڏنو ويو

بقايا 37 روزاني عبرت

آفيسون ڇنڇر ڏينهن 26 سيپٽمبر تي به معمول مطابق کليل رهنديون ايف بي آر پاران ان حوالي سان سمورن ڪمشنرز ان لينڊ ريونيو آفيسن کي جاري خط ۾ هدايت ڪئي وئي آهي ته لارج ٽيڪس پيئرز آفيسون (ايل ٽي اوز)، ڪارپوريٽ ٽيڪس پيئرز آفيسون (سي ٽي اوز) ۽ ريجنل ٽيڪس آفيسون (آر ٽي اوز) ڇنڇر 26 سيپٽمبر تي معمول مطابق کليل رکيون وڃن ته جيئن حڪومتي ڊيوٽيز ۽ ٽيڪسن جي وصولي جو عمل جاري رهي

بقايا 38 روزاني عبرت

آهي ته اولهندي ڪناري ۾ سال 2023ع کان هن وقت تائين 6500 کان وڌيڪ فلسطيني شهري اسرائيلي آبادڪارن جي حملن ۽ پهچ تي پابندين سبب بي گهر ٿي چڪا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه جمعي ڏينهن گڏيل قومن جي انساني معاملن جي شعبي (او سي ايڇ اي) هڪ بيان ۾ چئي اوچا ٻڌايو ته هڪ تازي نقشي ۾ انهن آبادين جا هنڌ ڏيکاريا ويا آهن جتان ماڻهو بي گهر ٿيا، جن ۾ سال 2023ع کان هن وقت تائين آبادڪارن جا 6 هزار کان وڌيڪ حملن وارا هنڌ به شامل آهن

بقايا 39 روزاني عبرت

اسٽيٽ ڪمپني "ريڊ سي گلوبل" مملڪت ۾ ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري تي هڪ نئون مرينا ۽ ياٽ ڪلب "اپريٽو ياٽ نيٽ ورڪ" جي شروعات ڪري ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق ان جي شروعات سياري موسم کان ٿيندي جڏهن ته سال 2027ع ۾ وڌيڪ مرينا ۽ انڪريج شامل ٿيندا، ان جو مقصد ساموندي تفريح کي منظم بڻائڻ لاءِ ٻيڙين جي مالڪن سياحن ۽ عملي کي ساموندي ڪناري جي مختلف هنڌن جي حوالي سان جامع سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ آهي

بقايا 40 روزاني عبرت

9 ٽيسٽ مرڪزن ۾ ورتي وئي هئي جيڪي ڪراچي، حيدرآباد، جامشورو ميرپورخاص، شهيد بينظير آباد، لاڙڪاڻي سکر ۽ اسلام آباد ۾ واقع هئا ان ٽيسٽ جي غير حتمي رزلٽ جنهن ۾ داخلا لاءِ ڪواليفائي ڪندڙ اميدوارن جي فهرست پڻ شامل آهي پڌري ڪئي وئي آهي جنهن مطابق پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل پاران پاس ڪرڻ لاءِ ميڊيڪل ڪاليجن واسطي 55 سيڪڙو ۽ ڊينٽل ڪاليجن لاءِ 50 سيڪڙو واري حد کي نظر ۾ رکيو ويو آهي

بقايا 41 روزاني عبرت

واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ جي صدارت هيٺ قانون سازي جي معاملن کي درست ڪرڻ بابت ڪابينا ڪميٽي جو اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ لاڳاپيل وزارتن، ادارن ۽ ڊويزنن جي عملدارن شرڪت ڪئي وزارت جي ترجمان موجب اجلاس ۾ ڪابينا ڪميٽي آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي فيس اينڊ چارجز رولز جي منظوري ڏني ڪميٽي بجلي جي پيداوار فراهمي ۽ ورڇ بابت قانون ۾ ترميم جي پڻ مشروط منظوري ڏني

بقايا 42 روزاني عبرت

علائقائي ڊائريڪٽر سائمن اينڊريوز جمعي ڏينهن هتي ملاقات ڪئي جنهن دوران پاڪستان ۾ نجي شعبي جي سيڙپڪاري ۽ ترقياتي تعاون بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي. وفاقي وزير گڏيل پاڪستان جي ڏي وٺ ڪئي وفاقي وزير گذريل چئن سالن دوران پاڪستان ۾ آءِ ايف سي جي وڌندڙ ڪردار ۽ ملڪ لاءِ عالمي بئنڪ گروپ جي ڪنٽري پارٽنرشپ فريم ورڪ تحت ايندڙ 10 سالن دوران هر سال ٻه ارب آمريڪي ڊالرن تائين جا وسيلا متحرڪ ڪرڻ جي عزم کي ساراهيو احد چيمه چيو ته ان تعاون ۾ پاڪستان جي ترجيحن ۾ ننڍا ۽ وچولي درجي جا ڪاروبار پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ منصوبا ۽ هائوسنگ فنانس سميت ٻيا شعبا شامل آهن ملاقات دوران پاڪستان جي معيشت ۾ ايس ايم ايز جي ڪردار تي به ڳالهه ٻولهه ٿي سائمن اينڊريوز ان شعبن ۾ آءِ ايف سي جي دلچسپي جو اظهار ڪيو

بقايا 43 روزاني عبرت

رهيم جي امن ۽ ڪنٽرول وارين دعوائن جي ابتڙ سيڪيورٽي بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي ۽ طالبان مخالف مزاحمتي فورسز جي هٿياربند ڪارروايون ۾ نئين لهر ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي طالبان مخالف تنظيم افغانستان يونائيٽيڊ فرنٽ ڪابل ۽ قنڌار ۾ اهم تنصيبات ۽ اهم شخصيتن کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-338858321-2026	SURFACE WELL TESTING (SWT) SERVICES	13.10.2026 AT 1430 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-ADMIN-60-4520-338941428-2026	AVIATION SERVICES	14.10.2026 AT 1430 Hrs
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-338952810-2026	PIPELINE INTRUSION AND LEAK DETECTION SYSTEM	14.10.2026 AT 1430 Hrs

EXTENSION IN BID

CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **22.08.2026, 26.08.2026, 08.09.2026** and **12.09.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-CNESS-60-4448-334152958-2026	CONSULTANCY SERVICES FOR THE DESIGN AND IMPROVEMENT OF NASHPA AND SINJHORO CAMPS, SINDH	05.10.2026 AT 1430 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-331177108-2026	INTEGRATED STRUCTURAL GEOLOGICAL MODELING STUDY OF THE NOWSHERA BLOCK, KPK	06.10.2026 AT 1030 HRS
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-331072422-2026	GEOLOGICAL FIELD WORK SERVICES FOR KOHLU EXPLORATION LEASE (E.L.)	09.10.2026 AT 1030 HRS
4.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-334468931-2026	PROVISION OF HEAVY OIL PROCESSING FACILITIES FOR RAJIAN FIELD, DISTRICT CHAKWAL, PUNJAB	12.10.2026 AT 1430 HRS
5.	OGDC-SCM-FC-CB-PNP-SINJHORO-332212678-2026	PROCUREMENT OF WARM AND COLD FLARE TIP	15.10.2026 AT 1100 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-920023540/3795

ogdcl.com
No.186/16

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION WE EXPLORE PROSPERITY

ايڊيٽوريل

آمريڪا ۽ چين: مقابلي کان سهڪار ڏانهن؟
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
26 سيپٽمبر: ايٽمي هٿيارن جي خاتمي جو ڏينهن ۽ اسٽينسلاو پيٽروف
صفحو 4

روزاني عبرت

سمجهڻ جو فلسفو
عبدالرحمان پيرزادو
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن — 26 سيپٽمبر
صفحو 4

فريدآباد ۾ ڳوٺ مُلو اسماعيل بروهي جو پرائمري اسڪول گذريل 8 مهينن کان بند

پرائمري اسڪول ڳوٺ مُلو اسماعيل بروهي ۾ استاد نہ هجڻ سبب 300 شاگردن جو مستقبل داءُ تي لڳل

اسڪول ۾ 8 مهينن کان استاد مقرر نہ هجڻ خلاف شاگردن ۽ ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

اسان جي اسڪول ۾ 300 شاگرد تعليم پرائيندا پر استاد نہ هجڻ ڪري اسڪول بند پيل آهي، مستقبل تباهہ ٿي رهيو آهي: ڳوٺاڻا

فريدآباد ۾ ڳوٺ مُلو اسماعيل بروهي جو پرائمري اسڪول بند هجڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

فريدآباد(ن ع) فريدآباد ۾ ڳوٺ مُلو اسماعيل بروهي جو پرائمري اسڪول 8 مهينن کان استاد نہ هجڻ سبب بند، 300 شاگردن جو مستقبل داءُ تي، شاگردن ۽ ڳوٺاڻن جو احتجاج ان ڏس ۾ فريدآباد پريسان ڳوٺ ملو اسماعيل بروهي جي پرائمري اسڪول ۾ 8 مهينن کان استاد مقرر نہ هجڻ خلاف شاگردن ۽ ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن ۾ شاگرد عطا الله بروهي، رجب بروهي سلطان بروهي، اسما خاتون، رخسانا خاتون، سعيده خاتون ۽ ڳوٺاڻن امان الله بروهي، سيف الله بروهي، شفي محمد بروهي، ضهير بروهي ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.احتجاج ڪندڙن ڏانهيندي چيو تہ اسان جي اسڪول ۾ 8 مهينن کان استاد مقرر ناهي، اسان جي اسڪول ۾ 300 شاگرد تعليم پرائيندا پر استاد نہ هجڻ ڪري اسڪول بند پيل آهي جنهن سبب اسان جي ٻارڙن جو مستقبل تباهہ ٿي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو تہ اسان ٽي اي او ميهڙ ۽ ڊي اي او دادو کي بار بار اپيلون ڪيون آهن پر ڪو بہ آفيسر نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي. هنن وزير تعليم سنڌ، سيڪريٽري تعليم ۽ ڊائريڪٽر پرائمري حيدرآباد، ڊي اي او دادو کان مطالبو ڪيو آهي تہ فوري طور تي ڳوٺ ملو اسماعيل بروهي جي اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري 300 شاگردن جو مستقبل بچايو وڃي!

نامور ايڊووڪيٽ عبدالغفار هنگورو جي پهرين سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جو مهورت

سنڌي ٻوليءَ کي جديد علم، قانون ۽ تحقيق جي شعبن سان ڳنڍڻ جي اهميت تي پڻ روشني وڌي وئي

سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي مهورت سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ قانوني سفر ۾ هڪ اهم قدم قرار

اهڙي قسم جون ڊڪشنريون سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ قانوني ذخيري ۾ اهم اضافو ثابت ٿي سگهن ٿيون: مقررين

حيدرآباد نامور ايڊووڪيٽ عبدالغفار هنگورو جي پهرين سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي مهورتي تقريب ۾ مقرر خطاب ڪندي

حيدرآباد(رپورٽ: اعجاز لغاري) سنڌي ٻوليءَ ۾ قانوني اصطلاحن ۽ قانوني علم کي عام فهم بڻائڻ لاءِ نامور ايڊووڪيٽ عبدالغفار هنگورو طرفان تيار ڪيل قانون جي پهرين سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي مهورتي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علمي، ادبي ۽ قانوني شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب دوران مختلف مقررن سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي اهميت، افاديت ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ قانوني اصطلاحن جي واڌاري بابت پنهنجا ويچار ونڊيا. تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر فتح محمد مري، وائيس چانسلر ڄامشورو ڊاڪٽر سيد سردار شاهہ، ڊڪشنري جي ليکڪ ايڊووڪيٽ عبدالغفار هنگورو، ايڊووڪيٽ اياز حسين تنيس سيد شهزاد شاهہ ۽ ڊاڪٽر ظفر جوڻيجو سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري تي پنهنجا خيال پيش ڪيا. مقررن پنهنجي خطابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، قانوني علم جي واڌاري ۽ قانوني اصطلاحن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندو هنن چيو تہ اهڙي قسم جون ڊڪشنريون سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ قانوني ذخيري ۾ اهم اضافو ثابت ٿي سگهن ٿيون ۽ شاگردن، وڪيلن محققن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ فائديمند ثابت ٿينديون. تقريب دوران سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي تياري ۽ ان جي افاديت کي ساراهيندي، سنڌي ٻوليءَ کي جديد علم، قانون ۽ تحقيق جي شعبن سان ڳنڍڻ جي اهميت تي پڻ روشني وڌي وئي. مقررن ڊڪشنري جي تياري ۾ ڪيل ڪوششن کي ساراهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ اهڙن علمي منصوبن کي جاري رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي مهورت کي سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ قانوني سفر ۾ هڪ اهم قدم قرار ڏيندي، ان جي وڌيڪ پذيرائي ۽ استعمال لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو.

حيدرآباد ۾ حيسڪو عملدارن جو بجلي چوري واري ڌنڌو معصوم انساني جانين لاءِ موت جو ڪارڻ بڻجي ويو

هائي وولٽيج تارن ۾ وڄڙي فوت ٿيل نينگر جي وارثن تي تشدد، ڪيس تان هٿ نہ ڪڻڻ جي صورت ۾ قتل جون ڌمڪيون

گهر ٻاهران هائي وولٽيج جي تار ڪريل هئي، اطلاع باوجود حيسڪو عملدارن هٽائي مٽي پنهنجي جاءِ تي نہ لڳائي: شمائلا

چاچايل ڪيس ريڊ ٿاڻي تي داخل ڪرايو تہ بجلي چوري ڪندڙ رفيق نوناري، رشيد،اظهر،رجب،عجب ۽ ٻين گهر تي حملو ڪري تشدد ڪيو

حيدرآباد (رپورٽ: اعجاز لغاري) حيدرآباد ۾ حيسڪو اختيارين جي ملي ڀڳت غيرقانوني بجلي چوري جو ڌنڌو معصوم انساني جانين لاءِ موت جو ڪارڻ بڻجي ويو بجلي چوري ڪان 11هزار وولٽيج جي تارن جي مرمت بہ ٺيڪيدارن حوالي ٿيل، هائي وولٽيج تارن ۾ وڄڙي فوت ٿيل نينگر جي وارثن تي تشدد، ڪيس تان هٿ نہ ڪڻڻ جي صورت ۾ قتل جون ڌمڪيون، ڳوٺاڻن جو احتجاج انصاف جو مطالبو حيدرآباد ۾ حيسڪو اختيارين جي ملي ڀڳت سان مختلف علائقن ۾ جاري بجلي چوري ڪري وڪرو جو ڌنڌو وڌي وڃڻ بعد واپڊا اختيارين بجلي جو سمورو نظام خانگي بجلي چورن حوالي ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب معصوم جانيون ضايع ٿيڻ معمول بڻيل آهي ان سلسلي ۾ حيدرآباد جي ڳوٺ عدل نوناري ۾ 42ڏينهن اڳ گهر ٻاهران 11هزار هائي وولٽيج جي تار ۾ وڄڙي فوت ٿيل 5ورهين جي معصوم ٻارڙي جي امڙ شمائلا زال شاهمير نوناري ۽ ٻين وارث عورتن حيسڪو حيدرآباد ۽ بجلي چورن جي ظلم خلاف ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي فوتي نينگر جي امڙ شمائلا ڏانهيندي الزام هنيو تہ 13آگسٽ2026ڌاري سندس گهر ٻاهران 11هزار وولٽيج جي تار ڪريل هئي جنهن بابت حيسڪو اختيارين کي اطلاع ڪرڻ توڙي ڳوٺ ۾ حيسڪو اختيارين جي ملي ڀڳت سان بجلي چوري ڪري وڪرو ڪندڙن کي اطلاع باوجود تار گهر ٻاهران هٽائي مٽي پنهنجي جاءِ تي نہ لڳائي ۽ چاچايل 11هزار وولٽيج جي تار ۾ منهنجو معصوم 5ورهين جو پٽ عبدالصمد وڄڙي فوت ٿي ويو ۽ جنهن بعد تار کي مقامي ماڻهن مٿان بجلي بند ڪرائي جڳهہ جڳهہ تان جوڙ لڳل هائي وولٽيج تار کي گهر ٻاهران لٽڪائي ڇڏيو جيڪا منهنجي پٽ جي ڪيچهي تي بيهرڪتي ڪري پئي جنهن تي اسان چاچايل ڪيس ريڊ ٿاڻي تي داخل ڪرايو جنهن تي حيسڪو جي ملي ڀڳت سان بجلي چوري ڪندڙ رفيق نوناري، رشيد،اظهر،رجب،عجب ۽ ٻين منهنجي گهر تي حملو عورتن کي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻائي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس تان هٿ نہ ڪڻڻ جي صورت ۾ سوتمار ڌمڪيون ڏنيون ۽ ڳوٺ مان لڏي وڃڻ لاءِ ڌمڪايو هن چيو تہ منهنجي معصوم پٽ جا چاچايل ماڻهو ۽ حيسڪو عملدار قاتل آهن جن کي گرفتار قانون موجب سزائون ڏئي انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ حيسڪو چيف جي آفيس سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻنداسين جنهن جي ذميواري حيسڪو چيف تي هوندي

سڪرنڊ ۾ حضور سرور ڪائنات صہ جن جي جشن ولادت ۽ پيران پير سيدنا عبدالقادر جيلاني جن جي يارهين شريف جو گڏيل پروگرام

سڪرنڊ (ن ع) فقير صفت نوجوان محمد امجد خانزاده پاران خانزاده هائوس سڪرنڊ تي حضور سرور ڪائنات صہ جن جي جشن ولادت ۽ پيران پير سيدنا عبدالقادر جيلاني جن جي يارهين شريف جو گڏيل پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ خانزاده برادري ڪانسواءِ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن پڻ شرڪت جن ۾ سيد شبير شاهہ امجد راول، قاضي جاويد سنائي، عادل قيوم خانزاده، محمد پريل انڙ ۽ ٻيا شامل هئا ان موقعي تي سنڌ جي مشهور نعت خوان الطاف حسين نقشبندي، حافظ مٺل سڪندري، نظير احمد نقشبندي ۽ علي شير قادري آقا ڪريم صہ جن جي شان ۾ نعت شريف جا نذرانا پيش ڪيا پروگرام ۾ جماعت اهلسنت جي ڊويزنل امير سيد نور محمد شاهہ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جنهن ڄاڻايل موضوع تي تفصيلي بيان ڪيو جنهن ۾ عشق رسول صہ ۽ عشق دستگير جون فضيلتون شامل هيون پروگرام دوران ميزبان امجد خانزاده محفل ميلاد ۾ آيل سمورن مهمانن جو شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو ويو ۽ ڪين گلن جا هار پارايا محفل ميلاد ۾ وسيم احمد، سيد غلام نبي سيد محمد حنيف سميت پڻ ٻيا شامل هئا پروگرام جي پڄاڻي تي مهمانن لاءِ سٽ 7 طعام تيار ڪري مهمان نوازي ڪئي وئي

ميهڙ شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاج جاري

شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

شهر جي مختلف علائقن مان ريلي جي صورت ۾ مارچ ڪندي پنهنجا مطالبا پيش

ميهڙ (ن ع) ميهڙ شهر ۾ صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم نہ ٿيڻ صفائي سٿرائي جي ناقص انتظامن گندگي جا ڍير ختم نہ ٿيڻ ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم نہ ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي احتجاجي جدوجهد 13هين ڏينهن بہ جاري رهي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو جي سڏ تي شهر ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ شهرين، وڪيلن، سماجي اڳواڻن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. احتجاجي ريلي ۾ شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو، ايڊووڪيٽ مير ڪوسو ايڊووڪيٽ منور جتوئي، محمد ايوب ڪوسو ايڊووڪيٽ عبدالرحيم ٻگهيو، صابر راڄڙ، محمد اسماعيل بروهي، حافظ منظور چانڊيو ايڊووڪيٽ پنهل ڪوسو حبيب حضوري، محمد عرس ڪوسو محمد خان ڪوسو نبي بخش تيوٽو سائين عبدالفتاح شاهہ ربير سمون نبيل پنهور دلبر ڪوسو ۽ ٻين شهرين شرڪت ڪئي احتجاج ڪندڙن شهر جي مختلف علائقن مان ريلي جي صورت ۾ مارچ ڪندي پنهنجا مطالبا پيش ڪيا. ان موقعي تي شهري اتحاد جي اڳواڻن ۽ شهرين چيو تہ ميهڙ شهر جي ڪيترن ئي علائقن ۾ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي جي فراهمي جو مسئلو سنگين بڻجي ويو آهي، جنهن سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو تہ جيڪي پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٿو اهو بہ پاڻي جي معيار بابت شهرين ۾ خدشا موجود آهن جڏهن تہ ڪيترن ئي علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي بہ مناسب طريقي سان نہ ٿي رهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو تہ شهر جي مختلف پاڙن، گهٽين ۽ روڊن تي گندگي جا ڍير موجود آهن، جڏهن تہ صفائي جو نظام پڻ بهتر نموني ڪم نہ ڪري رهيو آهي گندگي جي بروقت صفائي نہ ٿيڻ سبب شهرين کي روزمره جي زندگي ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي اڳواڻن چيو تہ ميهڙ هڪ اهم شهر هجڻ باوجود شهرين کي پيئڻ جو صاف پاڻي، بهتر صفائي ۽ ٻيون بنيادي سهولتون مڪمل طور تي فراهم نہ ٿيڻ افسوسناڪ صورتحال آهي هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ شهر جي پاڻي ۽ صفائي واري نظام جو فوري جائزو وٺي عملي قدم کنيا وڃن شهري اتحاد جي اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ شهرين جا مسئلا نظرانداز ڪرڻ بدران انهن جي حل لاءِ مستقل بنيادن تي قدم کنيا وڃن، پاڻي جي فراهمي کي بهتر بڻايو وڃي، صفائي لاءِ باقاعده شيڊول تحت ڪم ڪرايو وڃي ۽ شهر جي مختلف علائقن مان گندگي فوري طور کڻائي وڃي احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو تہ ميهڙ شهر ۾ صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي، صفائي جو نظام بهتر ڪيو وڃي، گندگي جا ڍير ختم ڪيا وڃن ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن شهري اتحاد جي اڳواڻن اعلان ڪيو تہ سندن جائز مطالبا تسليم ۽ عملي طور حل ٿيڻ تائين احتجاجي جدوجهد جاري رهندي

احتجاج احتجاج احتجاج
شهر کي گندگي کان پاڪ ڪيو وڃي
احتجاجي مظاهرو
ميهڙ شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميهڙ لڳ ڪولاچي ۾ 32 سال اڳ جانورن جي اسپتال لاءِ ڏنل زمين واپس ڪرڻ جو مطالبو

ميهڙ(ن ع) ميهڙ لڳ ڪولاچي ۾ 32 سال اڳ جانورن جي اسپتال لاءِ ڏنل زمين واپس ڪرڻ جو مطالبو مالڪ پاران ڌمڪين جون شڪايتون ميهڙ پرسان ڪولاچي واسي محمد يونس ڪولاچي هڪ دفعو ٻيهر آزاد پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪندي پنهنجو موقف پيش ڪيو محمد يونس ڪولاچي جو چوڻ هو تہ سندس ڏاڏي پير محمد ڪولاچي طرفان تقريبن 32 سال اڳ جانورن جي اسپتال قائم ڪرڻ لاءِ زمين ڏني وئي هئي، ان وقت خاندان کي نوڪري ڏيڻ جو واعدو پڻ ڪيو ويو پر ايترو عرصو گذرڻ باوجود اهو واعدو پورو نہ ڪيو ويو هن دعويٰ ڪئي تہ سندس وڊيو بيان ڪانپوءِ ڳوٺ جي ڪجهہ بااثر ماڻهن پاران کيس سوتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هن چيو تہ جيڪڏهن ڪيس يا سندس خاندان جي ڪنهن فرد کي ڪو نقصان پهتو تہ ان جا ذميوار ڌمڪيون ڏيندڙ هوندا محمد يونس ڪولاچي اعلان ڪيو تہ هو معاملو عدالت ۾ پڻ کڻي ويندو، جڏهن تہ ڊي سي دادو، ايس ايس پي دادو، ڊي آءِ جي حيدرآباد، آءِ جي سنڌ، ريونيو ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي سميت لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ زمين جي رڪارڊ جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن زمين سندس خاندان جي ملڪيت ثابت ٿئي تہ قانون موجب واپس ڪرائي وڃي هن اختيارين کان پنهنجي ۽ خاندان جي تحفظ جي اپيل ڪندي مبينا ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي جو پڻ مطالبو ڪيو

لوهار محلي جي رهاڪو پومجي ميگهواڙ جو احتجاج

پٽ سورج ڪمار بليڪ ميلنگ کان تنگ اچي خودڪشي ڪئي آهي: پومجي

ونود ڍرماڻي ۽ سندس دوست منهنجي پٽ کي بليڪ ميل ڪري ذهني طور پريشان ڪندا هئا

ملي لوهار محلي جي رهاڪو پومجي ميگهواڙ احتجاج ڪندي

ملي (ڊ-ر) ملي جي لوهار محلي جي رهاڪو پومجي ميگهواڙ احتجاج ڪندي چيو آهي تہ سندس پٽ سورج ڪمار بليڪ ميلنگ ۽ ذهني دٻاءَ کان تنگ اچي نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا واري حد ۾ مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي، پر پوليس ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن الزام هنيو تہ سندس پٽ کي ونود ڍرماڻي ۽ سندس ٻي دوستن جن ۾ دسرت پرمار ڪمليش ۽ ٻيا شامل آهن موبائيل نمبر تان مسلسل بليڪ ميل ڪري ذهني طور پريشان ڪندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ هن 29 جون 2026 تي انتهائي قدم کنيو هن وڌيڪ ٻڌايو تہ واقعي جي ايف آءِ آر نمبر 431/2026 تحت 23 جولاءِ 2026 تي نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا ٿاڻي تي داخل ٿيڻ ۽ واٽس ايپ چيٽس توڙي ڪال رڪارڊنگز جهڙا تمام ثبوت پوليس حوالي ڪرڻ باوجود اڄا تائين جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن متاثر خاندان جو چوڻ آهي تہ هو انتهائي نااميدي ۽ ذهني پريشانيءَ واري زندگي گذاري رهيا آهن. تنهن ڪري وسوارن کان مطالبو ٿا ڪن تہ پٽ جي ناحق موت ۾ ملوث جوابدارن کي سخت سزا ڏئي کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

انسدادِ پوليو مهم
منگهوپير ٽائون
POLIO
ڪراچي پوليو مهم کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڪمشنر ڪراچي جي صدارت ۾ اجلاس ٿي گذريو

منگهوپير ٽائون ۾ جاري پوليو مهم جو چيئرمين پاران جائزو

عوامي سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ڪمشنر ڪراچي پاران منگهوپير ٽائون ۾ پوليو مهم جي حوالي سان ڪنيل قدمن جي واکاڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير ٽائون ۾ جاري پوليو ٻارن کان بچاءَ واري مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ منگهوپير ٽائون جي مختلف علائقن ۾ مهم جي نگراني کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ هر ٻار تائين پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پهچائڻ جي حوالي سان ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي جي سرپرستيءَ ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي، ڊسٽرڪٽ ويسٽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي صدر عابد حسين سٿي وائيس چيئرمين رانا محمد عارف، منگهوپير ٽائون جي سمورين يونين ڪائونسلن جي چيئرمينن، وائيس چيئرمينن، ڪائونسلرن پاڪستان پيپلز پارٽي ڊسٽرڪٽ ويسٽ جي تنظيم جي عهديدارن سميت لاڳاپيل ڌرين شرڪت ڪئي اجلاس دوران منگهوپير ٽائون جي مختلف علائقن ۾ جاري پوليو کان بچاءَ واري مهم، پوليو ٽيمن جي فيلڊ ۾ موجودگي ٻارن کي حفاظتي ڦڙا پيارڻ جي عمل جي نگراني والدين ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ پوليو کان بچاءَ جي حوالي سان عوامي سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ڪمشنر ڪراچي پاران منگهوپير ٽائون ۾ پوليو مهم جي حوالي سان ڪنيل قدمن کي ساراهيو ويو ۽ ان ڳالهہ تي زور ڏنو ويو تہ مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ بلدياتي نمائندا ۽ سياسي تنظيم جا عهديدار پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ فعال ڪردار ادا ڪن اجلاس ۾ هدايت ڪئي وئي تہ منگهوپير ٽائون جي سمورين يونين ڪائونسلن ۾ پوليو مهم جي مؤثر نگراني لاءِ مقامي سطح تي ڪيمون جوڙيون وڃن ۽ پوليو ٽيمن جي ڪارڪردگي، ٻارن جي ڪوريج ۽ رهجي ويل ٻارن بابت مسلسل فالو اپ ڪيو وڃي ان موقعي تي ان ڳالهہ تي پڻ زور ڏنو ويو تہ اهڙا والدين جيڪي ڪنهن بہ سبب جي ڪري پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ کان پاسو ڪن ٿا، انهن سان مؤثر ۽ مثبت انداز ۾ رابطو ڪيو وڃي سندن خدشا ختم ڪيا وڃن ۽ کين پوليو ويڪسين جي اهميت بابت آگاهہ ڪندي ٻارن کي حفاظتي ڦڙا پيارڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي

سوڀوديرو ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38هين سالگرهہ تقريب

پيپلز پارٽي سٽي ۽ ڪلچر ونگ راڻيپور پاران سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

چيئرمين بلاول ڀٽو شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو تسلسل آهي: پ پ اڳواڻ

سوڀوديرو(ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي 38هين سالگرهہ پيپلز پارٽي سٽي ۽ ڪلچر ونگ راڻيپور پاران پريس ڪلب راڻيپور ۾ ملهائي وئي سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽي خوشي جو اظهار ڪيو سالگرهہ تقريب جي صدارت پيپلزپارٽي تعلقہ سوڀوديرو جي سينئر نائب صدر حاجي عباس راڄپر ۽ پيپلزپارٽي تعلقہ سوڀوديرو جي جنرل سيڪريٽري گدا حسين سهتو ڪئي تقريب جي شروعات تلاوت پاڪ سان ڪئي وئي تلاوت پاڪ شڪيل احمد شيخ پڙهي جڏهن تہ آيل مهمانن کي پيپلزپارٽي ڪائونسلر آغا منظور انصاري پ پ پ اڳواڻ فقير محمد عباسي فاروق احمد دايو سنڌ جي ثقافت اجرڪ پارايا ان موقعي تي پيپلزپارٽي تعلقہ سوڀوديرو جي سينئر نائب صدر ضلع ڪائونسلر حاجي عباس راڄپر جنرل سيڪريٽري گدا حسين سهتو پ پ پ اڳواڻ سيد سهيل احمد شاهہ ڪائونسلر مريد عباس سولنگي ڪائونسلر آغا منظور انصاري پيپلز ڪلچرل ونگ جي اڳواڻ فقير محمد عباسي خطاب ڪندي چيو تہ پيپلزپارٽي جي محبوب اڳواڻ قائد جمهوريت چيئرمين بلاول ڀٽو جي 38 سالگرهہ ملهائي رهيا آهيون اڄ اسان جي لاءِ وڏي خوشي جو ڏينهن آهي پيپلزپارٽي جي ڪارڪنن کي مبارڪون هجن رب ڪريم چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي خضري حياتي عطا ڪري چيئرمين بلاول ڀٽو محترمہ بينظير ڀٽو جو تسلسل آهي جنهن پنهنجي حياتي ۾ جمهوريت قائم ڪري عوام ۽ ملڪ جي ڀلائي خاطر عوام جي وچ ۾ شهادت ماڻي پنهنجي لخت جگر بلاول کي ملڪ ۽ عوام جي خدمت لاءِ تربيت ڏني جنهن پنهنجي صلاحيتن سان ملڪ جو نالو روشن ڪيو آهي اڄ بلاول 38 ورهين جو ٿي ويو آهي اسان جي لاءِ خوشي جو ڏينهن آهي پيپلزپارٽي سنڌ ۾ نوان صوبا ڪڍڻ بہ ڪاغذ نہ ڏيندي بلاول ڀٽو سنڌ مخالفن آڏو رڪ جي ديوار جيان آهي سنڌ اسان جي ماءُ آهي ايندڙ اليڪشن ۾ پيپلزپارٽي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي ۽ ملڪ جو وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو تقريب ۾ پريس ڪلب راڻيپور جي صدر عبدالرحيم سولنگي لياقت علي ميمڻ رضا راڄپر امير يار شاهاڻي نصير راڄپر منصور علي ملاح جعفر راڄپر نيڪ محمد پٺاڻ ميڪس مسيح فاروق دايو آصف دايو افضل انصاري قادربخش ميمڻ شرڪت ڪئي

سوڀوديرو پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جي سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

مورو پرسان ڳوٺ حاجي خان مري جي رهواسين جو احتجاج

اسانجي 8 ايڪڙ زمين سروي نمبر 76، 78 ديهہ دلچند ۾ آهي: ڳوٺاڻا

ٺٺاٺ سانوڻ مري، بادل سارنگ مري قبضو ڪري پنهنجا هٿياربند ماڻهون ويهاري ڇڏيا آهن

مورو(ن ع) مورو پرسان ڳوٺ حاجي خان مري جي رهواسي پوڙهيت شيرخان مري سندس ٽنگن کان معزور بيوه امڙ سهڻي زال گل محمد مري، مسمات ريما، مسمات ثمينہ، پياري مسمات عظيما مري،مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي چيو تہ اسانجي 8 ايڪڙ زمين سروي نمبر 76، 78 ديهہ دلچند ۾ آهي جيڪا اسانجو ٺٺاٺ سانوڻ مري، بادل سارنگ مري هاريو ڪندا هيا جيڪي مسلسل نقصان ڏيڻ بعد اسان سندن کان هاريو کسيو جنهن تان هو مچرجي اسان جي سجي زمين تي قبضو ڪري پنهنجا هٿياربند ماڻهون ويهاري ڇڏيا آهن پيرسن معزور بيوه مسمات سهڻي ٻڌايو تہ هنن ظالمن منهنجي هڪ پٽ گلشير مري کي تشدد جو نشانو بڻايو جيڪو ڪجهہ وقت زنده رهڻ بعد زخمن جا سور نہ سهي فوت ٿي ويو اسان غريب هيا سين ڪو فرياد ڏانهن ڪوڪ نہ ڪئي هاڻي هو غلط فائدو وٺندي پنهنجي ڏاڍ کي برقرار رکيو ٿا اچن اسان عدالت ۾ درخواست ڏني جنهن سيشن عدالت پڻ اسانجي حق ۾ فيصلو ڏئو قبضو ڪندڙن کي ڪوڙو قرار ڏنو جنهن بعد هنن اسان جي غير موجودگي ۾ گهرن تي قبضو ڪيو آهي جڏهن تہ اسان گهر ڀاتين کي پڻ تشدد جو نشانو بڻايو ويو هاڻي اسان شهر اندر مسواڙ جي گهرن ۾ رهڻ تي مجبور آهيون دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون مذڪوره ماڻهن کي بااثر ماڻهن جي پٺ ڀرائي هجڻ سبب تپيدار مختيارڪار پڻ رڪارڊ ۾ ڦير ڦار ڪري رهيا آهن اسان کي خدشو آهي تہ اسان جي زمينن جا فوتي کاتا تبديل نہ ڪيا وڃن اسان اهڙيون شڪايتون اعلى آفيسرن کي پڻ ڪيون آهن ڪجهہ پوليس اهلڪار بہ سندن ونگار وهي رهيا آهن جڏهن تہ حق گهرڻ تي اسان مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ سميت قتل جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جڏهن تہ اسانجي زمين کي وڪرو ڪرڻ لاءِ پڻ سازشون بہ ڪري رهيا آهن اسان وارث آهيون ڪير بہ هٿ چراند نہ ڪري اسان کي ڪجهہ بہ نقصان ٿيو ان جا ذميوار مذڪوره ماڻهو هوندا هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ پوليس صوبائي وزير داخلا ضياالحسن لنجار ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز ڊي ايس پي ميڊم فائزه سودر کان مطالبو ڪيو آهي تہ زمين گهر تان قبضو ختم ڪرائي اسانکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

مورو پرسان ڳوٺ حاجي خان مري جا رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪندي

سڄاول نئين مقرر ٿيل ايس ايس چارج سنڀالي ورتي

پوليس آفيس سڄاول پهچڻ تي دستي پاران سلامي پيش ڪئي وئي

عثمان سدوزئي پوليس آفيس ۾ قائم يادگارِ شهدا تي حاضري ڀري

سڄاول(ڊ ر) نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي سڄاول محمد عثمان سدوزئي پنهنجي عهدي جو باقاعده چارج سنڀالي ورتو پوليس آفيس سڄاول پهچڻ تي ضلعي پوليس جي چاق ۽ چوبند دستي پاران کيس سلامي پيش ڪئي وئي، جڏهن تہ پوليس آفيسرن ۽ عملي پاران سندس گرمجوشي سان آجيان ڪئي وئي چارج سنڀالڻ بعد ايس ايس پي محمد عثمان سدوزئي پوليس آفيس ۾ قائم يادگار شهدا تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي فرض جي ادائيگي دوران جانين جا نذرانا پيش ڪندڙ پوليس شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي شهيدن جي درجن جي بلندي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي ان موقعي تي ايس ڊي پي او سڄاول عزيز جميل ميمڻ ۽ پوليس آفيس جي مختلف برانچن جي سربراهن نئين ايس ايس پي محمد عثمان سدوزئي کي ضلعي سڄاول پوليس جي ڪمان سنڀالڻ تي ڀليڪار ڪيو ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

سڄاول نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي چارج سنڀالڻ تي سلامي پيش ڪرڻ بعد دعا گهري پئي وڃي

ڊگهڙي ۾ اي ايس پي ميرپورخاص جي کلي ڪچهري، منشيات، چورين ۽ بدامني خلاف شڪايتن جا انبار

کلي ڪچهري ۾ اي ايس پي ميرپورخاص سيد عبدالرب شاهہ شهرين جا مسئلا ۽ شڪايتون سڌي ريت ٻڌيون

ڊگهڙي شهر ۽ ڀرپاسي ۾ منشيات جو ڪاروبار وڌي رهيو آهي، جنهن سبب نوجوان نسل سخت متاثر ٿي رهي آهي: شهري

شهر ۾ ڪجهہ مبينا بااثر ۽ ڌوڙاري قسم جا ماڻهون شريف شهرين، غريب ماڻهن ۽ واپارين کي هراسان ڪرڻ سان گڏ معمولي معاملن تي جهيڙا ڪن ٿا

Proud to Serve
ضلع ميرپورخاص پوليس
پوليس اسٽيشن ڊگهڙي
ڊگهڙي اي ايس پي ميرپورخاص جي کلي ڪچهري ۾ شڪايتون ٻڌيون پيون وڃن

ڊگهڙي(ن ع) ڊگهڙي ٿاڻي ۾ کليل ڪچهري جو انعقاد منشيات، چورين ۽ بدامني خلاف شڪايتن جا انبار شهرين پاران پوليس کان اثرائتي ڪارروائي جو مطالبو ڊگهڙي پوليس اسٽيشن ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اي ايس پي ميرپورخاص سيد عبدالرب شاهہ شهرين جا مسئلا ۽ شڪايتون سڌي ريت ٻڌيون. کليل ڪچهري ۾ ٽائون ڪميٽي ڊگهڙي جي چيئرمين مير ذوالفقار علي خان ٽالپر پڻ خاص طور شرڪت ڪئي کليل ڪچهري ۾ ڊگهڙي شهر ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ سياسي، سماجي شخصيتن، صحافين ۽ استادن سميت سياسي سماجي اڳواڻن انور نوحاڻي، محمد ياسين گجر طاهر جٽ، چوڌري سجاد جٽ، ناصر علي ملڪ، چوڌري سيف الله گل، يوسف پٽني ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن مختلف عوامي مسئلن جي نشاندهي ڪندي چيو تہ ڊگهڙي شهر ۽ ڀرپاسي ۾ منشيات جو ڪاروبار وڌي رهيو آهي، جنهن سبب نوجوان نسل سخت متاثر ٿي رهي آهي هنن الزام لڳايو تہ شهر ۾ وسڪي، ديسي شراب، سفينا، آداب، رائل، ماوا، گٽڪو، آئس، چرس ۽ هيروئن سميت مختلف قسمن جي منشيات جي مبينا طور سرعام وڪري جون شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن جڏهن تہ ڪجهہ گهرن مان بہ مبينا طور وسڪي ۽ ٻين منشيات جي فراهمي جاري آهي اڳواڻن جو چوڻ هو تہ ٻهراڙي وارن علائقن جي مختلف هنڌن تي ديسي شراب جون مبينا طور ڪيترائي ڀٽيون پڻ هلندڙ آهن جن خلاف اثرائتي ڪارروائي جي ضرورت آهي هنن چيو تہ موٽرسائيڪلن ۽ چوپائي مال جي چوري، ڦرلٽ ۽ ڌاڙن جي وارداتن سبب شهري پاڻ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳا آهن کليل ڪچهري دوران اها شڪايت پڻ سامهون آئي تہ شهر ۾ ڪجهہ مبينا بااثر ۽ ڌوڙاري قسم جا ماڻهون شريف شهرين، غريب ماڻهن ۽ واپارين کي هراسان ڪرڻ سان گڏ معمولي معاملن تي جهيڙا ڪن ٿا تہ چوري ٿيل ڪيترائي سامان پڻ متاثر ماڻهن کي اڄا تائين واپس نہ ملي سگهيا آهن کليل ڪچهري ۾ شريڪ اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ ڊگهڙي ٿاڻي جي حدن اندر پوليس جي ملڪيت تي قائم دڪانن ۽ ٻين هنڌن جي پڻ جانچ پڙتال ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن اتي غيرقانوني سرگرميون يا منشيات جو وڪرو ثابت ٿئي تہ بنا فرق جي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي هنن اي ايس پي ميرپورخاص سيد عبدالرب شاهہ کان مطالبو ڪيو تہ منشيات جي خاتمي، چوري ۽ ڦرلٽ جي وارداتن تي ضابطو آڻڻ ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ٻئي طرف ڊگهڙي ۾ پوليس پاران منعقد ڪيل کليل ڪچهري پنهنجي طريقيڪار ۽ هنڌ جي حوالي سان سوالن جي ور چڙهي وئي اي ايس پي ميرپورخاص سيد عبدالرب شاهہ پاران شهرين جون شڪايتون ٻڌڻ لاءِ کليل ڪچهري جو اهتمام ڪيو ويو جنهن لاءِ ڊگهڙي ٿاڻي جو هنڌ چونڊيو ويو شهرين جو چوڻ آهي تہ هڪ عام سائل خاص طور تي اهو شخص جنهن کي پوليس خلاف ڪا شڪايت هجي پوليس ٿاڻي ۾ داخل ٿيڻ کان بہ ڪيٻائيندو آهي اهڙي صورتحال ۾ پوليس خلاف شڪايت ڪئي ساڳئي پوليس ٿاڻي ۾ منعقد ڪيل کليل ڪچهري ۾ هو آسانيءَ سان ڪيئن پهچي سگهي ٿو؟ شهرين موجب کليل ڪچهري بابت ڊگهڙي پوليس پاران اثرائتي تشهير پڻ نہ ڪئي وئي جڏهن تہ هنڌ جي چونڊ بہ اهڙي ڪئي وئي جنهن کي عام شهرين لاءِ موزون قرار نٿو ڏئي سگهجي.ان باوجود ڪجهہ شهري پنهنجون شڪايتون کڻي کليل ڪچهري ۾ پهتا ۽ اي ايس پي ميرپورخاص سيد عبدالرب شاهہ آڏو پنهنجا مسئلا پيش ڪيا. ڪجهہ شڪايتن تي اي ايس پي پاران فوري طور احڪامات جاري ڪيا ويا، جڏهن تہ ٻين مسئلن جي حل لاءِ درخواستون جمع ڪرائڻ ۽ بعد ۾ ملاقات ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي ڊگهڙي جي شهرين ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو آهي تہ ايندڙ کليل ڪچهري ڪنهن غير تڪراري ۽ عوامي هنڌ تي منعقد ڪئي وڃي، جيئن پوليس بابت شڪايتون رکندڙ شهري بنا خوف پنهنجي مسئلن کان آگاهہ ڪري سگهن ۽ انهن جو بروقت ازالو ممڪن بڻجي سگهي

سنڌ زرعي يونيورسٽي ۽ ايف اي او پاران خوراڪ جو عالمي ڏينهن گڏيل طور ملهائڻ جو فيصلو

پاڻي جي اثرائتي انتظام، زرعي تحقيق ۽ جديد موسمياتي نگراني ۾ گڏيل سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

زرعي يونيورسٽي ۽ ايف اي او وچ ۾ پاڻي جي وسيلن جي اثرائتي انتظام ۾ سهڪار کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جي ضرورت آهي: عنايت الله راڄپر

سنڌ زرعي يونيورسٽي جي 25 شاگرديائڻين ۽ عورت فيڪلٽي ميمبرن لاءِ تربيتي پروگرام تي پڻ تفصيلي غور ڪيو ويو

ٽنڊوڄام سنڌ زرعي يونيورسٽي ۽ ايف اي او وچ ۾ ملاقات ٿي رهيا آهن

ٽنڊوڄام (ن ع) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۽ گڏيل قومن جي خوراڪ ۽ زراعت واري اداري (ايف اي او) پاران ورلڊ فوڊ ڊي گڏيل طور ملهائڻ ۽ زرعي پاڻي جي اثرائتي انتظام، موسمياتي لچڪدار زراعت، تحقيق، تربيت ۽ جديد موسمياتي نگراني جي شعبن ۾ گڏيل سهڪار وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ ايف اي او جي وفد، پاڻي جي عالمي ماهر جيرو آرياما، ايف اي او جي گرين ڪلائميٽ فنڊ جي صوبائي ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر اشفاق احمد ناهيون، سينيئر گرائونڊ واٽر اسپيشلسٽ توفيق احمد ۽ واٽر مئنيجمينٽ اسپيشلسٽ عليما سمون جي سربراهي ۾ فيڪلٽي آف ڪراپ پروڊڪشن جي ڊين ڊاڪٽر عنايت الله راڄپر، فيڪلٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي ڊين ڊاڪٽر منير احمد منگريو، ڊاڪٽر عرفان احمد شيخ ۽ ڊاڪٽر راجيش ڪمار سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي زرعي پاڻي جي انتظام، موسمي تبديلين سان نهڪندڙ زراعت، يونيورسٽي جي زرعي فارم تي ايف اي او جي سهڪار سان نصب ڪيل ايواپو ٽرانسپائريشن فلوڪس ٽاور جي ڪارڪردگي ۽ سار سنڀال سان گڏ، گڏيل طور تي خوراڪ جو عالمي ڏينهن ملهائڻ ۽ شاگردن توڙي فيڪلٽي جي صلاحيت وڌائڻ وارن قدمن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، ان سلسلي ۾ آگاهي مهم، معلوماتي ويبينارن سان گڏ انهن سرگرمين ۾ شاگردن جي شرڪت توڙي قدرتي وسيلن جي پائيدار استعمال کي خاص اهميت ڏني ويندي. فيڪلٽي آف ڪراپ پروڊڪشن جي ڊين ڊاڪٽر عنايت الله راڄپر چيو تہ سنڌ زرعي يونيورسٽي ۽ ايف اي او وچ ۾ پاڻي جي وسيلن جي اثرائتي انتظام موسمياتي لچڪدار زراعت، تحقيق ۽ تربيت جي شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيو تہ جديد نگراني ۽ آگاهي ڪندڙ ٽيڪنالاجيز ذريعي شاگرد، محقق ۽ زرعي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهو فصلن جي پاڻي جي ضرورتن ۽ موسمياتي چئلينجن کي وڌيڪ بهتر نموني سمجهي سگهن ٿا، ايف اي او جي ماهر مسٽر جيرو آرياما، فلڪس ٽاور جي باقاعده سار سنڀال جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو تہ ان جي اثرائتي ڪارڪردگي حاصل ٿيندڙ انگن اکرن جي تسلسل ۽ معيار کي برقرار رکڻ ضروري آهي هن چيو تہ زرعي زمين جي سطح تي حاصل ٿيندڙ قابل اعتماد انگ اکر فصلن جي پاڻي جي استعمال، ايواپو ٽرانسپائريشن ۽ زرعي پاڻي جي بهتر انتظام بابت سائنسي تحقيق ۽ منصوبابندي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. ملاقات ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي جي 25 شاگرديائڻين ۽ عورت فيڪلٽي ميمبرن لاءِ "امپيڪٽ بيسڊ فورڪاسٽنگ" جي موضوع تي تجويز ڪيل تربيتي پروگرام تي پڻ تفصيلي غور ڪيو ويو شرڪت ڪندڙن ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ شاگردن ۽ فيڪلٽي کي جديد موسمياتي ۽ موسمي اڳڪٿي جي اهڙن طريقن کان آگاهہ ڪيو وڃي، جن ذريعي موسمي معلومات کي زراعت، آبي وسيلن ۽ معاشري تي پوندڙ امڪاني اثرن سان ڳنڍي سگهجي

پٽ ڳولي ڏيو: موري ۾ ڳوٺ خالق ڏنو چنڊ واسڻ جو

مورو (ن ع) مورو پرسان ڳوٺ خالق ڏنو چنڊ جو رهواسي سترنهن سالا نوجوان فدا حيسن چنڊ جيڪو گذريل يارنهن ڏينهن کان پرسرار نموني گم ٿي ويو آهي. سندس امڙ مسمات خاتون سندس ڀاءُ نويد چنڊ پريس ڪلب مورو ۾ پهچي ٻڌايو تہ پٽ جي گمشدگي سبب اسان جي گهر جي چلهہ نہ ٿي ٻري خدا جي واسطي ٻچڙي جي ڳولا ۾ مدد ڪيو

گڏيجي ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن ۾ جعلي نوٽ عام ٿي ويا

گڏيجي(ن ع)گڏيجي ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن ۾ جعلي نوٽ عام ٿي ويا ڪيترائي ڳوٺاڻا ۽دوڪاندار ٺڳجي ويا .پوليس خاموش تفصيل موجب گڏيجي ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن شاهہ جي مشين،ڳوٺ سائينداد سولنگي،ملهيراڻي سولنگي ۾ غريب هارين ۽ دوڪاندارن کي جعلي هزار ۽ پنجن سو روپين جا نوٽ لڳي ويا دوڪاندارن ۽ هارين جي مٿن کي ٻئي هٿ اچي ويا آهن جعلي نوٽن جي گردش عام ٿي وئي آهي علائقي واسين جو چوڻ آهي تہ پوليس ان ڏس ۾ مڪمل طور خاموش بڻيل آهي

دادو ۾ ڳوٺ ڀائي خان لاشاري جي رهواسي جا اڳوٽي اي ڊي او تعليم عبدالقادر لاشاري تي الزام

دادو(ڊ-ر) ڳوٺ ڀائي خان لاشاري جي رهواسي ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽ جي رٽائرڊ سرڪاري وڪيل قادر بخش لاشاري دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اڳوٽي اي ڊي او تعليم عبدالقادر لاشاري ۽ ڪراچي ۾ ڊيوٽي ڪندڙ تعليم کاتي جي اي ڊي او امداد حسين لاشاري تي الزام لڳايو آهي تہ هنن منهنجي ٻن پٽن ۽ ڀائٽين سميت 5 ماڻهن کي تعليم کاتي ۾ ڪلارڪ ۽ ٻين پوسٽن تي نوڪريون ڏيڻ لاءِ هڪ ڪروڙ 70 لک روپيہ رشوت ورتي پر نوڪريون نہ مليون 3 سالن کان رلائين پيا شڪايت ڪرڻ تي 5 ڄڻن رياض لاشاري،اياز لاشاري،افضال، غلام مرتضي ۽ عبدلرزاق جي نالي سان آرڊر ڏنا پر اهي بہ جعلي نڪتا جوائننگ نہ پئي ٿئي هن الزام لڳايو تہ ٻنهي ڀائرن آفيسرن جون ڀيڻون ، ڀائرپٽ،ڀائٽيا ،ڀائٽيون سڄو خاندان جعلي آرڊرن سان نوڪرين ۾ پگهار کڻن ٿا پر اسانکان پئيسا وٺڻ باوجود فراڊ ڪيو ويو آهي وڪيل چيو تہ اسان شڪايتون ڪيون تہ يا نوڪريون ڏيو يا پئيسا واپس ڪيو جنهن تان مچرجي هنن ٻنهي آفيسرن نجم الدين لاشاري جي قتل ڪيس ۾ منهنجي ڀائٽين کي ڦاسايو آهي جيڪي اسانجا 4 نوجوان جيل ۾ آهن معين ساڳين آفيسرن وري ٻيو ڀاڙ خون ڪرڻ چاهين ٿا ۽ مونکي ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏين ٿا تہ ڪيس جي پوئيواري نہ ڪر نہ تہ توکي بہ خون جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائينداسين ان لاءِ آءِ جي سنڌ ، هاءِ ڪورٽ معاملي جو نوٽيس وٺي خون جي ڪوڙي ڪيس مان جان ڇڏرائي نوڪرين جا ڏنل هڪ ڪروڙ 70 لک واپس ڏياريا وڃن ۽ کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي نہ تہ نقصان ٿيو تہ ذميوار ٻئي آفيسر هوندا.

بي ايڇ يو مسوپرگڙي ۾ صحت جون سهولتون سخت متاثر

ڊسپينسر پاران اسپتال هلائڻ جي شڪايت، ڊاڪٽر مسلسل غير حاضر

مقرر ڊاڪٽر نہ موجود نہ هوندو تہ غريب عوام پنهنجي علاج لاءِ آخر ڪيڏانهن وڃي: رهواسي

مسوپرگڙي (ن ع) مسوپرگڙي ۽ ڀرپاسي جي ڪيترن ئي ڳوٺن جي غريب، پورهيت ۽ ٻي ٻهچ ماڻهن لاءِ واحد سهارو سمجهي ويندڙ بنيادي صحت مرڪز (BHU) مسوپرگڙي ۾ مبينا طور ڊاڪٽر جي غيرحاضري سبب صحت جون سهولتون سخت متاثر ٿيڻ لڳيون آهن جڏهن تہ علائقي واسين جو الزام آهي تہ ڊاڪٽر جي غيرموجودگي ۾ ڊسپينسر اسپتال جا معاملا هلائي رهيو آهي. علائقي واسين موجب سرڪاري صحت مرڪز ۾ ڊاڪٽر جي غيرحاضري ۽ انتظامي بي ڌياني سبب روزاني بنياد تي علاج لاءِ ايندڙ غريب مريض سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. ڪيترائي مريض ۽ سندن وارث مناسب طبي معائني ۽ علاج جي سهولت نہ ملڻ سبب مايوس ٿي واپس وڃڻ تي مجبور ٿين ٿا. علائقي واسين سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ جيڪڏهن سرڪاري اسپتال ۾ مقرر ڊاڪٽر نہ موجود نہ هوندو تہ غريب عوام پنهنجي علاج لاءِ آخر ڪيڏانهن وڃي؟ هنن چيو تہ صحت جهڙي بنيادي سهولت ۾ اهڙي مبينا غفلت ڪنهن بہ صورت ۾ نظرانداز نہ ٿيڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ قومي عوامي تحريڪ تعلقي حيدرآباد ٻهراڙي جي صدر گلزار ڪلهوڙو اسپتال انتظاميا خلاف احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ "بي ايڇ يو مسوپرگڙي غريب عوام لاءِ زندگيءَ جو سهارو آهي، پر ڊاڪٽر جي مبينا غيرحاضري ۽ انتظامي لاپرواهي سبب مريضن کي علاج بدران پريشانيون مليون پيون وڃن. جيڪڏهن ڊاڪٽر اسپتال ۾ موجود نہ هوندو تہ مريضن جو علاج ڪير ڪندو؟ ڊسپينسر کي ڊاڪٽر جون ذميواريون ڏيڻ انتهائي سنجيده معاملو آهي، جنهن جي شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي." گلزار ڪلهوڙو وڌيڪ چيو تہ "صحت جي بنيادي مرڪز کي عملي جي غيرحاضري ۽ مبينا لاپرواهي جي ور چاڙهڻ سان سڀ کان وڌيڪ نقصان غريب ۽ پورهيت طبقي کي پهچي رهيو آهي. اختيارين خاموش تماشائي بڻجڻ بدران فوري طور اسپتال جو رڪارڊ، ڊاڪٽر جي حاضري ۽ مريضن کي فراهم ٿيندڙ سهولتن جي جاچ ڪرائين." علائقي واسين ضلعي انتظاميا حيدرآباد ۽ پي پي ايڇ آءِ جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ بي ايڇ يو مسوپرگڙي جو فوري ۽ شفاف معائنو ڪرائي ڊاڪٽر جي حاضري، عملي جي ڪارڪردگي ۽ مريضن کي فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن بابت حقيقتون سامهون آنديون وڃن. هنن مطالبو ڪيو تہ جيڪڏهن الزام درست ثابت ٿين تہ ذميوارن خلاف ضابطي موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ هڪ ذميوار ۽ باقاعده حاضر رهندڙ ڊاڪٽر مقرر ڪري علائقي جي غريب ماڻهن کي سندن بنيادي طبي حق فراهم ڪيا وڃن. علائقي واسين خبردار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن بي ايڇ يو مسوپرگڙي ۾ صحت جون سهولتون بحال نہ ڪيون ويون ۽ ڊاڪٽر جي حاضري يقيني نہ بڻائي وئي تہ هو احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿيندا.

بنيادي صحت
مسوپرگڙي
مسوپرگڙي بي ايڇ يو مسوپرگڙي ۾ صحت جون سهولتن جي کوٽ خلاف رهواسي احتجاج ڪندي

ڏوهن ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ ڪوشان آهيون: مير ممتاز مگسي

عوام کي تبديلي جو احساس ڏيارينداسين، قانون جي رٽ کي هر صورت ۾ بحال رکيو ويندو

منشيات جي خاتمي ۽ عوام کي امن امان ڏيڻ منهنجي پهرين ترجيح آهي: صحافين سان ڳالهيون

شهدادڪوٽ ڊي ايس پي مير ممتاز مگسي صحافين سان ڳالهائيندي

شهدادڪوٽ(ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ مقرر ٿيل نئين ڊي ايس پي ميرممتاز مگسي چيو آهي تہ شهر ۾ ڏوهي ڪاروائين ۽ سماجي برائين جو خاتمو آڻي عوام کي تبديلي جو احساس ڏيارينداسين ۽ قانون جي رٽ کي هر صورت ۾ بحال رکيو ويندو پنهنجي آفس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڊي ايس پي مير ممتاز مگسي چيو تہ ڏوهي ڪاروائين، منشيات جي خاتمي ۽ عوام کي امن امان ڏيڻ سندن جي پهرين ترجيح آهي ان لاءِ اثرائتا اپاءَ ورتا ويا آهن سنڌ ۽ بلوچستان جي بارڊر تي پوليس گشت ۾ اضافو ڪيو ويو اٿئون پوليس چوڪيون فعال آهن انهن جي نگراني ڪئي پئي وڃي جيئن پوليس جي رٽ بحال رهي هن چيو تہ هو ڪنهن بہ ڌوڙاري ۽ سماج دشمن عناصر کي برداشت نہ ڪندو قانون کي هٿ ۾ کڻندڙ خلاف قانون کي ٿي اڳيان آندو ويندو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
چنڇر 26 سيپٽمبر 2026ع

آمريڪا ۽ چين: مقابلي کان سهڪار ڏانهن؟

دنيا جي ٻن وڏين معاشي ۽ فوجي طاقتن، آمريڪا ۽ چين وچ ۾ لاڳاپا ڪيترن ئي سالن کان ڇڪتاڻ، واپاري جنگ، محصول، ٽيڪنالاجيءَ جي مقابلي ۽ تائيوان جي مسئلي سبب دنيا لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻيل آهن. اهڙي ماحول ۾ چيني صدر شي جن پنگ جو واشنگٽن پهچڻ ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران غير معمولي گرمجوشيءَ سان سندس استقبال ڪرڻ عالمي سفارتڪاريءَ ۾ اهم اڀرائي طور ڏٺو پيو وڃي. پر اصل اهميت استقبال جي شاندار انداز کان وڌيڪ اِن ڳالهه جي آهي ته ڇا ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڳالهين جو هي سلسلو واقعي ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ دنيا کي وڌيڪ محفوظ بڻائڻ طرف وڌي سگهي ٿو؟ شي جن پنگ جي واشنگٽن پهچڻ تي آمريڪي صدر جو پاڻ هوائي اڏي تي موجود هجڻ، ڳاڙهو قالين وڇائڻ، فوجي دستي جي سلامي ۽ فضائي مظاهرو رڳو هڪ رسمي آجيان نه هئي پر ان مان آمريڪا پاران چيني صدر جي دوري کي ڏنل غير معمولي اهميت پڻ ظاهر ٿي. 1962ع کان پوءِ اهو پهريون موقعو هو جڏهن ڪنهن آمريڪي صدر پاڻ اينڊريوز فوجي اڏي تي ڪنهن پرڏيهي اڳواڻ جو استقبال ڪيو. اهڙي سفارتي انداز مان اهو اشارو ضرور ملي ٿو ته واشنگٽن ۽ بيجنگ وچ ۾ اختلافن هوندي به ڳالهين جا دروازا بند ڪرڻ بدران رابطا برقرار رکڻ کي اهميت ڏني پئي وڃي هن دوري جو سڀ کان اهم پاسو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپاري ڇڪتاڻ آهي. آمريڪا ۽ چين جي وچ ۾ محصولن ۽ واپار بابت تڪرار عالمي معيشت کي به متاثر ڪندو رهيو آهي ڇاڪاڻ ته ٻنهي ملڪن جي معاشي پاليسين جو اثر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي صنعت، واپار ۽ روزگار تي پوي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ واپاري جنگ بنديءَ ۾ جنوريءَ تائين واڌ ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ جامع ۽ ڊگهي مدي واري واپاري معاهدي بابت ڳالهين جو امڪان اميد جوڳي ڳالهه آهي. آمريڪا، چين کان ناياب زميني معدنيات جي فراهمي وڌائڻ ۽ پنهنجي زرعي شين لاءِ چيني منڊيءَ تائين وڌيڪ رسائي چاهي ٿو جڏهن ته چين به آمريڪا سان اقتصادي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط رکڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو پر رڳو واپاري معاهدو ئي ٻنهي طاقتن وچ ۾ سڀ مسئلا ختم نٿو ڪري سگهي. تائيوان جو مسئلو، مصنوعي ذهانت، صنعتي پاليسيون، چين جي پيداوار ۽ آمريڪا جون ٽيڪنالاجي پابنديون اهڙا معاملا آهن، جن تي ٻنهي ڌرين جا مفاد مختلف آهن. خاص طور تي مصنوعي ذهانت جي ميدان ۾ آمريڪا ۽ چين وچ ۾ وڌندڙ مقابلو ايندڙ ڏهاڪن جي عالمي طاقت جي توازن تي اثر وجهي سگهي ٿو جيڪڏهن هن مقابلي کي ضابطن، ذميواري ۽ گڏيل ڳالهين بدران صرف برتريءَ جي ڊوڙ بڻايو ويو ته ان جا نتيجا رڳو ٻنهي ملڪن تائين محدود نه رهندا. تائيوان جو معاملو ان کان به وڌيڪ حساس آهي. چين تائيوان کي پنهنجي حصي طور ڏسي ٿو جڏهن ته آمريڪا تائيوان سان دفاعي ۽ سياسي لاڳاپا برقرار رکندو آيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن به غلط فهمي يا اوچتي قدم سان پيدا ٿيندڙ ڇڪتاڻ عالمي امن ۽ معيشت لاءِ وڏو خطرو بڻجي سگهي ٿي. تنهن ڪري ٻنهي ملڪن جي اڳواڻن لاءِ ضروري آهي ته اختلافن کي ختم ڪرڻ ممڪن نه هجي ته به انهن کي ڳالهين ذريعي منظم ڪرڻ جو رستو ضرور کولين.

شي جن پنگ جو اهو چوڻ ته ٻنهي ملڪن کي حريفن بدران ڀائيوار ٿيڻ گهرجي، پنهنجي جاءِ تي هڪ اهم سفارتي پيغام آهي. دنيا کي هن وقت اهڙي سوچ جي ضرورت به آهي. آمريڪا ۽ چين هڪ ٻئي کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ جيترا وسيلا خرچ ڪندا، اوترو ئي عالمي معيشت، واپار ۽ ترقي متاثر ٿيندي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن ٻنهي ملڪن ۾ مقابلي سان گڏ تعاون جو اصول اختيار ڪيو وڃي ته موسمي تبديلي، توانائي، صحت، مصنوعي ذهانت، عالمي واپار ۽ امن جهڙن مسئلن تي گڏيل اڳڀرائي جا رستا کلي سگهن ٿا. دنيا جي ٻين ملڪن لاءِ به هن ملاقات جو اهم سبق اهو آهي ته وڏين طاقتن جا اختلاف جڏهن ڳالهين جي ميز تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ٿين ٿا ته ان جو فائدو صرف انهن ٻنهي ملڪن کي نه پر سڄي دنيا کي پهچي سگهي ٿو. پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ، جيڪي عالمي واپار، توانائي، سيڙپڪاري ۽ علائقائي امن سان ڳنڍيل آهن، آمريڪا ۽ چين وچ ۾ مستحڪم لاڳاپا خاص اهميت رکن ٿا. البت سفارتي گرمجوشي کي مستقل تبديلي سمجهڻ کان اڳ عملي نتيجن جو انتظار ڪرڻو پوندو. اصل ڪاميابي ان وقت چئبي، جڏهن محصولن جي جنگ گهٽجي، واپار ۾ رڪاوٽون ختم ٿين، حساس معاملن تي ڳالهين جو سلسلو جاري رهي ۽ تائيوان يا ٻين تڪرارن بابت طاقت بدران سفارتڪاريءَ کي ترجيح ملي.

سعودي عرب ۽ حوثين وچ ۾ ڇڪتاڻ!

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

يمن ۾ هڪ طرف حوثي ويڙهاڪن ۽ سعودي عرب وچ ۾ هوائي حملن، ميزائلن ۽ ڊرونن ذريعي جنگ جاري آهي ته ٻئي طرف حوثي قبيلن يمن جي ٻن اهم شهرن طائز ۽ مارب تي قبضو ڪرڻ لاءِ نئون محاذ کولي ڇڏيو آهي مبصرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن حوثي انهن ٻنهي شهرن تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته يمن جي باقي علائقن ۽ عدن شهر تي به قبضو ڪرڻ لاءِ سندن رستو آسان ٿي ويندو سعودي عرب حوثين جي اڳڀرائي روڪڻ لاءِ هوائي حملا ۽ توپن سان گولا باري ڪري رهيو آهي پر 2015ع کان 2022ع تائين حوثي باغين خلاف ٿيندڙ فضائي بمباري، جنهن ۾ آمريڪا جا حملا به شامل هئا، اُن تجربي کي ڏسندي اِهو چوڻ مشڪل ناهي ته رڳو بمباري سان ڪو وڏو نتيجو نڪرڻ جو امڪان گهٽ آهي ٻئي طرف يمن جي سرڪاري فوج به ڳاڙهي سمنڊ جي سامونڊي ڪناري سان موجود اهم هنڌن کي حوثين کان واپس وٺڻ لاءِ نئون محاذ کوليو آهي جنهن ۾ المخا بندرگاهه به شامل آهي پر تازي وقت ۾ يمن جي سرڪاري فوج حوثين جي مقابلي ۾ جنهن نموني ڪمزور ثابت ٿي آهي تنهنڪري في الحال اِهو نظر نٿو اچي ته سرڪاري فوج حوثين جي قبضي هيٺ آيل علائقا واپس وٺي سگهندي. البت ٻنهي ڌرين وچ ۾ سخت ويڙهه ٿيڻ جو خطرو ضرور موجود آهي ڇاڪاڻ ته وچ يمن جا اهي علائقا اوچائي تي واقع آهن ۽ ڳاڙهي سمنڊ جي سامونڊي ڪناري ۽ باب المندب واري سامونڊي لنگهه جي حفاظت لاءِ تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. سعودي عرب پنهنجي فوج يمن ۾ موڪلڻ نٿو چاهي جڏهن ته آمريڪا به سعودي عرب جي حمايت ۾ حوثين جي ٺڪاڻن تي بمباري ڪرڻ نٿو چاهي برطانيا ۽ فرانس وانگر آمريڪا به سعودي عرب کي رڳو انٽيليجنس لاجسٽڪ ۽ ٻي فني مدد ڏيڻ چاهي ٿو يمن جون سرڪاري فوجون ٻاهرين مدد کانسواءِ حوثين کي پوئتي ڌڪڻ جي پوزيشن ۾ ناهن

دلچسپ ڳالهه اِها آهي ته حوثين جي تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌڻ باوجود سعودي عرب مڪ دفاعي معاهدي کي فعال ڪرڻ بدران آمريڪا ۽ يورپي ملڪن کان مدد جي اپيل ڪئي پر انهن سڀني عملي طور يمن جي گهرو ويڙهه ۾ سڌي مداخلت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان جو هڪ سبب اِهو به ٿي سگهي ٿو ته جيڪڏهن آمريڪا يا يورپي ملڪ جنگ ۾ مداخلت ڪن ته حوثي باب المندب واري سامونڊي لنگهه کي هر قسم جي سامونڊي آمدرفت لاءِ بند ڪري سگهن ٿا. اهڙي قدم سان تيل جي عالمي قيمت، جيڪا اڳ ئي آبنائي هرمز جي بند ٿيڻ سبب بحران جو شڪار آهي تمام گهڻي وڌي سگهي ٿي حوثين اڳ ئي اعلان ڪري رکيو آهي ته باب المندب سعودي عرب کانسواءِ ٻين سڀني ملڪن جي سامونڊي جهازن لاءِ کليل رهندو ايتري قدر جو عمان ۾ آمريڪي نمائندن سان ٿيل هڪ ملاقات دوران حوثين يقين ڏياريو ته هُو آمريڪي جهازن تي فائرنگ نه ڪندا ان صورتحال ۾ يورپي ملڪ به حوثين خلاف سعودي عرب جو ساٿ ڏئي ڳاڙهي سمنڊ جي رستي ٿيندڙ پنهنجي ڪربين يورو جي واپار کي خطري ۾ وجهڻ لاءِ تيار نظر نٿا اچن هن وقت يمن جي صورتحال بابت جيترا به تبصرا ۽ تجزيا ٿي رهيا آهن انهن سڀني ۾ سعودي عرب کي جيڪو دنيا جو سڀ کان وڏو تيل برآمد ڪندڙ ملڪ آهي ۽ آمريڪا کان ڪربين ڊالرن جا هٿيار خريد ڪري چڪو آهي هڪ اهڙي بي وس ۽ اڪيلائيءَ واري ملڪ طور پيش ڪيو پيو وڃي جيڪو پنهنجي سرحدن تي وڌندڙ خطري جو اثرائتي نموني مقابلو نٿو ڪري سگهي. مڪ دفاعي معاهدو اڃا مڪمل طور تي فعال ناهي ٿيو جيتوڻيڪ دفاع واري وزير خواجا آصف پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو هو ته مڪو معاهدو فعال ٿي سگهي ٿو جڏهن ته پاڪستاني قيادت به ڪليءَ طرح سعودي عرب سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي واضح ڪيو آهي ته سعودي عرب جي مدد لاءِ پاڪستان ڪنهن به حد تائين وڃي سگهي ٿو ترڪي به سعودي عرب جون ڪجهه ضرورتون پوريون ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو آهي تبصرو ڪندڙن جو خيال آهي ته انهن ضرورتن ۾ ڊرون ۽ ميزائل شامل ٿي سگهن ٿا، جيڪي ترڪي وڏي تعداد ۾ تيار ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو پر سعودي عرب وٽ هٿيارن جي کوٽ ناهي اصل مسئلو انهن هٿيارن کي جنگ جي ميدان ۾ دشمن خلاف استعمال ڪرڻ وارن ماڻهن جي کوٽ آهي سعودي عرب، جيڪو پنهنجي دفاع تي هر سال 80 ارب ڊالر کان وڌيڪ خرچ ڪري ٿو، اهو مسئلو رڳو پنهنجي وسيلن سان حل نٿو ڪري سگهي انهيءَ ڪري هر طرف کان مايوس ٿيڻ کانپوءِ سعودي عرب جون نظرون هاڻي پاڪستان ڏانهن آهن جيئن اڳ به ذڪر ڪيو ويو آهي ته پاڪستان پنهنجي برادر ملڪ جي سلامتي ۽ بقا لاءِ ڪنهن به قدم کڻڻ کان پاسو نه ڪندو پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ دفاعي سهڪار جي حوالي سان هڪ اهم ڳالهه اِها آهي ته ٻئي ملڪ رڳو مڪ دفاعي معاهدي جو حصو ناهن پر انهن وچ ۾ هڪ ٻيو به طرفو اسٽريٽجڪ گڏيل دفاعي معاهدو پڻ موجود آهي جنهن تي ٻنهي ملڪن 17 سيپٽمبر 2025ع تي صحيحون ڪيون هيون ان معاهدي تحت ٻنهي ملڪن هڪ ٻئي خلاف ٿيندڙ جارحيت جي صورت ۾ گڏ بيهڻ ۽ ساٿ ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو جڏهن ته هلندڙ سال 7 آگسٽ تي ٿيل مڪ دفاعي معاهدي تحت پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي هڪ ٻئي تي ٿيندڙ هٿياربند حملي کي پاڻ تي حملو تصور ڪندا پر ٻنهي معاهدن ۾ اِهو واضح ناهي ڪيو ويو ته جارحيت يا هٿياربند حملي جي صورت ۾ ردعمل هر ملڪ پنهنجي طور تي ڏيندو يا گڏجي ۽ ان لاءِ عملي طريقيڪار ڇا هوندو خاص طور تي مڪ دفاعي معاهدي تحت جيڪڏهن ڪنهن ملڪ تي هٿياربند حملو ٿئي ٿو ته باقي ٻئي ملڪ ڪهڙي طريقي سان ان جو جواب ڏيندا. اهو سوال اهم آهي ان جو سبب اِهو به آهي ته ٽيئي ملڪ مختلف خطن سان تعلق رکن ٿا ۽ انهن جا دشمن به الڳ الڳ آهن جڏهن ته ڪنهن به دفاعي اتحاد جي اثرائتي هجڻ جو دارومدار گهڻو ڪري ان ڳالهه تي هوندو آهي ته اتحاد ۾ شامل ملڪن جو دشمن گڏيل هجي

هن وقت به پاڪستان جي عوام جي اڪثريت وچ اوڀر جي ملڪن وچ ۾ ٿيندڙ جنگ ۾ پاڪستان جي سڌي شرڪت جي حق ۾ ناهي جيتوڻيڪ مڪ مڪرمه تي حوثين جي مبينا ڊرون حملي ۽ سعودي عرب جي توانائيءَ جي اهم هنڌن کي نشانو بڻائڻ وارين رپورٽن سبب سعودي عرب جي سڌي مدد ڪرڻ لاءِ ڪجهه گنجائش پيدا ٿي آهي پر اِهو خدشو پڻ موجود آهي ته جيڪڏهن پاڪستان يمن جي گهرو ويڙهه ۾ عملي طور شامل ٿيو ته ايران سان پاڪستان جا لاڳاپا متاثر ٿي سگهن ٿا ۽ پاڪستان اهڙي ڏکي صورتحال ۾ ڦاسي سگهي ٿو جنهن مان ٻاهر نڪرڻ آسان نه هوندو.

26 سيپٽمبر: ايٽمي هٿيارن جي خاتمي جو ڏينهن ۽ اسٽينسلاو پيٽروف

مير قائم خان ٽالپر

26 سيپٽمبر يعني اڄ دنيا ۾ ايٽمي هٿيارن جي مڪمل خاتمي جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي. هيءُ هڪ بين الاقوامي ڏينهن آهي. جنهن جو اعلان اقوامِ متحده پاران 1983ع ۾ ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري هر سال 26 سيپٽمبر تي اِهو ڏينهن ملهايو ويندو آهي. 26 سيپٽمبر 2013ع اُهو ڏينهن آهي، جنهن تي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ايٽمي هٿيارن جي خاتمي تي پنهنجو پهريون اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ڪيو هو. اجلاس جي سڏ واري قرارداد ۾ چيو ويو هو ته اقوامِ متحده 'انهيءَ ڳالهه تي يقين رکي ٿي ته ايٽمي هٿيارن جو مڪمل خاتمو ايٽمي جنگ جي خطري کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي.' 3 ڊسمبر تي جنرل اسيمبلي قرارداد 68/32 منظور ڪئي، جنهن ۾ انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪئي وئي ته اعليٰ سطحي اجلاس ايٽمي هٿيارن جي خاتمي جي توثيق ڪئي آهي ۽ انهيءَ اجلاس جي سالگرهه تي هر سال '26 سيپٽمبر ايٽمي هٿيارن جي مڪمل خاتمي جي لاءِ بين الاقوامي ڏينهن' طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو هو. اُن کان علاوه، جيڪڏهن اوهان تاريخ جي درياءَ مان جهاتي پائيندا ته 26 سيپٽمبر 1983ع جو اهو ڏينهن به نظر ايندو، جڏهن سوويت يونين ۾ غلط ايٽمي الارم وڄڻ جو واقعو پيش آيو هو جنهن ۾ ابتدائي خبرداري نظام ۾ خرابي جي ڪري ايندڙ بين البراعظمي بيلسٽڪ ميزائلن جي غلط رپورٽ سامهون آئي. اوهان کي ياد هوندو يا اوهان ڪٿي پڙهيو هوندو، ڇاڪاڻ ته هيءُ غلط ايٽمي الارم وڄڻ جي نشاندهي جو سڀ کان مشهور واقعو آهي. ٿيو ائين جو 26 سيپٽمبر 1983ع تي، سوويت يونين جي اوڪو ارلي وارننگ سسٽم Oko early-warning system هڪ خبرداري جاري ڪئي ته آمريڪا روس تي پنج بين البراعظمي بيلسٽڪ ميزائل فائر ڪيا آهن. پوءِ جيئن ئي اُهي الارم وڳا ته بنڪر ۾ ڊيوٽي تي موجود هڪ سوويت آفيسر اسٽينسلاو پيٽروف، عقلمندي کان ڪم وٺندي پنهنجي اعليٰ عملدارن کي واقعي جي رپورٽ نه ڪئي. انهيءَ ڪري جو هِن جو خيال هو ته جيڪڏهن آمريڪا حملو ڪري ها ته اُهو پنجن جي بدران سوين ميزائل فائر ڪري ها. تنهنڪري اِها سسٽم جي خرابي ٿي سگهي ٿي. اسٽينسلاو پيٽروف جي عقلمندي سمجهو ته ٽين مهاڀاري جنگ کان دنيا کي بچائي ورتو. بعد ۾ اِها خبر پئي ته سوويت سيٽلائيٽ ڪڪرن مان ظاهر ٿيندڙ سج جي روشني کي آمريڪي ميزائلن جي چمڪ سمجهي غلط الارم وڄڻ شروع ڪيو هو. اسٽينسلاو پيٽروف جي عقلمندي دنيا کي تمام وڏي خون خرابي کان بچائي ورتو اِهو ئي سبب آهي جو دنيا اڄ به اسٽينسلاو پيٽروف کي 'اُهو شخص جيئن ياد ڪري ٿي جنهن دنيا کي ٽين ايٽمي جنگ کان بچايو.' بهرحال، ظاهري طرح سان ڏٺو وڃي ته هيءُ ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪندڙ قرارداد ۾ هن اتفاقي واقعي جو ڪو به واضح حوالو يا ذڪر ڪٿي به ناهي ڏنو ويو.

ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، انهيءَ ڏينهن کي ملهائڻ جو واحد مقصد ايٽمي هٿيارن جي خاتمي کي فروغ ڏيڻ هو. اِهو ڏينهن 2013ع ۾ شروع ڪيو ويو هو پر منهنجي نظر ۾ اِهو ڏينهن به ٻين ڏينهن جيان صرف ڪاغذن ۾ ملهائڻ جي حد تائين محدود آهي. البت مارچ 2014ع ۾ انٽر پارليامانٽي يونين هڪ قرارداد منظور ڪئي، جنهن ۾ پارليامينٽ ميمبرن کي ايٽمي هٿيارن جي خاتمي جي ڏينهن کي 'فروغ ڏيڻ ۽ ياد ڪرڻ' ۽ سڄي دنيا مان ايٽمي هٿيارن جي خاتمي جي لاءِ ڪم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو. سيپٽمبر 2014ع ۾ هن ڏينهن جي پهرين تقريب منعقد ڪئي وئي هئي. انهيءَ کانپوءِ وري ٻيهر مئي 2018ع ۾ گڏيل قومن ايٽمي هٿيارن جي خاتمي تي هڪ ٻي اعليٰ سطحي ڪانفرنس منعقد ڪئي هئي. هلندي هلندي سيپٽمبر 2019ع ۾ گڏيل قومن جي هيڊ ڪوارٽر ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ 12 ملڪن ايٽمي هٿيارن جي پابندي جي معاهدي تي صحيحون ڪيون ۽ 5 ملڪن ايٽمي هٿيارن جي پابندي جي توثيق ڪئي، جيڪو 2017ع ۾ طئي ٿيو ۽ 2021ع ۾ لاڳو ٿيو. 2023ع ۾ هن ڏينهن تي، گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوٽريس چيو ته 'جيو پوليٽيڪل بي اعتمادي ۽ هڪٻئي کان اڳيان نڪرڻ جي ڊوڙ' هڪ ڀيرو ٻيهر ايٽمي تڪرار جي خطري کي سرد جنگ جي سطح تائين وڌائي ڇڏيو آهي. هاڻي جيڪڏهن اسان انهيءَ تي سوچ ويچار ڪريون ته ايٽمي هٿيارن جي پابندي تي معاهدو 2017ع ۾ حتمي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي ۽ باضابطه طور تي 22 جنوري 2021ع تي لاڳو به ٿي چڪو آهي. غور ڪريو ته هيءُ پهريون بين الاقوامي قانوني معاهدو آهي جيڪو ايٽمي هٿيارن جي پيداوار، جانچ، ذخيره اندوزي ۽ استعمال يا استعمال جي ڌمڪي تي مڪمل پابندي لڳائي ٿو. هاڻي اچو ته هتي اقوامِ متحده جي ڪردار تي غور ڪريون. اقوامِ متحده جي جنرل اسيمبلي هر سال هن ڏينهن تي هڪ خاص اجلاس منعقد ڪندي آهي ته جيئن بين الاقوامي برادري، سول سوسائٽي ۽ غير سرڪاري تنظيمن (اين جي اوز) کي ايٽمي هٿيارن جي خطرن کي منهن ڏيڻ ۽ دنيا کي هڪ پُرامن ۽ محفوظ علائقي ۾ تبديل ڪرڻ جي لاءِ هڪ عام عمل جو طريقو تيار ڪرڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم مهيا ڪري سگهجي. آخر ۾ آئون پنهنجي نوجوانن جو ڌيان هن ڏينهن جي حوالي سان سيپٽمبر 1939ع ۾ جنم وٺندڙ ۽ 19 مئي 2017ع تي فوت ٿيندڙ سوويت آفيسر اسٽينسلاو پيٽروف جيڪو سوويت ايئر ڊفينس فورسز جو ليفٽيننٽ ڪرنل هو، ڏانهن ڇڪرائيندس. جنهن پنهنجي عقلمنديءَ سان دنيا کي هڪ وڏي خون خوار جنگ کان بچايو پر اڄ هن ڏينهن يعني 26 سيپٽمبر تي هن جو ذڪر ڪٿي به نٿو ٿئي.

ياد رکو جيستائين اسان جو نوجوان اهڙن ماڻهن جي ڪردار کان واقفيت نه رکندو، ڪڏهن به اسان جو معاشرو ترقيءَ جون منزلون طئي نٿو ڪري سگهي. پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ پيٽروف چيو هو ته مشهور ڳاڙهي بٽڻ کي ڪڏهن به فعال نه ڪيو ويو هو ڇاڪاڻ ته تفصيلات داِن ايٽمي جنگ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪنهن هڪ شخص جي هٿ ۾ ڏيڻ نه چاهيندا آهن. ٻڌايو وڃي ٿو ته هن واقعي ۾ پيٽروف جي فوجي ڪردار بابت ڪجهه مونجهارو هو. پيٽروف اڪيلو سوويت ميزائل هٿيار فائر ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه هو. سندس واحد ذميواري سيٽلائيٽ جي سامان جي نگراني ڪرڻ ۽ چين آف ڪمانڊ تائين ميزائل حملي جي خبردارين جي رپورٽ ڪرڻ هئي. سوويت قيادت کي اِهو فيصلو ڪرڻو هو ته اولهه خلاف جوابي حملو ڪيو وڃي يا نه؟ پر ان فيصلي تائين پهچڻ جي لاءِ گهربل معلومات فراهم ڪرڻ ۾ پيٽروف جو ڪردار اهم هو. سرد جنگ جي ايٽمي حڪمت عملي جي ماهر ۽ ايٽمي هٿيارن جي خاتمي جي حامي ۽ اڳوڻي ڊفينس انفارميشن جي بروس جي بليئر جي مطابق 'اعليٰ قيادت، جنهن کي فيصلو ڪرڻ لاءِ صرف ڪجهه منٽ ڏنا ويندا هئا ۽ ٻڌايو ويندو هو ته حملو ٿيو آهي، اُن کي جوابي ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻو پوندو هو.' اُن جي ابتڙ ايٽمي سيڪيورٽي اسڪالر پاول پوڊوگ دليل ڏئي ٿو ته پيٽروف بلڪل صحيح هو 'سيٽلائيٽس کي هلائيندڙ فوجي ڪمانڊ سينٽر جي مٿان فيصلي سازي ۽ جائزي جا گهڻ ۾ گهڻ تي پرت هئا.' تنهن ڪري پيٽروف جي رپورٽ سڌي طرح ايٽمي حملي جو سبب نه بڻجي ها وڌيڪ. هُو چوي ٿو ته جيتوڻيڪ آمريڪي حملي کي حقيقي سمجهيو وڃي ها، سوويت يونين پنهنجي سرزمين تي اصل ايٽمي ڌماڪن ڪانپوءِ ئي پنهنجو حملو شروع ڪري ها. بهرحال منهنجي لاءِ حيرت جوڳو عمل اِهو هو ته 2006ع ۾ جڏهن پيٽروف کي پهريون ڀيرو اقوامِ متحده ۾ اعزاز ڏنو ويو ته اقوامِ متحده ۾ روسي فيڊريشن جي مستقل مشن هڪ پريس رليز جاري ڪئي جنهن ۾ اِهو موقف اختيار ڪيو ويو ته ڪو به هڪ شخص ايٽمي جنگ شروع يا روڪي نٿو سگهي انهيءَ پريس رليز ۾ اڳتي اِهو پڻ چيو ويو ته 'ڪنهن به صورت ۾ سوويت يونين يا آمريڪا ۾ ايٽمي هٿيارن جي استعمال جو فيصلو هڪ واحد ذريعي يا سسٽم جي ڊيٽا جي بنياد تي نٿو ڪري سگهجي، ايستائين جو انهيءَ تي غور ئي نٿو ڪري سگهجي، انهي جي لاءِ ڪيترن ئي سسٽمن کان تصديق ضروري آهي مثال طور، زمين تي ٻڌل ريڊار، ابتدائي خبرداري سيٽلائيٽ، انٽيليجنس رپورٽون، وغيره وغيره' انهي کان علاوه ڪين بليئر چوي ٿو ته انهيءَ وقت تائين آمريڪا ۽ سوويت جا لاڳاپا انهيءَ حد تائين خراب ٿي چڪا هئا جو 'سوويت يونين اڳڪٿي جي بنياد تي به تمام جلدي جواب ڏيڻ جي لاءِ تيار هو، جنهن جي ڪري حالات تمام حساس هئا، انهيءَ وقت ماحول تمام گهڻو پريشان، غلطين ۽ حادثن جو شڪار هو. پيٽروف جي دور ۾ جيڪو غلط الارم ٿيو، اهو آمريڪا ۽ سوويت لاڳاپن ۾ اهڙي خطرناڪ ۽ ڇڪتاڻ واري مرحلي تي آيو جو اُن کان وڌيڪ خطرناڪ وقت نٿي ٿي سگهيو.' ايستائين جو انهيءَ وقت جي پرڏيهي انٽيليجنس جي اڳوڻي ڪي جي بي سربراهه اوليگ ڪالوگن جي مطابق، خطرو ايستائين سوويت قيادت جي سوچ ۾ هو جو هُو اِهو سوچي رهيا هئا ته آمريڪي حملو ڪري سگهن ٿا. تنهنڪري اسان کي پهريان حملو ڪرڻ گهرجي بهرحال پيٽروف کان سندس اعليٰ عملدارن پاران سندس فيصلي بابت سخت پڇا ڳاڇا ڪئي وئي، شروعات ۾ سندس فيصلي جي ساراهه ڪئي وئي، ڪرنل جنرل يوري ووٽينتسف جيڪو سوويت ايئر ڊفينس جي ميزائل ڊفينس يونٽن جو انهيءَ وقت جو ڪمانڊر هو، اُهو پيٽروف جي واقعي جي رپورٽ ٻڌڻ وارو پهريون شخص هو ۽ 1990ع جي ڏهاڪي ۾ عوام جي اڳيان ان رپورٽ کي ظاهر ڪرڻ وارو پهريون شخص هو. چوي ٿو ته پيٽروف جا 'صحيح ڪارناما' مناسب طور تي نوٽ ڪيا ويا. پيٽروف پاڻ چوي ٿو ته شروعات ۾ ووٽنتس پاران سندس تعريف ڪئي وئي هئي ۽ انعام جو واعدو پڻ ڪيو ويو هو پر هُو چوي ٿو ته جنگ جي ڊائريڪٽري ۾ واقعي کي رڪارڊ نه ڪرڻ تي ڪاغذي ڪارروائي ۾ لاپرواهي ڪرڻ تي ڪيس سرزنش پڻ ڪئي وئي. پيٽروف چوي ٿو ته هن کي پنهنجي ڪنيل اقدامات تي نه ته انعام مليو ۽ نه ئي سزا. پيٽروف جي چوڻ مطابق هن کي انعام نه ملڻ جو سبب اِهو هو ته ميزائل جي ڳولا واري نظام ۾ ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ ٻين خرابين سندس اعليٰ عملدارن ۽ انهيءَ واقعي جي ذميوار سائنسدانن کي شرمسار ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري جيڪڏهن هن کي باضابطه طور تي انعام ڏنو وڃي ها ته انهن آفيسرن کي سزا ڏيڻي پوي ها. پوءِ هن کي گهٽ حساس عهدي تي منتقل ڪيو ويو ۽ پوءِ هن جلد رٽائرمينٽ ورتي، جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهه تي گهڻو اسرار ڪيو ويو ته هن کي فوج مان زبردستي ناهي ڪڍيو ويو ۽ پوءِ هُو ڊپريشن جو شڪار ٿي ويو. منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، اِهو واقعو 1998ع ۾ ووٽنتس جي يادداشتن جي اشاعت کانپوءِ دنيا جي سامهون آيو. اُن کانپوءِ ميڊيا ۾ وڏي پيماني تي ڪوريج ٿيڻ سبب پيٽروف جي ڪارنامن بابت عوام کي ڄاڻ ملي. اڄ 26 سيپٽمبر آهي. دنيا مان ايٽمي هٿيارن جي خاتمي بابت ويجهي مستقبل ۾ ڪجهه چوڻ شايد قبل از وقت ٿيندو، پر دنيا جي تاريخ تي نظر وجهون ۽ ماضيءَ جي جنگين سان گڏ جنگ ڪرڻ جي نون نون طريقن کي ڏسون ته دنيا کي ايٽمي هٿيارن کان پاڪ ٿيندي ڏسڻ اڃا به ڏکيو لڳي ٿو.

> هيءُ پهريون بين الاقوامي قانوني معاهدو آهي جيڪو ايٽمي هٿيارن جي پيداوار، جانچ، ذخيره اندوزي ۽ استعمال يا استعمال جي ڌمڪي تي مڪمل پابندي لڳائي ٿو. هاڻي اچو ته هتي اقوامِ متحده جي ڪردار تي غور ڪريون. اقوامِ متحده جي جنرل اسيمبلي هر سال هن ڏينهن تي هڪ خاص اجلاس منعقد ڪندي آهي ته جيئن بين الاقوامي برادري، سول سوسائٽي ۽ غير سرڪاري تنظيمن (اين جي اوز) کي ايٽمي هٿيارن جي خطرن کي منهن ڏيڻ ۽ دنيا کي هڪ پُرامن ۽ محفوظ علائقي ۾ تبديل ڪرڻ جي لاءِ هڪ عام عمل جو طريقو تيار ڪرڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم مهيا ڪري سگهجي. آخر ۾ آئون پنهنجي نوجوانن جو ڌيان هن ڏينهن جي حوالي سان سيپٽمبر 1939ع ۾ جنم وٺندڙ ۽ 19 مئي 2017ع تي فوت ٿيندڙ سوويت آفيسر اسٽينسلاو پيٽروف جيڪو سوويت ايئر ڊفينس فورسز جو ليفٽيننٽ ڪرنل هو ڏانهن ڇڪرائيندس. جنهن پنهنجي عقلمنديءَ سان دنيا کي هڪ وڏي خون خوار جنگ کان بچايو.

سمجهڻ جو فلسفو

عبدالرحمان پيرزادو

هانس-گئورگ گادامر (1900ع—2002ع) جرمنيءَ جو فلسفي هو. سندس فلسفي جو مرڪز هرمينيوٽڪس، يعني ڪنهن ڳالهه، لکڻي، تاريخ يا تجربي کي سمجهڻ جو فلسفو هو. سندس مشهور ڪتاب *Truth and Method*، يعني 'سچ ۽ طريقو'، 1960ع ۾ ڇپيو. گادامر جو بنيادي سوال هو ته اسان ڪنهن لکڻي، تاريخ، فن، ماڻهو يا دنيا کي آخر سمجهون ڪيئن ٿا؟ سندس نظر ۾ سمجهڻ ڪو مشيني طريقو يا ٽيڪنڪ ناهي پر انسان جي زندگيءَ جو حصو آهي. جڏهن اسان ڪنهن ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ته خالي ذهن سان نٿا وڃون. اسان وٽ پنهنجا اڳوڻا تجربا، خيال، ٻولي، روايتون ۽ سوچ موجود هوندي آهي. گادامر ان کي اڳواٽ سمجهه چوي ٿو. اها اڳواٽ سمجهه لازمي طور خراب شيءِ ناهي، بلڪ نئين ڳالهه کي سمجهڻ جي شروعات بڻجي ٿي.

هر ماڻهوءَ جي پنهنجي تاريخ، ٻولي، تجربن ۽ سماجي ماحول مان ٺهيل هڪ افق هوندو آهي. ٻئي ماڻهو لکڻي يا تاريخ جو به پنهنجو افق هوندو آهي. جڏهن اسان ٻئي جي ڳالهه ٻڌون ٿا ۽ ان سان سچي ڳالهه ٻولهه ڪريون ٿا ته ٻنهي جا افق هڪ ٻئي سان ملن ٿا. گادامر ان کي 'افقن جو ميلاپ' چوي ٿو. ان جو مطلب اهو آهي ته مان رڳو پنهنجي ڳالهه کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ٻئي کي نٿو ٻڌان؛ ٻئي کي سمجهندي منهنجي پنهنجي سمجهه به تبديل ٿي سگهي ٿي.

گادامر وٽ روايت به اهم آهي. انسان روايت کان ٻاهر پيدا نٿو ٿئي. ٻولي، ثقافت، ڪٽنب، خاندان، سماج ۽ تاريخ سندس سوچ کي شڪل ڏين ٿا. پر روايت جو مطلب اهو ناهي ته ماضيءَ جي هر ڳالهه کي بنا سوچ جي قبول ڪيو وڃي. روايت سان زنده ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي؛ ان کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ ضرورت پوڻ تي بدلائڻ گهرجي.

گادامر لاءِ ٻولي به تمام اهم آهي. اسان دنيا کي ٻوليءَ وسيلي سمجهون ٿا. جيڪو ڪجهه اسان سمجهون ٿا، ان کي لفظن، خيالن ۽ ڳالهه ٻولهه جي وسيلي سمجهون ٿا. تنهنڪري ٻولي رڳو ڳالهائڻ جو ذريعو ناهي؛ ٻولي دنيا کي سمجهڻ جو بنيادي وسيلو آهي.

گادامر وٽ ڳالهه ٻولهه يا مڪالمو وڏي اهميت رکي ٿو. سچي سمجهه سوال ڪرڻ، ٻڌڻ، جواب ڏيڻ ۽ ٻيهر سوچڻ سان پيدا ٿئي ٿي. اُن ڪري ڳالهه ٻولهه ۽ مناظري ۾ فرق آهي. مناظري ۾ مقصد ٻئي کي هارائڻ ٿي سگهي ٿو، جڏهن ته ڳالهه ٻولهه جو مقصد گڏجي ڳالهه کي سمجهڻ هوندو آهي.

گادامر جي فڪر کي منهنجي ساڃاهه واري تصور سان به ملائي سگهجي ٿو. ساڃاهه رڳو پڙهيل لکيل هجڻ جو نالو ناهي؛ ٻڌي، سمجهي، هنڊائي ۽ ورجائي سگهڻ ساڃاهه آهي. اهڙيءَ طرح سمجهڻ به رڳو معلومات گڏ ڪرڻ ناهي. ماڻهو ٻئي جي ڳالهه ٻڌي، پنهنجي اڳواٽ سمجهه کي پرکي ۽ ضرورت هجي ته پنهنجي سوچ کي تبديل ڪري ٿو.

مختصر طور گادامر وٽ سمجهڻ جو عمل هن ريت سمجهي سگهجي ٿو:

اڳواٽ سمجهه + روايت + ٻولي + سوال + ڳالهه ٻولهه + افقن جو ميلاپ = نئين سمجهه

منهنجي نظر ۾ گادامر جو اهم سبق اهو آهي ته ماڻهو خالي ذهن سان دنيا کي نٿو سمجهي. هو پنهنجي تاريخ، ٻولي ۽ تجربي مان سمجهڻ شروع ڪري ٿو. پر سچي ڳالهه ٻولهه سان سندس سمجهه ۽ سندس افق ٻئي بدلجي سگهن ٿا.

منهنجي لاءِ گادامر جو فلسفو رڳو سمجهڻ جو فلسفو ناهي؛ اهو انسان جي اُن عمل کي سمجهڻ جو ڏڳ آهي، جنهن وسيلي هو پنهنجي ماضي، ٻولي، روايت ۽ موجوده تجربي سان ڳالهه ٻولهه ڪندي دنيا کي معنيٰ ڏئي ٿو. گادامر ٻڌائي ٿو ته ماڻهو خالي ذهن سان دنيا کي نٿو سمجهي. هو پنهنجي تاريخ، ٻولي، روايت ۽ اڳواٽ سمجهه سان هر شيءِ ڏانهن وڃي ٿو. پر سچي ڳالهه ٻولهه ۾ سندس افق بدلجي سگهي ٿو. مون وٽ به ڳالهه ٻولهه مناظري کان وڌيڪ اهم آهي، ڇو ته مناظري ۾ مقصد ٻئي کي مات ڏيڻ ٿي سگهي ٿو، جڏهن ته ڳالهه ٻولهه ۾ مقصد گڏجي سمجهڻ ۽ سمجهه کي اڳتي وڌائڻ آهي.

منهنجي 'هوموسيپين - انسان - ماڻهو - ماڻهپو' واري فڪر سان گادامر جو هي پاسو ويجهو اچي ٿو. هوموسيپين حياتياتي وجود آهي؛ انسان تاريخي ۽ سماجي وجود بڻجي ٿو؛ ماڻهو شعوري عمل سان نهندو آهي ۽ ماڻهپو ان جي گڏيل زندگيءَ جو معيار آهي. انسان پيدا ٿيندو آهي، ماڻهو نهندو آهي. تنهنڪري ماڻهپو ڪا ڄمڻ سان ملندڙ صفت ناهي، پر سماج، ساڃاهه، تجربن، رشتن ۽ گڏيل عمل مان پيدا ٿيندڙ شيءِ آهي. پر منهنجو فڪر گادامر تي ختم نٿو ٿئي. گادامر جو بنيادي سوال آهي ته سمجهڻ ڪيئن ممڪن آهي؛ منهنجو سوال ان کان اڳتي وڃي ٿو ته سمجهڻ ڪانپوءِ اسان ڇا ٿا ڪريون؟ هتي مارڪسواد منهنجي فڪر ۾ داخل ٿئي ٿو. رڳو ٻولي، روايت ۽ تاريخ کي سمجهڻ ڪافي ناهي؛ اهو به ڏسڻو پوندو ته اهي تاريخون ڪنهن جون آهن، طاقت ڪنهن وٽ آهي، پيداوار جا وسيلا ڪنهن جي قبضي ۾ آهن، طبقاتي لاڳاپا ڪيئن نهن ٿا ۽ سماجي شعور کي ڪهڙيون مادي حالتون شڪل ڏين ٿيون.

تنهنڪري منهنجي نظر ۾ ساڃاهه رڳو ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو نالو ناهي. ساڃاهه جو مطلب ٻڌي، سمجهي، هنڊائي ۽ ورجائي سگهڻ آهي؛ پر ان سان گڏ پنهنجي حال جي ڍانچي کي سمجهڻ ۽ ان کي بدلائڻ جي صلاحيت به آهي. هتي گادامر جي سمجهه ۽ مارڪس جي سماجي ڇنڊڇاڻ هڪ ٻئي سان ڳنڍجن ٿا.

مان انسان کي پنهنجي حال جو قيدي ۽ ماضيءَ جو رڳو وارث نٿو سمجهان. انسان پنهنجي تاريخ مان نهندو آهي، پر تاريخ کي اڳتي وڌائڻ جي صلاحيت به رکي ٿو. ان ڪري آئينده مون لاءِ اڳواٽ لکيل منزل ناهي. آئينده انهن ماڻهن جي گڏيل عمل مان نهندو، جيڪي پنهنجي ماضيءَ کي سمجهن، پنهنجي حال جي طبقاتي ۽ طاقتور ڍانچن کي چٽندي ڏسن ۽ پنهنجي ماڻهپي وسيلي نئين سماجي صورت ناهڻ جي ڪوشش ڪن.

گادامر مون کي سمجهڻ جو ڏڳ ڏئي ٿو. مارڪسواد سماج جي مادي ۽ طبقاتي ڍانچي کي ڇنڊڻ جو اوزار ڏئي ٿو ۽ منهنجو 'هوموسيپين - انسان - ماڻهو - ماڻهپو' وارو فڪر انهن ٻنهي کي آئينديءَ سان ڳنڍيندي ٿو. منهنجي لاءِ اصل سوال اهو ناهي ته انسان ڇا آهي؛ اصل سوال اهو آهي ته هوموسيپين مان ڪهڙو انسان، انسان مان ڪهڙو ماڻهو ۽ ماڻهوءَ مان ڪهڙو ماڻهپو نهي رهيو آهي- ۽ اسان گڏجي ڪهڙو آئينده ناهڻ چاهيون ٿا؟

منهنجي نظر ۾ ماڻهپو ماضيءَ جي ورثي طور ملندڙ شيءِ ناهي؛ اهو هر نسل کي پنهنجي عمل سان ناهڻو پوي ٿو. تنهنڪري آئينده انتظار ڪرڻ واري شيءِ نه پر سمجهه، ساڃاهه، آزادي ۽ گڏيل عمل سان ناهڻ واري شيءِ آهي.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

وِلاڙِيو وَٽِين چَڙهي، ڀَسو سَگهه سَنڌِياسِ،
آڏيءَ وَڃيو آڪُڙيءَ، نڪو ڀِيُ نه ماسِ،
سوئي سو سيڻاسِ، ڀَري ڀَڙاڏا ڪَري.

هوءَ ولاڙُون ڏيندي، وٽن تي چڙهيو وڃي، ڏسو سندس سگهه!. ڪيس نه ماءُ ساڻ آهي نه پيءُ. هوءَ اڌ رات جو اڪيلي سفر ڪندي پيئي وڃي. سندس ساٿي اهو ئي سندس آواز آهي، جو پراڻهن پنڌن تي ڀڙاڏا پيو ڪري.

اڄوڪو ڏينهن ----- 26 سيپٽمبر

مختيار انڙ

نواب عرض محمد لغاري

نواب عرض محمد لغاري پنهنجي دور جو مشهور صوفي شاعر هو. هن جو جنم 26 سيپٽمبر 1892ع تي نواب محمد خان لغاريءَ جي گهر ٿيو هن پنج درجا اسڪول ۾ پڙهيا ۽ وڌيڪ تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪيائين. هُو صوفي شاهه عنايت جوڳوٺ جو معتقد هو ۽ پنهنجي دور جو هڪ قادرالڪلام شاعر هو. هن جي شاعريءَ ۾ صوفي ڪلام، ڪافيون ۽ بيت شامل آهن. هن 1969ع ڌاري وفات ڪئي.

ڊاڪٽر سليم الله قريشي

هن نامور تعليمي ماهر 26 سيپٽمبر 1942ع تي نصرالله قريشيءَ جي گهر سکر شهر ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. ابتدائي تعليم پرائمري سکر مان حاصل ڪيائين، ان بعد گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج حيدرآباد مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ مان بي ايس سي ۽ ايم ايس سي جون سندون حاصل ڪيائين. هو 1974ع ۾ ساڳئي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. نوڪريءَ دوران اسڪالرشپ حاصل ڪري انگلينڊ هليو ويو، جتان براڊ فورڊ يونيورسٽيءَ مان 1979ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪيائين. هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ ڊائريڪٽر ۽ پروفيسر طور پڻ ڪم ڪيو. هن 20 جولاءِ 1996ع تي وفات ڪئي.

ناهيد اختر



اڄ پاڪستان جي مشهور گلوڪاره ناهيد اختر جي جنم جو ڏينهن آهي. هوءَ 26 سيپٽمبر 1956ع تي ملتان ۾ پيدا ٿي. 1970ع ۾ ريڊيو پاڪستان ملتان تان ڳائڻ جي شروعات ڪيائين. 1974ع ۾ مشهور موسيقار ايم اشرف هن کي فلمي دنيا ۾ پس پرده گلوڪاره طور متعارف ڪرايو. هن سڀ کان پهريائين فلم "ننها فرشتا" لاءِ گانو رڪارڊ ڪرايو. پنهنجي سريلي ۽ رس ڀرئي آواز سبب 1970ع ۽ 1980ع وارن ڏهاڪن ۾ هن وڏي مقبوليت ماڻي ۽ ڪيترن ئي فلمن لاءِ سوين گيت رڪارڊ ڪرايا. 1986ع ۾ پنهنجي مقبوليت جي عروج تي هجڻ باوجود هن ڳائڻ کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري ورتي. 1994ع ۾ هن هڪ صحافيءَ آصف علي پوٽا سان شادي ڪئي. سندس گهر وارو 2017ع ۾ گذاري ويو. هن ڪجهه سنڌي ڪلام به ڳايا.

سعيد احمد اعوان

اڄ سنڌ جي مشهور سرڪاري آفيسر ۽ انتظامي سربراهه سعيد احمد اعوان جي جنم جو ڏينهن آهي هُو 26 سيپٽمبر 1964ع ۾ جيڪب آباد ۾ ڄائو ۽ معاشيات واري شعبي ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين. سعيد احمد سنڌ سرڪار جي مختلف کاتن ۾ ڪيترن ئي اهم عهدن تي رهي خدمتون سرانجام ڏنيون. انهن عهدن ۾ بورڊ آف روينيو ۾ ڊائريڪٽر سيٽلمينٽ اينڊ سروي، ناڻي کاتي ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر، رانڊين واري کاتي ۾ سيڪريٽري ۽ ڪلچر ٽوئرزم اينڊ اينٽي ڪوئٽيز ۾ سيڪريٽريءَ جهڙا اهم عهدا شامل آهن.

امداد حيدر سولنگي

هن ناليواري شاعر ۽ نثر نويس جو جنم 26 سيپٽمبر 1976ع تي ڳوٺ حافظ خان محمد سولنگي تعلقي موري ۾ ٿيو سندس والد جو نالو ڊاڪٽر سليمان سولنگي آهي. هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم موري مان حاصل ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي بين الاقوامي لاڳاپن واري شعبي مان گريجوئيشن ڪئي. اڳتي هلي ڪراچيءَ جي سنڌ مسلم لا ڪاليج مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪيائين. هن 1993ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪئي. نثر توڙي نظم لکندو رهيو آهي پر شاعري سندس خاص سڃاڻپ آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو "ملڪ جي موسم" ڇپجي چڪو آهي. سنڌي ادبي سنگت ۽ بار ايسوسيئيشن ڪراچيءَ سان لاڳاپيل رهيو آهي.

شيخ عبدالعزيز قنڌاري

شيخ عبدالعزيز قنڌاري پنهنجي دور جو جيد عالم، استاد ۽ صحافي هو. هن بزرگ جو تفصيلي احوال مولانا غلام محمد گراميءَ جي مشهور ڪتاب "ويا سي ويڇيجهار" ۾ ڏنل آهي. اڄ هن بزرگ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هُو 7 مارچ 1876ع تي حيدرآباد جي هندو آڏواڻي خاندان ۾ پيدا ٿيو هن نون سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ اسلام قبول ڪيو مسلمان ٿيڻ کانپوءِ پهريائين ڪيس پير جهنڊي موڪليو ويو. 31 ورهين جي ڄمار ۾ ڪيس قنڌار جي هڪ مدرسي ۾ داخل ڪرايو ويو. انهيءَ مدرسي ۾ هن ديني تعليم سان گڏ عربي، فارسي ۽ پشتو ٻوليءَ تي عبور حاصل ڪيو. هن کي قنڌار ايترو پسند هو جو پاڻ کي قنڌاري سڏائيندو هو. 22 سالن جي عمر ۾ سنڌ واپس آيو ۽ سنڌ مدرسي ۾ پڙهيو عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ مدرسي ۾ پڙهائڻ سان ڪيائين. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ خيرپور ميرس جي شهزادي جو اتاليق مقرر ٿيو 1916ع ۾ علي ڳڙهه مان بي اي جي سند حاصل ڪيائين. ان بعد هن بيت الحڪمت دهليءَ ۾ به پڙهائي ڪئي. انهيءَ مدرسي ۾ هن جون ملاقاتون مولانا عبيدالله سنڌيءَ سميت مختلف اڳواڻن ۽ عالمن سان ٿيون. اڳتي هلي ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو. 1925ع ۾ ايڪسائيز کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ نوڪري ڪري 1950ع ۾ رٽائر ٿيو هن ڪجهه وقت الوحيد اخبار جي ايڊيٽر طور به ڪم ڪيو ۽ پاسبان نالي هڪ اخبار جاري ڪيائين. هُو ڪيترين ئي سماجي ۽ ادبي تنظيمن جو ميمبر رهيو. هن کي ادب ۽ لکڻ پڙهڻ سان به خاص دلچسپي رهي. هن بزرگ 26 سيپٽمبر 1959ع تي هن جهان مان موڪلايو.

ٿهلرام آزاد



ٿهلرام آزاد سنڌي ٻوليءَ جو برک ليکڪ، صحافي ۽ مشهور اسٽيج ڪمپيئر هو. هن جو جنم ٽنڊي محمد خان شهر ۾ 1925ع ۾ ٿيو. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا هن جي جنم جي تاريخ 12 آگسٽ ڄاڻائي آهي، جڏهن ته ڀڳوان ٻاڳچنداڻيءَ جي ڪتاب Promoters and Sindhyat Preservers of ۾ 10 آگسٽ لکيل آهي. مئٽرڪ تائين حيدرآباد ۾ پڙهيو ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ڇڏي هندستان جي شهر ممبئيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. هُو هڪ بهترين ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڪالم نگار، مضمون نگار ۽ شاعر هو. خاص طور تي ٻاراڻي ادب جي حوالي سان سندس خدمتون وسارڻ جوڳيون ناهن. ڪيس اسٽيج جو بادشاهه سڏيو ويندو هو. ممبئيءَ ۾ منعقد ٿيندڙ اڪثر ثقافتي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ هن کان ڪرائي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اسٽيج تي ڳائيندو به هو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "ٻاپوءَ جي سپنن جو سوراج" (مضمون)، "هيرا موتي" (ٻارڙن لاءِ ناول)، "معصوم مرڪ" (ٻارن جو آکاڻيون)، "سک جو سڏ" (سفرنامون)، "گهر جي روشني" (روسي ڪهاڻين جو ترجمو)، "جهانسيءَ جي راڻي" (ناول)، "شفا خانو" (ترجمون ڪيل ناول)، "ناري رتن" (سوانح عمريون)، "پنچائتي راڄ" ۽ "مها ڀارت" شامل آهن. هُو هندستان ۾ ڇپجندڙ مختلف سنڌي ۽ هندي اخبارن مثال طور روزاني هندستان، هفتيوار هندواسي ۽ سنڌو ڌارا وغيره ۾ ڪالم پڻ لکندو هو. سنڌي ٻوليءَ جي هن ساهتڪار جا 26 سيپٽمبر 1990ع تي پساهه پورا ٿيا.

غلام علي

اڄ مشهور موسيقار غلام عليءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن 1933ع ڌاري حيدرآباد ۾ اکيون کوليون سندس والد واحد بخش شيخ حيدرآباد جو مشهور سارنگي نواز هو غلام عليءَ کي ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ ۽ موسيقيءَ سان گهڻو چاهه هو هن ڪجهه وقت راڳ جي سکيا به ورتي پر پوءِ ڳائڻ کي ڇڏي موسيقيءَ طرف ڌيان ڏنائين هن پنهنجي زندگيءَ جا لڳ ڀڳ 25 سال ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کي هڪ موسيقار طور ارپي ڇڏيا. هن اٽڪل 20 سال پاڪستان ٽيليويزن تي به ڌنون ترتيب ڏنيون ٽيليويزن جي مشهور پروگرام پرک جي موسيقي به غلام علي ترتيب ڏيندو هو هن ڪيترن ئي سنڌي فلمن ۾ به موسيقار طور خدمتون سرانجام ڏنيون انهن فلمن ۾ شهروفيروز، مٽڙا شال ملن، شهيد، رت جا رشتا، پيار ڪيو سينگار، دشمن، علي گوهر ۽ ٻيون فلمون شامل آهن هن ناميارو موسيقار جي ساهه جو سڳو 26 سيپٽمبر 1996ع تي هميشه لاءِ ٽٽي پيو. سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ هن جي وفات جي تاريخ 18 آگسٽ 1996ع لکيل آهي.

نورالدين سرڪي



اڄ ناليواري قانوندان ۽ ترقي پسند اديب نورالدين سرڪيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ هن جي جنم جي تاريخ 5 مارچ ڄاڻائي وئي آهي پر حميد سبزوئيءَ جي ڪتاب "قاتي جڳ لاقاني ماڻهو" ۾ 2 مارچ لکيل آهي البت ٻنهي حوالن ۾ هن جي جنم جو سال 1927ع آهي سندس والد ڪمال الدين سرڪي شڪارپور جو هڪ سرندي وارو ماڻهو هو. هن انٽر تائين تعليم شڪارپور مان حاصل ڪئي ۽ ايل ايل بي جي سند ايس ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول ۾ استاد جي حيثيت سان ڪيائين 1954ع کان 1967ع تائين اسلاميه آرٽس ڪاليج ۾ پهريائين ليڪچرار ۽ پوءِ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪيائين شاگرديءَ واري زماني کان ئي سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين 1948ع ۾ مسلم ليگ ڇڏي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو حصو بڻجي ويو. سنڌي ادبي سنگت ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين سان به سندس ساٿ رهيو 1950ع ۾ پنهنجي هم خيال ساٿين سان ملي هفتيوار اخبار صداقت جاري ڪيائين 1970ع واري ڏهاڪي ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين هُو هڪ سٺو ليکڪ ۽ مترجم هو. سندس لکيل ڪتابن ۾ نيٺ جا ڪجي (ٽالسٽاءِ جي ڪتاب جو ترجمو)، جي تو بيت ڀانيان (لطيفيات)، ڪي وسرن نه مور (خط) ۽ ڀهاڪا روشنيءَ جا ڏيئا شامل آهن هن 26 سيپٽمبر 2007ع تي وفات ڪئي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج V حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1575 سال 2026

مسمات ڪرن ڌيءُ رياض علي رهاڪو ڀاءُ محمد هائوسنگ سوسائٽي نزد علمدار چوڪ قاسم آباد 03175995955 ..پلينٽف.. بخلاف.. غلام قادر ولد دين محمد رهاڪو ڳوٺ شير خان لغاري تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ 03000353673 . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IX حيدرآباد
(روبرو جناب مس حميرا اولو)
فيملي سوٽ نمبر 1698 سال 2026

مسمات ماروي ڌيءُ سڪندر حسين رهاڪو ماڇي ڳوٺ يونٽ نمبر 03 لطيف آباد ..پلينٽف.. بخلاف.. عزيز الله ولد غلام مصطفيٰ خاصخيلي رهاڪو ڳوٺ حاجي خدا بخش پي او قاضي احمد تعلقو قاضي احمد. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ ڊاور اماؤنٽ ،لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 6th حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 1249 سال 2026

مسمات ماروي زال عزيز الله ڌيءُ سڪندر حسين رهاڪو ماڇي ڳوٺ يونٽ نمبر 3 لطيف آباد ..پلينٽف.. بخلاف.. (1) عزيز الله ولد غلام مصطفيٰ خاصخيلي رهاڪو ڳوٺ حاجي خدا بخش پي او قاضي احمد تعلقو قاضي احمد سيل نمبر 03053036810 . (2) ريجنل ڊائريڪٽر نادرا يونٽ نمبر 8 لطيف آباد (3) چيئرمين يو سي 138 يونٽ نمبر 3 ڊسٽرڪٽ حيدرآباد ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن، مينڊيٽري اينڊ پرمننٽ انجڪشن ،لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 12-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج 6th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 5th حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 569 سال 2026

علي حسن رستماڻي ولد پير بخش رستماڻي فرسٽ ايبريس گهر نمبر D-290 فيز 2 قاسم آباد حيدرآباد سيڪنڊ ايبريس گهر نمبر 356 سيڪٽر 8 صادق ليوئي قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف.. بخلاف.. محمد صفر حاجانو ولد لونگ حاجانو ۽ ٻيا رهاڪو ڳوٺ منڌار شورو تعلقو قاسم آباد حيدرآباد ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري اماؤنٽ ساڻ پينلٽي ۽ ڊيمجز ،لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج 5th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي سوٽ نمبر 142 سال 2026

مسمات يثرب ڌيءُ بشير احمد رهاڪو فليٽ نمبر 2145 a/115 هيرا آباد حيدرآباد معرفت اٽارني بشيراحمد ..پلينٽف.. بخلاف.. محمد عثمان ولد خالد حسين ميمڻ رهاڪو بنگلو نمبر 33 پاڪ لينڊ علمدار چوڪ قاسم آباد حيدرآباد . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 01-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات گلي ..پلينٽف.. بخلاف.. ياسين علي ولد سليمان ساريو رهاڪو ڳوٺ ڪالوبي او ڪڪر تعلقو خانپور ڪي اين شاهه ضلعو دادو حال ٻير اسٽاپ سائيٽ ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو سيل نمبر 03292863086 . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 28-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 336 سال 2026

مسمات خالده ..پلينٽف.. بخلاف.. صابر ولد تاج محمد ذات لاشاري رهاڪو ڳوٺ مسو خان جلباڻي نزد نري محبت تعلقو ميهڙ ضلعو دادو . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري آف مينٽيننس، ڊليوري ايڪسپينسز، ڊاور اماؤنٽ (حق مهر) ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 330 سال 2026

مسمات عائشه ..پلينٽف.. بخلاف.. قمر ڪوسو ولد حيات ڪوسو رهاڪو ڳوٺ عنايت ڪوسو ڪولاچي موري تعلقو ميهڙ ضلعو دادو 03063590771 . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 28-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 99 سال 2026

شريمتي لڇمي زال رميش هندو بالغ ذات ڪچي ڪولهي رهاڪو شيوو ڪالوني خواجه ڳوٺ سلطان آباد ضلعو ٽنڊو الهيار. پلينٽف.. بخلاف. رميش ولد نارائڻ هندو بالغ رهاڪو پيارو لنڊ ضلعو ٽنڊو الهيار. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 28-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج II شهيد بينظيرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 98 سال 2026

نادر علي ولد واحد بخش ۽ ٻيا پلينٽف.. بخلاف.. (1) محمد اسماعيل ولد واحد بخش معرفت قانوني وارث (a) محمد ابراهيم (پٽ)(b) لڪمير (پٽ) رهاڪو تاج ڪالوني نوابشاهه (2) مهر دل ولد واحد بخش(3) نذير محمد ولد واحد بخش معرفت قانوني وارث 1، 2 ،4 کان 7 (4) مسمات در ناز(5) مسمات حليمان (6) مسمات ڏيائي (7) مسمات ماروي (8) مسمات زاهدان سڀ ڌيئرون واحد بخش سيريل 2 کان 8 رهاڪو ڳوٺ خان محمد لنڊ ديهه 16 ڏڏ تعلقو نوابشاهه (9) اي سي نوابشاهه (10) مختيارڪار روينيو تعلقو نوابشاهه (11) ڊي سي شهيد بينظير آباد (12) سنڌ صوبو معرفت سيڪريٽري روينيو ڪراچي ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن، پزيشن ، پارٽيشن، ميسني پرافٽ، اينڊ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي آرڊر VII رول 1 سي پي سي تحت ۽ زير قلم 39 رول 1 ۽ 2 سي پي سي تحت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج II شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1752 سال 2026

مسمات شبانه ڌيءُ الله بخش ..پلينٽف.. بخلاف.. دانش عباس ولد غلام عباس رهاڪو گهر نمبر 7 هيپي هومز سٽيزن ڪالوني قاسم آباد حيدرآباد . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس ،لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
گارڊين سوٽ نمبر 359 سال 2026

مسمات شبانه ڌيءُ الله بخش ..ايپليڪينٽ.. بخلاف.. دانش عباس ولد غلام عباس رهاڪو گهر نمبر 7 هيپي هومز سٽيزن ڪالوني قاسم آباد حيدرآباد . اپونٽنس

.مٿين اپونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف درخواست زير قلم 7.10.26 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 436 سال 2026

مسمات ارم ڌيءُ سوڀل لاشاري رهاڪو ڪيمپ 02 نوابشاهه ..پلينٽف.. بخلاف.. غلام مرتضيٰ ولد غلام قادر لاشاري رهاڪو ڳوٺ اڌو خان رسول آباد تعلقو سوڀوديرو ضلعو خيرپور ميرس . اپونٽنس

.مٿين اپونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 03-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 368 سال 2026

مسمات آسيه ڌيءُ مير حسن ڪوسو رهاڪو تاج ڪالوني نوابشاهه ..پلينٽف.. بخلاف.. احسان ڪوسو ولد علي حسن ڪوسو رهاڪو ڳوٺ علي حسن ڪوسو تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد . اپونٽنس

.مٿين اپونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 30-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 65 سال 2026

مسمات زيبل ڌيءُ امام بخش رهاڪو ڳوٺ نواب ولي محمد تعلقو قاضي احمد ..پلينٽف.. بخلاف.. صديق ولد رجب لاکو رهاڪو لال باغ نزد درگاهه سيوهڻ شريف تعلقو سيوهڻ ضلعو ڄامشورو . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 28-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ساران بيبي ڌيءُ غلام شاهه زال سيد رشيد احمد شاهه رهاڪو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان ..پلينٽف.. بخلاف.. سيد رشيد احمد شاهه ولد الله بچايو رهاڪو ڳوٺ گاهيجو غلام الله ٿاڻو تعلقو ضلعو ٺٽو . ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

جيئن ته نالي وحيد علي ولد غلام نبي ٽاٽڙي ويٺل ڳوٺ ٽاٽڙي تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو اسان جي آفيس ۾ درخواست ڪئي آهي ته سندس جي ماءُ نالي مسمات وزيران خاتون زال مرحوم غلام نبي ٽاٽڙي جيڪا تاريخ 03-06-2026 تي فوت ٿي وئي آهي جيڪا تعليم کاتي مان پينشن کڻندڙ هئي جنهن جي تصديق ٻن نيڪ مردن هڪ نالي (1) امتياز علي ولد غلام حسين ابڙو قومي شناختي ڪارڊ نمبر 4320113761549 (2) عبدالوهاب ولد قربان علي قومي شناختي ڪارڊ نمبر 4320197063609 ٻئي ويٺل ڳوٺ ٽاٽڙي تعلقو ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻو جنهن هيٺين حقيقي وارثن جي تصديق ڪئي آهي. فوتڻ مسمات وزيران زال مرحوم غلام نبي ٽاٽڙي (1) نذير علي (فوتڻ جو پٽ) (2) وحيد علي (فوتڻ جو پٽ) (3) مسمات فاطمه (فوتڻ جي ڌي) (4) مسمات فهميده خاتون (فوتڻ جي ڌي) (نوٽ) فوتڻ جا والدين فوتڻ جي حياتي ۾ ئي فوت ٿي ويا آهن مٿي ڏيکاريل وارثن کان سواءِ ڪنهن کي به اعتراض آهي ته هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ روبرو 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض داخل ڪرائيندا مدو گذرڻ بعد قانون موجب وارثي سرٽيفڪيٽ مٿي ڏيکاريل حقيقي وارثن جي نالي نيڪال ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڏوڪري

عام اطلاع

جيئن ته منهنجو والد محمد ابراهيم تاريخ 01-01-2000 تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جو فوتي سرٽيفڪيٽ يو سي آفيس عبيدالله پرگڙي مان ڏنو وڃي ڪنهن به شخص کي ڪوبه اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندر يو سي عبيدالله پرگڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص وٽ پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو

اخترعلي ولد محمد ابراهيم ڳوٺ طالب حسين جٽ
ديهه 210 تعلقو ڪوٽ غلام محمد

عام اطلاع

جيئن ته منهنجو ڀاءُ اصغر علي ولد محمد ابراهيم تاريخ 01-01-2014تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جو فوتي سرٽيفڪيٽ يو سي آفيس عبيدالله پرگڙي مان ڏنو وڃي ڪنهن به شخص کي ڪوبه اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندر يو سي عبيدالله پرگڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص وٽ پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو

اخترعلي ولد محمد ابراهيم ڳوٺ طالب حسين جٽ
ديهه 210 تعلقو ڪوٽ غلام محمد

عام اطلاع

جيئن ته منهنجي زال نرگس زال اختر علي تاريخ 05-03-2017 تي وفات ڪري وئي آهي جنهن جو فوتي سرٽيفڪيٽ يو سي آفيس عبيدالله پرگڙي مان ڏنو وڃي ڪنهن به شخص کي ڪوبه اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندر يو سي عبيدالله پرگڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص وٽ پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو

اخترعلي ولد محمد ابراهيم ڳوٺ طالب حسين جٽ
ديهه 210 تعلقو ڪوٽ غلام محمد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ڏجي ته عرضدار عبدالحڪيم ولد ملڪ محمد حنيف رهاڪو ڳوٺ سنجر ميربحر قاسم آباد حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي ملڪ محمد حنيف ولد عبدالحڪيم تاريخ 18-11-2021 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر83/1،2،3 ايراضي حصي موجب ديهه پينڊو جاگير ٽپو ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) عبدالحڪيم (پٽ) (2) محمد رمضان (پٽ)(3) محمد شعبان (پٽ) (4) مقدس بي بي (ڌي) (5) گلزار حنيف (بيواهه)جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرانالاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوا قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

بقايا 1 روزاني عبرت

مقتول جي وارثن کي ادا ڪيو ويندو تفصيل موجب خيرپور جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ۾ ڪنڊيو مستي ٿاڻي جي حد ۾ سال 2014 ع دوران ڳوٺ حيدر علي لنڊواڻي ۾ ٿيل قتل واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي عدالتي ذريعن موجب جوابدارن سرفراز علي خواجا کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو هو واقعي کان پوءِ پوليس مقتول جي پيءُ جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري جاچ مڪمل ڪرڻ بعد ڪيس عدالت ۾ چالان ڪيو ۽ سرڪار طرف ڪيس ۾ ڊي پي پي محمد حنيف منگيءَ ڪيس متعلق پنهنجا دليل پيش ڪيا ۽ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي دوران جوابدارن خلاف قتل ۽ اغوا جا الزام ثابت ٿيڻ تي ٽن جوابدارن عبدالغفار خواجا، غلام اصغر خواجا ۽ عبدالرزاق خواجا کي ڦاهي جي سزا ۽ هر هڪ کي 25-25 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جڏهن ته عدالت چوٿين جوابدار اسحاق خواجا کي عمر قيد ۽ 25 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي عدالت طرفان چئن ئي جوابدارن تي مجموعي طور هڪ ڪروڙ رپين جو ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو جيڪو مقتول جي وارثن کي ادا ڪيو ويندو عدالتي ذريعن موجب ڪيس جي ٻڌڻي خيرپور سينٽرل جيل مان ويڊيو لنڪ ذريعي ڪئي وئي، جتي عدالت جوابدارن کي سزا ٻڌائي

بقايا 2 روزاني عبرت

ڪنهن معاملي تان ڏڪرار بعد مبينا طور ساڻس تشدد ڪيو ويو متاثر عورت جو چوڻ آهي ته هوءَ سکر کان درگاهه تي حاضري لاءِ آئي هئي ۽ واقعي سبب سخت پريشان ٿي آهي ۽ مڪلي ٿاڻي تي به رپورٽ ڪرائڻ وئي پر پئي پائي هجڻ سبب سڪندر خليفي پوليس اهلڪار خلاف ڪابه ڪارروائي نه ٿي سگهي مذڪوره بدمست پوليس اهلڪار سڪندر خليفي بابت ماضي ۾ پڻ مختلف سنگين نوعيت جون شڪايتون سامهون اينديون رهيون آهن جن ۾ ڪجهه مهينا اڳ هڪ ڳونگي عورت سان درگاهه اندر مبينا جنسي زيادتي جو الزام پڻ شامل آهي شڪايت ڪندڙن جو چوڻ آهي ته اهو معاملو ايس ايس پي آفيس تائين پهچڻ باوجود اڳتي نه وڌي سگهيو ساڳئي طرح ڪجهه مقامي ڌرين پاران دعوا ڪئي وئي آهي ته مذڪوره اهلڪار سان لاڳاپيل ماضي ۾ درگاهه اندر سرڪاري اسلحي سان فائرنگ جو واقعو پڻ پيش آيو هو جنهن بابت به شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي مقامي ساڃاهه وندن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته درگاهه تي مختلف وقتن تي پري پري کان ايندڙ بيمار بيواهه ۽ ڪمزور عورتن جي موجودگي دوران سندن تحفظ ۽ عزت بابت خاص انتظام ضروري آهن سندن خدشو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن اهلڪار خلاف بار بار شڪايتون سامهون اچن ٿيون ته معاملي جي غيرجانبدار جاچ ٿيڻ گهرجي

بقايا 3 روزاني عبرت

مبينا زيادتي بعد ڪيس قتل ڪندڙ جوابدار محمد قاسم ولد عبيدالله ڪنڊاٿي کي گرفتار ڪري ڪيس مقامي عدالت ۾ پيش ڪيو عدالت پاران جوابدار جو ٻن ڏينهن جو جسماني ريمانڊ ڏئي پوليس حوالي ڪيو ويو پوليس جوابدار جو ريمانڊ وٺي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي واضح رهي ته گرفتار جوابدار جيڪو چوڪيدارين جو رهاڪو آهي جنهن جي عمر 15 سال آهي جيڪو ٽنڊوآدم جي مدرسي جو طالب علم آهي جنهن ٻيءَ سان مسجد ۾ ايندڙ معصوم نياڻي دعا انصاري کي اغوا ڪرڻ بعد ساڻس جنسي ڏاڍائي ڪري ڪيس بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو هو جنهن جو ڪيس سکي ٿاڻي تي سندس والد قاسم علي انصاري پاران داخل ڪيو ويو هو

بقايا 4 روزاني عبرت

شروع ڪري ڇڏيون ، جامشورو ٿاڻي جي پوليس جي ڪارروائي ۾ قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار عبدالوحيد جمالي سوگهو جامشورو لنڪ چاڙهي ڳوٺ مان پوليس رضوان پٽ انور بروهي کي گرفتار ڪيو ۽ سندس قبضي مان منشيات هٿ ڪرڻ جي دعوائ ڪئي ، ڪوٽڙي سائيٽ پوليس جي به ڪارروائي وسيم جٽ کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان منشيات هٿ ڪرڻ جي دعوائ ڪئي ، خدا جي بستي ٿاڻي جي حد مان پوليس جوابدار شهمير چانڊيو کي گرفتار ڪندي سندس وٽان منشيات هٿ ڪرڻ جي دعوائ ڪري ورتي جڏهن ته مانجهند ٿاڻي جي حد مان پوليس ڪارروائي ڪندي جوابدار منجي ڪولهي کي منشيات سميت سوگهو ڪيو ، ڇڇر ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪندي زاهد ملاح کي گرفتار ڪيس سيوهڻ ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي ڪن جوابدارن زوئيب سولنگي عجيب چانڊيو ارشد بروهي کي گرفتار ڪري ورتو.

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪندي افسوس جو اظهار ڪيو آهي سندس جي خاندان جو چوڻ آهي ته حاجي لياقت علي ميمڻ ۽ آصف علي ميمڻ سان اسان جو ڪو به واسطو يا ڪاروباري تعلق ناهي اهي ڪوئيٽا ۾ پنهنجو ڪاروبار ڪن ٿا جڏهن ته اسان جو ڪاروبار شڪارپور سميت ٻين مختلف علائقن ۾ هلندڙ آهي ميڊيا سان ڳالهائيندي هنن چيو ته ڪجهه عناصرن پاران سوشل ميڊيا تي غلط ۽ من گهڙت بيان ڏئي اسان جي مشهور اچار جي برانڊ، ڪاروبار ۽ شڪارپور شهر جي ساک کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جيڪا انتهائي افسوسناڪ ڳالهه آهي وڌيڪ هنن جو چوڻ هو حاجي ڏن بخش ميمڻ ۽ حاجي مولا بخش ميمڻ جي نالي سان سڃاتل رکندڙ اچار جي برانڊ پنهنجي معيار محنت ۽ اعتماد ذريعي سڄي دنيا ۾ نالو ڪمايو آهي اهڙين بي بنياد خبرن ۽ الزامن سان نه رڳو ڪاروباري ساک متاثر ٿئي ٿي پر شڪارپور شهر جي نالي کي به نقصان پهچي ٿو حاجي مولا بخش ميمڻ جي خاندان طرفان عوام کي اپيل ڪئي آهي ته سوشل ميڊيا تي هلندڙ غير تصديق ٿيل خبرن ۽ من گهڙت الزامن تي يقين نه ڪن ۽ ڪنهن به خبر کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ ان جي تصديق ضرور ڪن

بقايا 6 روزاني عبرت

مسئلن بابت صوبائي وزير کي آگاهه ڪيو جنهن تي شرجيل انعام ميمڻ مسئلا غور سان ٻڌندي انهن جي حل لاءِ ضروري قدم کڻڻ جي خاطري ڪرائي سانجهاندي واري تقريب کي خطاب ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عوام سان سڌو سنئون رابطو رکڻ سندن مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ چونڊيل نمائندن جي بنيادي ذميواري آهي هن چيو ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل ادارن سان رابطو ڪري اثرائتا قدم کنيا ويندا هن چيو ته سنڌ حڪومت پاران سڄي صوبي ۾ عوام جي ڀلائي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ مختلف ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري آهي جڏهن ته ڪيترائي منصوبا مڪمل پڻ ٿي چڪا آهن حڪومت جي ترجيحن ۾ روڊن جي تعمير ۽ بحالي صحت، تعليم، پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي نيڪال، ٽرانسپورٽ ۽ ٻين بنيادي سهولتن ۾ بهتري آڻڻ شامل آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جي ترقياتي سرگرمين جو مقصد شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن جي ماڻهن کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ بنيادي ڍانچي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ عوام جي زندگيءَ جو معيار بهتر ڪرڻ آهي. هن چيو ته عوامي ضرورتن ۽ مقامي مسئلن کي نظر ۾ رکندي ترقياتي منصوبن تي عملدرآمد جو سلسلو جاري رکيو ويندو ان موقعي تي چونڊ ٽڪ جي معززن ۽ شهرين صوبائي وزير سان مختلف معاملن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي جڏهن ته شرجيل انعام ميمڻ کين يقين ڏياريو ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل کاتن سان رابطو ڪري ضروري قدم کنيا ويندا ۽ معاملن جي اثرائتي پوئواري ڪئي ويندي

بقايا 7 روزاني عبرت

شهدادپور روڊ تي رضا ڪاٽن فيڪٽري سامهون ٽن نامعلوم ڦورو هٿيارن جي زور تي مقصودو رند واسي نوجوان اسد علي خاصخيلي کي روڪي ڪائٽس 2026 ماڊل 125 موٽرسائيڪل ٽچ موبائل روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا

بقايا 8 روزاني عبرت

ڪيس زخمي ڪري ڇڏيو واقعي بعد وارثن ۽ علائقي واسين ۾ سخت ڏک ۽ ڪاوڙ جي لهر پکڙجي وئي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته رولو ڪٽڻ جو آزار ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي پر يو سي انتظاميه طرفان رولو ڪٽڻ جي خاتمي لاءِ اثرائتا قدم نه کنيا ويا آهن هنن وڌيڪ چيو انتظاميه جي لاپرواهي سبب معصوم ٻارڙا ۽ محفوظ ناهن علائقي واسين اي سي ڪوٽڏيجي ڊي سي خيرپور کان فوري نوٽيس وٺي رولو ڪٽڻ خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۽ علائقي جي معصوم ٻارن ۽ شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

عذرا جمال هئي جڏهن ته اسڪول جي پرنسپل ميڊم وحيد سيد ۽ پروگرام آرگنائيزر ڊاڪٽر عبدالوهاب پڻ ان موقعي تي موجود هئا .

بقايا 10 روزاني عبرت

سنڌراڻي سنڌراڻي هائوس ڏڏي ۾ ٿي ڳڏريو قتل ڪيس ۾ وڏيري رمضان سنڌراڻي ڌر مخبري جوڳي ثابت ٿيڻ تي 15 لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو ياد رهي ته ۾ سال اڳ چوري جي دوران فائرنگ ۾ بنگوار ڌر جو هڪ چڱو مارجي ويو هو بنگوار ڌر پاران ساوند جي ڌر مٿان فائرنگ ڪئي وئي هئي جنهن ۾ ۾ چڱا زخمي ٿي پيا هئا ۽ وري ۾ مهينا اڳ بنگوار ڌر ساوند جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا ٻن عورتن سميت ڪي چڱا زخمي ٿي پيا هئا زخمي ٿيل ڊاڪٽر محمد ابراهيم ساوند جيڪو رحيم يارخان اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو هو بنگوار گينگ هٿان قتل ڊاڪٽر محمد ابراهيم ساوند قتل ڪيس ۾ سندس پاڙيسري ۽ جگري دوست وڏيري رمضان سنڌراڻي ڌر مٿان مخبري (جوڳي) ثابت، مير عابد خان سنڌراڻي جي سرپنچي هيٺ فيصلو سنڌراڻي ڌر مٿان 15 لک رپيا ڏنڊ وڌو ويو. سنڌراڻي ڌر مٿان مخبري CDRسي ڊي آر وسيلي ثابت ٿي ملزم بنگوار گينگ سان رابطي ۾ هئا.

بقايا 11 روزاني عبرت

نينگري نازيه ڌيءُ سڪندر علي ڪوسو اغوا ٿي هئي جنهن واقعي جو ڪيس سندس والد سڪندر علي ڪوسو جي فرياد تي گناهه نمبر 2026/24 قلم 364 اي تحت 4 جوابدارن منظور ڪوسو نظير ڪوسو ۽ 2 اڻ سڃاتل جوابدارن مٿان داخل ڪيو ويو هو اهڙو ڪيس داخل ٿيڻ بعد پوليس آريجا روڊ پورو ڪلهوڙو لاڙي واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي نينگري نازيه ڪوسو کي بازياب ڪرائي اغوا ۾ ملوث جوابدار منظور ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو جنهن کان پوءِ پوليس نينگري نازيه کي سيڪنڊ سول جج اينڊ جوڊيشل مئجسٽريٽ لاڙڪاڻو جي عدالت ۾ پيش ڪيو جتي نينگري جي بيان بعد عدالت ڪيس والدين حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ان حوالي سان آريجا ٿيڙهو ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته گذريل 10 سيپٽمبر تي نينگري نازيه ڪوسو آريجا روڊ سر شاخي اچي مسجد وٽان اغوا ٿي هئي جنهن واقعي جو ڪيس سندس والد سڪندر علي ڪوسو جي فرياد تي 4 جوابدارن منظور ڪوسو نظير ڪوسو ۽ 2 اڻ سڃاتل جوابدارن مٿان داخل ڪيو ويو هو اڄ پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي نينگري نازيه کي آريجا روڊ پورو ڪلهوڙو لاڙي وٽان بازياب ڪرائي اغوا ۾ ملوث هڪ جوابدار منظور علي ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته نينگري نازيه ڪوسو کي بازياب ڪرائڻ بعد ڪيس قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪيو جتي عدالت ڪيس والدين حوالي ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

چيو آهي ته لوٽي ڪوٽ ۽ جنگهڙيءَ ۾ ريتي بجريءَ جا 3 ڏڪا ليز تي اسان وٽ آهن مائينز کاتي سميت لاڳاپيل کاتن جو ٽيڪس اڳ ۾ ئي ڏئي رهيا آهيون پر ان جي باوجود روشن راڄپر ۽ مقامي بااثر ارباب سمون مائينز ۽ منرل کاتي جي ڪجهه آفيسرن سان گڏجي ريتي ۽ بجري جي في ٽرڪ تي 6 هزار رپيا غيرقانوني ڀتو گهري رهيا آهن ۽ اسان جا ڏڪا زبردستي بند ڪرايا ويا آهن هنن چيو ڏڪا بند ٿيڻ سبب اٽڪل 600 پورهيت پڻ بيروزگار ٿي ويا آهن هنن وڌيڪ الزام هڻندي چيو ته ايس ايس پي ۽ ڊي سي جامشورو جي ڪين پٺڀرائي حاصل آهي ڀتو نه ڏيڻ تي بااثر ۽ پوليس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين اسان کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار روشن راڄپر ارباب سمون ۽ ايس ايس پي جامشورو هوندا هنن وڌيڪ چيو ته جاڳائيل بااثرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ايندڙ سومر تي ايس ايس پي جامشورو جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا 13 روزاني عبرت

وڏي انگ ۾ شرڪت جڏهن ته پوئيترن سيد افضل شاهه سيد گلزار شاهه ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو اوڊيرولال لڳ ڳوٺ خليفو يار محمد شاهه ۾ جاري آهي

بقايا 14 روزاني عبرت

ڪڍي وئي ريلي ۾ سوين شهرين سماجي اڳواڻن ۽ اسڪولي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي دوران مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي امن ڪيو امن کپي جا نعرا هنيا ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اڳڙا ٿاڻي جي حد ۾ چوري ڦر ۽ ڏوهاري سرگرمين روز جو معمول بڻجي ويون آهن جنهن سبب عام شهري غير محفوظ بڻجي ويا آهن هنن وڌيڪ چيو ته بار بار شڪايتن باوجود اڳڙا پوليس ڪو به تدارڪ نه ڪيو آهي مظاهرين ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي بدامني جو نوٽيس وٺي اڳڙا ٿاڻي جي حد ۾ امن امان بحال ڪيو وڃي ۽ ڏوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 15 روزاني عبرت

الزم لڳايو آهي ته هنن منهنجي ٻن پٽن ۽ ڀائٽين سميت 5 ماڻهن کي تعليم کاتي ۾ ڪلارڪ ۽ ٻين پوسٽن تي نوڪريون ڏيڻ لاءِ هڪ ڪروڙ 70 لک رپيه رشوت ورتي پر نوڪريون نه مليون 3 سالن کان رلائين پيا شڪايت ڪرڻ تي 5 ڄڻن رياض لاشاري،اياز لاشاري،افضال، غلام مرتضي ۽ عبدلرزاق جي نالي سان آرڊر ڏنا پر اهي به جعلي نڪتا جوائننگ نه پئي ٿئي هن الزام لڳايو ته ٺڳي ۾ ملوث آفيسرن جون ڌيئرون، ڀائٽيون،ڀائٽيا سڀئي سڄو خاندان جعلي آرڊرن سان نوڪرين ۽ پگهار کڻن ٿا پر اسانکان پئسا وٺڻ باوجود فراڊ ڪيو ويو آهي وڪيل چيو ته اسان شڪايتون ڪيون ته يا نوڪريون ڏيو يا پئسا واپس ڪيو جنهن تان مجرمي هنن ٺڳي آفيسرن نجم الدين لاشاري جي قتل ڪيس ۾ منهنجي ڀائٽين کي ڦاسايو آهي جيڪي اسانجا 4 نوجوان جيل ۾ آهن مٿين ساڳين آفيسرن وري ٻيو پاڻ خون ڪرڻ چاهين ٿا ۽ مونکي ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏين ٿا ان ڪيس جي پوئيواري نه ڪر نه ته توکي به خون جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائينداسين ان لاءِ آءُ جي سنڌ ، هاءِ ڪورٽ معاملي جو نوٽيس وٺي خون جي ڪوڙي ڪيس مان جان ڇڏائي نوڪرين جا ڦٻايل هڪ ڪروڙ 70 لک واپس ڏياريا وڃن ۽ ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي نه ته نقصان ٿيو ته ذميوار هئي آفيسر هوندا.

بقايا 16 روزاني عبرت

ترجمان موجب ٽن ڏينهن واري سنڌ مهراڻ ڪپ چيمپئن شپ 25 کان 27 سيپٽمبر تائين جاري رهندي، جنهن ۾ ڪراچي سکر حيدرآباد، شهيد بينظير آباد، لاڙڪاڻي ۽ ميرپورخاص ڊويزن سميت پوليس جا 150 کان وڌيڪ باڪسرز حصو وٺي رهيا آهن چيمپئن شپ ۾ مردن جي 8 جڏهن ته

بقايا 17 روزاني عبرت

شخصيتن مشرف محمود قادري، پير عطاالرحمن خان قادري، صاحبزاده سيد حامد محمود فيضي غياث الدين قادري، مولانا عثمان فيضي مفتي عسجد نعمان قادري، علامه وسايا انيڙ حسيني، پير صوفي علي گوهر قاسمي، پير صوفي عبدالرحمن قادري فيضوي، مولانا محمد اسلم قادري، مولانا محمد ياسين جتوئي، مولانا سيد عاطف علي شاهه رضوان ميمڻ قادري، مولانا قاري معاذ حسين قاسمي سميت ٻين شرڪت ڪئي. قاري محمد اعظم آدم قاسمي تلاوت ڪلام پاڪ سان محفل جو آغاز ڪيس جنهن ڪانپوءِ حافظ سجاد قاسمي ٻين نعت خوانن بارگاهه رسالت ۾ نعتون ۽ حضرت غوث اعظم سيد عبدالقادر جيلانيؒ جي شان ۾ منقبتون پيش ڪيون ان موقعي تي علامه محمد رضوان خان قادري خطاب ڪندي چيو ته حضرت غوث اعظمؒ جي زندگي قرآن ۽ سنت جي پيروي، اخلاقي قدرن جي فروغ ۽ انسانيت جي خدمت جو عملي نمونو هئي موجوده دور ۾ سندن تعليمات سچائي عدل خدمت خلق امن ۽ ڀائيچاري جي اصولن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي محفل جي پڄاڻي تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي امت مسلم جي اتحاد ۽ دنيا جي مسلمانن لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون جڏهن ته شرڪت ڪندڙن ۾ تبرڪ غوثيه پڻ ورهايو ويو

بقايا 18 روزاني عبرت

کي ڪارنيا ۽ لڪريمل (اکين جي ڳوڙهن جي ناليون) جي جديد سرجرين بابت عملي تربيت فراهم ڪرڻ آهي جيڪا برطانيا مان آيل ماهر سرجنن طرفان ڏني ويندي هي پروگرام ايس آءِ او وي ايس جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر خالد اقبال ٽالپر جي سرپرستي ۾ منعقد ڪيو پيو وڃي ورڪشاپ جي پهرين سيشن ۾ برطانيا سان تعلق رکندڙ ڪورنيا ۽ گلوڪوما جي سرجن ڊاڪٽر فياض موسيٰ جديد "DMEK" ٽيڪنڪ بابت عملي تربيت ڏئي رهيا آهن اها جديد ڪورنيا ٽرانسپلانٽيشن (اک جي پردي جي پيوندڪاري) ۾ هڪ اهم طريقو سمجهيو وڃي ٿو ۽ نظر جي بحاليءَ لاءِ انتهائي اثرائتي مڃي وڃي ٿي ٻئي سيشن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر عرفان جيوا—جيڪي مڊ يارڪشائر اسپتالون اين ايڇ ايس ٽرسٽ (برطانيا) ۾ ڪنسلٽنٽ آپٿالمولوجسٽ ۽ وزٽنگ پروفيسر آهن—ليڪريمل سرجري (اکين جي ڳوڙهن جي نالين جي سرجري) جي جديد طريقن اينڊواسڪوپڪ ليزر ڊي سي آر ۽ ليسٽر جونز ٽيوب استعمال ڪندي سي ڊي سي آر بابت تربيت فراهم ڪري رهيا آهن پروفيسر ڊاڪٽر شهزاد ميمڻ هن جديد سرجري واري تربيت جا مکيه سهولتڪار آهن جڏهن ته ڊاڪٽر فريحه شيرواني ليڪريمل سرجري ورڪشاپ لاءِ سهولتڪار طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن "ويزن فار ايجوڪيشن فائونڊيشن" جي صدر ناظم راجاڻي پنهنجو وقت ۽ مهارت رضاڪارانه طور وقف ڪرڻ تي عالمي ماهرن جي ساراهه ڪئي ۽ پروفيسر ڊاڪٽر عرفان جيوا توڙي ڊاڪٽر فياض موسيٰ جو خاص شڪريو ادا ڪيو.

بقايا 19 روزاني عبرت

سان هئي ڊاڪٽر خورشيد ظفر چنا جي اسپتال وٺي وياسين جتي ڊاڪٽرياڻي منهنجي ٽنهن جو الٽرا سائونڊ ڪيو ۽ ٻڌايو ته ڪيس 2 جاڙا ٻار آهن پر جڏهن ڊليوري ٿي ته اسان کي هڪ ٻار ڄمڻ جو ٻڌايو ويو ٻئي طرف هيلٿ ڪيئر ڪميشن پاران جاچ رپورٽ ڏني وئي هئي ته عورت جي پيٽ ۾ صرف هڪ ٻار هو ۽ الٽرا سائونڊ جي رپورٽ کي ڪوڙو قرار ڏنو جنهن آڌار تي عدالت ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي ڪين باعزت بري ڪري ڇڏيو

بقايا 20 روزاني عبرت

مقتول جي مبينا قتل ۾ ملوث جوابدار غلام بارڻ کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته واقعي جو ڪيس آخري اطلاعن تائين داخل نه ٿي سگهيو هو پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 21 روزاني عبرت

زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندس هڪ ساٿي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويو پوليس موجب ٻن هٿياربندن پوليس موبائيل کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني پوليس اهلڪارن جي جوابي فائرنگ دوران هڪ جوابدار عبدالباسط ولد عاشق حسين ٿهيم جيڪو شهدادپور جو رهواسي آهي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان هڪ پسٽل ميگزين ۽ اڻ استعمال ٿيل گوليون ۽ 10 عدد جي اين ڊي گٽڪا هٿ ڪيا ويا . پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار جو هڪ ساٿي افضال پنهور 5 عدد جي اين ڊي گٽڪا ڇڏي اونداهي جو فائدو وٺندي فرار ٿي ويو زخمي جوابدار کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم مان طبي امداد ڏيڻ بعد سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو . پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

قتل ڪيو آهي جڏهن ته پوليس موجب في الحال اهو واضح ناهي ٿي سگهيو ته واقعو ڪاروڪاري جي نتيجي ۾ پيش آيو يا خودڪشي جو معاملو آهي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيس جڏهن ته واقعي واري هنڌ تان شاهدين گڏ ڪرڻ سان گڏ وارثن ۽ ڳوٺاڻن جا بيان پڻ قلمبند ڪيا پيا وڃن پوليس موجب واقعي جا اصل ڪارڻ پوسٽ مارٽم ۽ وڌيڪ جاچ ڪانپوءِ سامهون اچي سگهندا، جڏهن ته وارثن پاران واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا 23 روزاني عبرت

جوابدار وسيم راڄپر کي گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب جوابدار کي گرفتار ڪرڻ بعد وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي جڏهن ته ڪيس جي حوالي سان وڌيڪ جاچ پڻ جاري آهي ٻئي طرف ڪامياب ڪارروائي تي ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پاران پوليس پارٽي کي شاباشي ڏني وئي ۽ اهلڪارن جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ويو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته ضلعي ۾ ڏوهارين ۽ اشتهاري جوابدارن خلاف ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪيون وينديون

بقايا 24 روزاني عبرت

موجب: درگاهه غوثيه دستگير راڻيپور ۾ تاجدار ختم نبوت ڪانفرنس ۽ ساليانو عالمي وڏي ٻارهين شريف جو جلسو منعقد ڪيو ويو.

بقايا 25 روزاني عبرت

ڏوهارين کي نجات مهراڻ سرينڊر پاليسي تحت پيش ڪرايو پيو وڃي ان سلسلي ۾ ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو ميڊيا کي موقف ڏيندي ٻڌايو ته ڪنڌڪوٽ ڪشمور ضلعي ۾ اڳ کان وڌيڪ امن امان جي صورتحال بهتر آهي علائقي جي امن امان لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهيون علائقي جي معززين ۽ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن اهڙين ڪارروائين ۾ انٽيلي جنس ايجنسين جو ڪردار پڻ تعريف جوڳو آهي نجات مهراڻ سرينڊر پاليسي تحت ڏوهاري گلزار ولد عبدالعزيز بنگوار ،ڪرمنل رڪارڊ 30 کان وڌ ڪيسن ۾ گهربل محب ولد سليمان بنگوار،20 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل، وزيراحمد ولد مير ڪوش، ڪرمنل رڪارڊ 4 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل هئا جيڪي اڄ پيش ٿيا آهن اهي سڀ ڏوهاري قتل ڌاڙا ڦرلٽ،پوليس مٿان حملن ۽ ڪيترن ئي ڏوهي ڪارروائين ۾ گهربل هئا جيڪي اڄ پوليس جي محنت سان پيش ٿيا آهن پوليس اهڙين ڪاروائين ذريعي ڏوهارين جو گهيرو تنگ ڪري پيش پوڻ لاءِ مجبور ڪري رهي آهي اميد ته جلد ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعو امن جو ضلعو بڻجندو.

بقايا 26 روزاني عبرت

ٻڪراڻي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. آيل دوستن هادي بخش نڪراڻي کي گلن جا هار پارايا ۽ سالگره جا تحفا ڏنا. ان موقعي پ ج ڪلاڪن کان مٽي پاڻ ۾ سنڌ ۽ ملڪ جي سياسي سماجي حالتن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو آخر ۾ رات ماني کارائي وئي

بقايا 27 روزاني عبرت

ڪندا فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمي نوجوان کي اسپتال منتقل ڪيو ويو هوڏانهن زخمي نوجوان جي پيءُ الزام هڻي ته ڀتو نه ڏيڻ تان بنگوار برادري جي هٿياربندن گهرڻ تي مسلسل ڪري رهيا آهن هٿياربندن اسان جي نوجوان ساٿول بنگوار مٿان فائرنگ ڪري شديد زخمي ڪري فرار ٿي ويا آهن هوڏانهن ذريعن موجب ته بنگوار برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي معاملي تان تڪرار هلندڙ آهي واقعي بعد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي ته معاملو ڇا آهي واقعي جي ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 28 روزاني عبرت

طور جاري ڪري مسئلو حل ڪيو وڃي تفصيل موجب خيرپور جي سول اسپتال ۾ هائوس آفيسرن پاران گذريل ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ڊاڪٽر ثناءُ الله چانڊيو ڊاڪٽر سرمد سيال ڊاڪٽر جنيد فراز ۽ ڊاڪٽر ميڊم سجنا ڪئي جڏهن ته وڏي انگ ۾ هائوس آفيسرن احتجاج ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مظاهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هو سول اسپتال خيرپور ۾ هائوس آفيسرن جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن پر کين گذريل ٽن مهينن کان پگهارون ادا نه ڪيون ويون آهن هنن چيو ته مسلسل ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ سبب هو سخت مالي پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ سندن روزمره جا خرچ پورا ڪرڻ به ڏکيو ٿي ويو آهي مظاهرين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سندن ٽن مهينن جون رهيل پگهارون فوري طور جاري ڪري سندن پريشاني ختم ڪئي وڃي هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن پگهارون جلد ادا نه ڪيون ويون ته هو پنهنجو احتجاج جاري رکندا.

بقايا 29 روزاني عبرت

پوليس ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن شهرين جو چوڻ آهي ته قومي شاهراهه روڊ جو ڪم هلڻ سبب هڪ روڊ هلڻ سبب حادثا روز جو معمول بڻجي ويا آهن

بقايا 30 روزاني عبرت

واپارائڻ سبب فوت ٿي ويو آهي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس موجب وڌيڪ واقعي جي جاچ ڪيون پيا.

بقايا 31 روزاني عبرت

نوجوان سجاد احمد اڄڻ جو سڃي جي تلاءُ مان لاش مليو آهي اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي نوجوان جي لاش کي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو حد جي پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي .

بقايا 32 روزاني عبرت

عمران ڪوسو کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڪيس طبي امداد ڏني وئي واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي وئي ۽ واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڇڏي پوليس فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري ۽ واقعي ۾ استعمال ٿيل هٿيارن بابت پڻ جاچ ڪري رهي آهي علائقي واسين ڏينهن ڏٺي جو ڦر جي ڪوشش ۽ فائرنگ واري واقعي تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 33 روزاني عبرت

ڏئي ڇڏيو جڏهن ته چيف انجنيئر سکر بئراج کي ٻن مهينن لاءِ پنهنجو هيڊڪوارٽر سکر کان فيض گنج منتقل ڪري آبادگارن جون شڪايتون حل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون . تفصيل موجب سنڌ حڪومت جي آبپاشي کاتي جي صوبائي وزير جام خان شورو تحصيل فيض گنج جي واهن ۾ پاڻي جي کوٽ ۽ بااثر ماڻهن پاران لفٽ مشينن ذريعي پاڻي چوري ڪرڻ وارين شڪايتن جو سختي سان نوٽيس ورتو آهي ياد رهي ته ۾ ڏينهن اڳ فيض گنج جي آبادگارن پاران نهري پاڻي جي کوٽ ۽ بااثر ماڻهن طرفان لفٽ مشينن ذريعي پاڻي چوري ڪرڻ خلاف وڏو احتجاج ڪيو ويو هو احتجاج دوران آبادگارن آبپاشي کاتي جي مقامي آفيسرن تي الزام لڳايو هو ته بااثر ماڻهو کاتي جي مقامي آفيسرن جي مبينا سهڪار سان واهن مان لفٽ مشينن ذريعي پاڻي چوري ڪري رهيا آهن

بقايا 34 روزاني عبرت

گهر مان هٿيارن جي زور تي مبينا اغوا ٿي ويل 16ورهين جي نينگري ڪومل ڪلو کي پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي آهي جڏهن ته نينگري جي اغوا ڪيس تان هٿ نه کڻڻ جي صورت نينگري جي پي ڪرم علي ڪلو ۽ ٻين تي مبينا چوري ڪيس داخل ڪري تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي ان سلسلي ۾ مبينا اغوا ٿي ويل نينگري ڪومل ڪلو جي وارثن ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڪرم علي ڪلو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو .

بقايا 35 روزاني عبرت

انسپيڪٽر علي اڪبر ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ پوليس ٽيم مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا جنهن دوران ڪارروائي ڪندي مورو پرسان ڳوٺ نصر راهو واسي آفتاب علي راهو کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ڦريل رقم هٿ ڪئي وئي پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته ڦر جي وارادات ۾ ملوث جوابدارن بابت معلومات گڏ ڪري سندن گرفتاري لاءِ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي پوليس جو چوڻ آهي ته شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري رهنديون مورو پوليس جي ڪارروائي تي متاثر شهري ۽ علائقي واسين پاران پوليس جي ڪوشش کي ساراهيو ويو ان موقعي تي جمعيت علماء اسلام تعلقي مورو جو جنرل سيڪريٽري عبدالمالڪ ابڙو موجود هيو ڦريل موٽرسائيڪل ۽ رقم هٿ ڪرڻ تي عبدالمالڪ ابڙو پاران لونگي ۽ آفتاب علي راهو پاران اجرڪ ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر کي پارائي سندس جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا 36 روزاني عبرت

ويو جنهن ۾ عالمن حافظن ۽ مذهبي اڳواڻن ڪانسواءِ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته دعوت اسلامي جي ضلعي نگران حافظ مختيار علي ڪرمي مهمان خاص طور شرڪت ڪئي

بقايا 37 روزاني عبرت

ميرپور ساڪرو آندو ويو آهي نوجوان موجب اسان ساڪرو اچي رهيا هئاسين ته پير محموداڻي روڊ جي گبول ڳوٺ وٽ ڪن هٿياربندن ڦر جي ڪوشش ڪئي ۽ مزاحمت تي فورن پسٽل سان 2 گوليون هڻي فرار ٿي ويا زخمي نوجوان کي ڪراچي اسپتال نيو پيو وڃي پوليس موجب واقعي جا تفصيل وٺي رهيا آهيون جانچ بعد وڌيڪ ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا 38 روزاني عبرت

لاش کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو پوليس ضروري ڪارروائي لاءِ ٽنڊو غلام علي اسپتال نيو ويو جتي ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد مڙهه وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهي نوجوان جي اوچتي موت ۽ اهڙي قدم بعد سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي

بقايا 39 روزاني عبرت

حوالي سان کين آگاهه ڪيو ان موقعي تي والدين اسڪول انتظاميه ۽ استادن جي تعليمي ڪوششن کي ساراهيو ڳالهائيءَ دوران اسڪول جي پرنسپال والدين کي چيو ته استاد توڙي جو محنت ڪري رهيو آهي پر والدين به پنهنجي ڀرپور ڪوشش ڪري اولاد تي توجه ڏين ۽ سندن پڙهائي بابت معن نظر رکن اهائي سندن ڪاميابيءَ جي پهرين ڏاڪڻ آهي ڳالهائي دوران ماهوار ٽيسٽ ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوزيشن هولڊر شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام پڻ ورهايا ويا اسڪول انتظاميه طرفان شاگردن ۽ شاگردياڻين جي وڌيڪ محنت ۽ بهتر ڪارڪردگي لاءِ حوصلا افزائي ڪئي وئي ان موقعي تي اسڪول انتظاميه جو چوڻ هو ته اهڙين سرگرمين جو مقصد شاگردن جي حوصلا افزائي ڪرڻ سان گڏوگڏ والدين ۽ استادن جي وچ ۾ اثرائتي رابطي کي هٿي ڏيڻ آهي

بقايا 40 روزاني عبرت

گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو ٽرڪ ڊرائيور ٽرڪ سميت موقعي تان فرار ٿي ويو

بقايا 41 روزاني عبرت

جي ڊي ڪرچات ۾ اسٽاف جي کوٽ کي پورو ڪيو وڃي دوائن جي فراهمي وقت سر يقيني بڻائي وڃي گورنمينٽ ڊسپينسري ڪرچات ۾ هن وقت اٽينڊنٽ ، آيا ۽ صفائي عملي جون پوسٽون خالي آهن جڏهن ته ايم بي بي ايس ڊاڪٽر جي پوسٽ به آهي پر پي پي ايڇ آءِ جي انتظاميه اهي پوسٽون پر ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو ته ڪرچات ڊسپينسري جي او پي ڊي 1500 کان 2500 تائين هر مهيني پهچي ٿي تنهن ڪري هن اسپتال کي 24 ڪلاڪ هلائڻ لاءِ تڪڙا اپاءُ ورتا وڃن آس پاس جي ڳوٺن ۽ ڪن ڏيهن لاءِ صحت جي واحد سهولت کي پي پي ايڇ آءِ پاران مسلسل نظر انداز ڪرڻ تي ڳوٺاڻن ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته جلد کان جلد ڳوٺاڻن جي مشاورت سان گورنمينٽ ڊسپينسري ڪرچات جا مسئلا حل ڪيا وڃن

بقايا 42 روزاني عبرت

خاصخيلي اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي علمي ادبي صحافي واپاري شهرين سميت خاصخيلي برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جي مڙهه کي سوين آلين اکين سان آبائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس تڙو آبائي ڳوٺ محمد آچر خاصخيلي ڪمالائي ۾ رکيو ويو آهي جتي پوئيترن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 43 روزاني عبرت

ٿاڻي تي داخل ڪيل ايف آءِ آر تحت نامزد ڪيل 4 جوابدارن ۾ هڪ حاجي الله بچايو ڪوسو ٻڌو ڪوسو خادم ڪوسو ۽ دلبرحسين ڪوسو کي پوليس استعمال ڪيل هٿيار پسٽل موٽر سائيڪل سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوائ ڪري ڇڏي آهي گرفتار ڪيل جوابدارن کي ريمانڊ لاءِ عدالت ۾ پيش ڪري پوليس ڪسٽڊي حوالي ڪيو ويو آهي ، قتل ٿي ويل 19 سالا نوجوان اظهر ڪوسو 8 مهينا اڳ عمرڪوٽ ضلعي جي ساماڙو ۾ ثريا ڪوسو سان پيار جو پرڻو ڪيو هو ، جنهن جي بعد سندس زال جي وارثن ڪيل پرڻي کي قبول ڪرڻ بجاءِ مٿس اغوا جا ڪيس داخل ڪرايا هئا.

بقايا 44 روزاني عبرت

عبدالرزاق چانڊيو زخمي حالت ۾ نوابشاهه نيو ويو آهي نوجوان جي پيءُ علي حيدر چانڊيو ميڊيا کي ٻڌايو ته اسين اصل ضلعي لاڙڪاڻي جا رهواسي آهيون پوئتي اسان جو ڪجهه ڌرين سان تڪرار هلندڙ آهي خبر ناهي پئجي سگهي ته پٽ ۽ سندس زال تي ڪنهن فائرنگ ڪئي هوڏانهن ناري ياسمين چانڊيو جو لاش سول اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو آهي ۽ واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو ايس ايڇ او نوشهروفيروز غلام مرتضي گورچاڻي موجب واقعو شڪي لڳي رهيو آهي خون جهڙو معاملو آهي جاچ ڪري ڪيس داخل ڪيو ويندو چيو ته وارث ڪوآپريٽو نه پيا ڪن

بقايا 45 روزاني عبرت

شامل هئا، پنجن ئي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هڪ شخص زخمن جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو پوليس شڪي شخص کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي جڏهن ته حملي جي سبب ۽ ٻين حالتن جي جاچ جاري آهي

بقايا 46 روزاني عبرت

پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه عراق جي پرڏيهي وزارت گذريل ڏينهن هڪ بيان ۾ چئي آهي پرڏيهي وزارت جي هيڊڪوارٽرز ۾ عراق جي نائب پرڏيهي وزير محمد حسين ۽ عراق ۾ آمريڪي سفارتخاني جا انتظام سنڀاليندڙ اسٽيون فگن معاهدي تي صحيحون ڪيون بيان ۾ ٻڌايو ويو ته اها منتقلي عراق جي حڪومت جي انهن ڪوششن جو حصو آهي جنهن جو مقصد آمريڪا جي قيادت ۾ قائم عالمي اتحاد جي خاتمي ۽ عراق ۾ پرڏيهي فوجي موجودگي جي خاتمي بابت ڪارروايون مڪمل ڪرڻ آهي

بقايا 47 روزاني عبرت

متان تي سڊني جي علائقي ريڊفرن ۾ ان وقت پيش آيو جڏهن پوليس جي گاڏي سفر دوران هڪ وڻ سان ٽڪرائجي وئي حادثي ۾ گاڏي ۾ سوار عورت پوليس ڪانسٽيبل ٿلڙي تي ئي فوت ٿي وئي جڏهن ته گاڏي هلائڻ واري مرد پوليس ڪانسٽيبل کي شروعاتي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس حالت مستحڪم ٻڌائي وئي آهي پوليس حادثي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 48 روزاني عبرت

ڪانفرنس ڪندي ڪئي هن چيو ته اڄ اسان جا قومي ڪارڪن صحافي محفوظ ناهن عرفان عالماڻي جنهن جاءِ تي ميڊيا سينٽر ٺاهيو پئي اها صفوراڻ ٽائون جي ملڪيت ناهي پر داداگيري ڪري صفوراڻ ٽائون جي عملي ميڊيا سينٽر کي ڊاٺو ۽ عرفان عالماڻي سميت ٻين دوستن تي تشدد ڪيو ايس ايڇ او يقين ڏياريو آهي ته پر ڪو ڪک تيل نه نڪتس هن چيو ته عرفان عالماڻي سان ٿيل زيادتي خلاف ازالو نه ڪيو ويو ته پوءِ صفوراڻ ٽائون جي چيئرمين جو گهيراءُ ڪيو ويندو

انسپيڪٽر جنرل سنڌ
پرزنس اينڊ ڪريڪشنس سروس
پير الاهي بخش روڊ مسلم آباد، ڪراچي

ٽيليفون نمبر: 021-99231418
فيڪس نمبر: 021-99231084
اي ميل: sindhprisons@gmail.com

نمبر: LS/ 21523 / 2026
تاريخ: 24 سيپٽمبر 2026

ٽينڊر نوٽيس

1. انسپيڪٽر جنرل آف سنڌ پرزنس اينڊ ڪريڪشنس سروس، ڪراچي، سنڌ پرزنس اينڊ ڪريڪشنس سروس جي سمورين جيلن / آفيسن لاءِ MPLS Layer-III VPN ڪنيڪٽيوٽي فراهم ڪرڻ لاءِ SPPRA اِي پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ويب سائيٽ ذريعي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي مطابق، SPPRA رولز جي رول نمبر 46(2) تحت هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت، FBR، SECP، نيشنل ٽيڪس نمبر، سيلز ٽيڪس رجسٽريشن نمبر ۽ سنڌ نيشنل ٽيڪس نمبر سان باقاعده رجسٽرڊ دلچسپي رکندڙ فرمن کان مهربند آڇون گهرائي ٿو فرم جي پاڪستان ۾ قانوني حيثيت هجڻ لازمي آهي ۽ پاڪستان ۾ ٽيلي ڪميونيڪيشن سروسز (سيلولر / فائبر) فراهم ڪرڻ لاءِ پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي کان بااختيار هجڻ گهرجي ۽ ان وٽ لوڪل لوپ لائسنس هجڻ لازمي آهي.
2. مجاز اٿارٽي بهترين خدمتن جي دستيابي کي جاچي / تصديق ڪري سگهي ٿي ۽ بهترين ڪوريج ۽ مقابلي واري آڇ جي بنياد تي خدمتون اختيار ڪري سگهي ٿي.
3. واڪ دستاويز 12-10-2026 تي منجهند 02:30 وڳي تائين SPPRA اِي پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ويب سائيٽ يعني /https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان، ۽ گڏوگڏ سنڌ جيل خانه جات ۽ سڌارن واري سروس جي ويب سائيٽ يعني www.spcs.gos.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
4. واڪ دستاويز 12-10-2026 تي منجهند 02:30 وڳي تائين SPPRA اِي پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ويب سائيٽ يعني /https://portalsindh.eprocure.gov.pk ذريعي اپ لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
5. واڪ دستاويز (ٽيڪنيڪل آڇ) 12-10-2026 تي منجهند 03:00 وڳي SPPRA اِي پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ويب سائيٽ يعني /https://portalsindh.eprocure.gov.pk ذريعي کوليا ويندا.
6. ٽينڊر في، جيئن مٿي ڄاڻايل آهي، -/3,000 رپيا ڪنهن به شيڊيول بئنڪ آف پاڪستان جي پي آرڊر جي شڪل ۾ انسپيڪٽر جنرل آف پرزنز سنڌ، ڪراچي جي حق ۾، مٿي ڄاڻايل آفيس ۾ جمع ڪرائڻي پوندي.
7. آڇ سان گڏ -/500,000 رپين جي بڊ سيڪيورٽي ڪنهن به شيڊيول بئنڪ آف پاڪستان جي پي آرڊر / ڊمانڊ ڊرافٽ / بئنڪ گارنٽي وغيره جي شڪل ۾ انسپيڪٽر جنرل آف پرزنس سنڌ، ڪراچي جي حق ۾ هجڻ لازمي آهي. ان جي ڪاپي SPPRA اِي پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS)ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪرڻي پوندي ۽ اصل بڊ سيڪيورٽي مٿي ڄاڻايل مقرر وقت ۽ هنڌ تي يا ان کان اڳ جمع ڪرائڻي پوندي.
8. جيڪڏهن ڪنهن به سبب جي ڪري ٽينڊر کلڻ واري ڏينهن تي سرڪاري موڪل ٿي وڃي ته آچ ايندڙ ٻئي ڪم ڪار واري ڏينهن تي مقرر وقت تي کولي ويندي. وڌيڪ سمورا لاڳاپيل تفصيل واڪ دستاويز ۾ موجود آهن. تنهن هوندي به جيڪڏهن ڪا معلومات گهربل هجي ته انسپيڪٽر جنرل سنڌ جيل خانه جات ۽ سڌارن واري سروس جي آفيس، پير الاهي بخش روڊ، مسلم آباد ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي، دائود انجنيئرنگ ڪاليج جي ويجهو، ڪراچي سان ڪنهن به ڪم ڪندڙ ڏينهن تي آفيس وقت دوران فون نمبر 021-99231418 ۽ فيڪس نمبر 021-99231084 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.
9. اسٽور جي مقدار SPPRA رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) مطابق وڌائي يا گهٽائي سگهجي ٿي.
10. انسپيڪٽر جنرل سنڌ جيل خانه جات ۽ سڌارن واري سروس، ڪراچي، سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي جي لاڳاپيل قاعدن مطابق ڪنهن به يا سمورين آڇن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

(محمد اسلم ملڪ)
ڊي. آءِ. جي جيل خانه جات، ڪراچي ريجن
(چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي)

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/4278/2026

خيرپور ۾ قتل ۽ اغوا ڪيس جو فيصلو، ٽن جوابدارن کي ڦاهي، هڪ کي عمر قيد جي سزا

ٽنڊو مستي ٿاڻي جي حد 2014ع ۾ سرفراز علي خواجا کي قتل ڪرڻ جو عدالت فيصلو ٻڌايو

عدالت پاران ٽن جوابدارن عبدالغفار، غلام اصغر ۽ عبدالرزاق خواجا کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي وئي

ڇهن ئي جوابدارن تي مجموعي طور هڪ ڪروڙ رپيا ڏنڊ، رقم مقتول جي وارثن کي ادا ڪئي ويندي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت قتل ۽ اغوا جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٽن جوابدارن کي ڦاهي ۽ 25- 25 لک رپيا ڏنڊ، جڏهن ته هڪ جوابدار کي عمر قيد ۽ 25 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالتي ذريعن موجب ڇهن ئي جوابدارن تي مجموعي طور هڪ ڪروڙ رپين جو ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو آهي جيڪو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ٽڪ ٽاڪر سارا بلوچ مڙس عبدالجبار جکراڻي سان گڏ احتجاج ڪندي

سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرون بي بنياد ۽ من گهڙت آهن: ميمڻ خاندان

شڪارپور جي مشهور اچار برانڊ کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

عوام کي غير تصديق ٿيل خبرن تي يقين نه ڪرڻ ۽ شيئر ڪرڻ کان اڳ تصديق ڪرڻ جي اپيل

شڪارپور (ڊ ر)شڪارپور سميت دنيا ۾ سڃاتل رکندڙ حاجي ڏتي بخش ميمڻ ۽ حاجي مولا بخش ميمڻ جي نالي سان هلندڙ مشهور اچار جي برانڊ کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش تي حاجي مولا بخش ميمڻ جي خاندان پاران سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرن ۽ بي بنياد الزامن جي سختي سان ترديد

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو5

لوٽي ڪوٽ ۽ ڀرواسي ۾ ريتي بجري دڪن تان مبينا ڀتا خوري، بااثرن دڪان بند ڪرائي ڇڏيا

مائيننگ کاتي ۽ لاڳاپيل ادارن جا ٽيڪس ڏيڻ باوجود بااثر پاران غيرقانوني ڀتو گهريو پيو وڃي: دڪاندار

ريتي بجري جا دڪا زبردستي بند ڪرائڻ سبب 600 ڀورهيتن جي بيروزگار ٿي ويا آهن: مظاهرين

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ويجهو لوٽي ڪوٽ ۽ جنگهوڙي جي ريتي بجري جي دڪن جي مالڪن ۽ ٽرانسپورٽرن توڙي دڪن تي ڪم ڪندڙ پورهيتن وڏيرو نياز ڪوسو مير خان شورو سجاد شورو ڪامريڊ علي ڪوسو ۽ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو سخت نعريبازي هنن الزام هڻندي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

گمبٽ جي علائقي ۾ بدامني سبب اسڪولن جا شاگرد به روڊن تي نڪري آيا

ريلي ۾ سوين شهرين سماجي اڳواڻن ۽ اسڪولي شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت

ڦر ۽ چوري معمول بڻجي ويون آهن جنهن سبب عام شهري غير محفوظ آهن:مظاهرين

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪاٺوري) گمبٽ جي علائقي ۾ بدامني سبب اسڪولن جا شاگرد به روڊن تي نڪري آيا، گمبٽ جي علائقي اڳڙا ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني ۽ امن امان جي بگڙيل صورتحال خلاف اڳڙا جي اسڪول جي شاگردن ۽ شهرين پاران احتجاجي ريلي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ رٽائرڊ وڪيل جون تعليم کاتي جي ٻن آفيسرن خلاف احتجاج

ڌيئرن کي ڪلارڪ ۽ ٻين پوسٽن تي نوڪريون ڏيارڻ جو آسرو ڏئي رقم ورتي وئي: قادر بخش

آءِ جي سنڌ ۽ هاءِ ڪورٽ معاملي جو نوٽيس وٺي مبينا ڦٻايل رقم واپس ڪرائي ڏين

دادو(ڊ ر) ڳوٺ پائي خان لاشاري جي رهواسي ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽ جي رٽائرڊ سرڪاري وڪيل قادر بخش لاشاري، دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اڳوڻي اي ڊي او تعليم عبدالقادر لاشاري ۽ ڪراچي ۾ ڊيوٽي ڪندڙ تعليم کاتي جي اي ڊي او امداد حسين لاشاري تي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ سنڌ مهراڻ ڪپ باڪسنگ چيمپئن شپ شروع، 150 کان وڌيڪ باڪسرز شريڪ

لياري جي ڪڪري گرائونڊ ۾ ٽن ڏينهن واري بوائز ۽ گرلز باڪسنگ چيمپئن شپ جو افتتاح ڪيو ويو

ڪراچي، سکر، حيدرآباد، شهيد بينظير آباد، لاڙڪاڻي ۽ ميرپورخاص سميت مختلف ڊويزنن جا باڪسرز ڀاڱي رهيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي اهتمام هيٺ ٽن ڏينهن واري سنڌ مهراڻ ڪپ بوائز ۽ گرلز باڪسنگ چيمپئن شپ جو لياري جي ڪڪري گرائونڊ ۾ افتتاح ڪيو ويو چيمپئن شپ جو افتتاح سيڪريٽري رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن سنڌ منور علي مهيسر رين ڪاٽي ڪيو افتتاحي تقريب ۾ ڊائريڪٽر رانديون اسد اسحاق، سنڌ باڪسنگ ايسوسيئيشن جي اصغر بلوچ، ايس او علي ڏنو گوپانگ ۽ ٻيا به موجود هئا. رانديون واري کاتي جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: صوبائي سيڪريٽري منور علي مهيسر باڪسنگ مقابلن جو افتتاح ڪندي

ڪنڌڪوٽ آپريشن نجات مهراڻ جاري، ڪشمور ۾ ٽن ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا

گبلو ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل آپريشن بعد ٽن جوابدارن سرينڊر ڪيو

هٿيار ڦٽا ڪندڙن ۾ ٻه بنگوار ۽ هڪ ڪوش شامل آهي، ٽئي قتل، ڦر ۽ پوليس تي حملن جي ڪيسن ۾ گهربل هئا:پوليس

ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو جو امن امان جي بهتري لاءِ آپريشن جاري رکڻ ۽ ڌاڙيلن خلاف گهيرو

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪشمور پوليس جو ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو جي اڳواڻي ۾ نجات مهراڻ آپريشن جاري نجات مهراڻ آپريشن تحت سرينڊر پاليسي لاڳو ڪري مختلف ڪيس ۾ گهربل جوابدارن کي پيش ڪرايو پيو وڃي ان حوالي سان ڪشمور پوليس جو آپريشن پڻ هلندڙ آهي جنهن ۾ علائقي جي معززين سان گڏجي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد مان 28ڏينهن مبينا طور اغوا ٿي ويل بازياب نه ٿي

مغوي نينگري جي پيءُ تي جوابدار ڌر پاران مبينا چوري جو الزام، تشدد

گهرن تي قبضي جي ڪوشش نياڻي وڪرو ٿيڻ جو شڪ وارثن جو احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد مان 28ڏينهن مبينا طور اغوا ٿي ويل 16ورهين جي نينگري کي پوليس بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام نينگري جي پيءُ تي جوابدار ڌر پاران مبينا چوري جو الزام،تشدد، گهرن تي قبضي جي ڪوشش نياڻي وڪرو ٿيڻ جو شڪ وارثن جو احتجاجي مظاهروحيدرآباد جي ٿاڻي نسيم نگر قاسم آباد جي حد منڌارشورو ڳوٺ مان 27آگسٽ 2026تي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

مورو پوليس جي اهم ڪارروائي، ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ڦريل رقم هٿ

آفتاب علي راهو کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ ڦريل رقم هٿ ڪئي وئي

شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ ڌاڙيلن خلاف ڪارروائيون جاري رهنديون: پوليس

مورو(ن ع) مورو پوليس جي اهم ڪارروائي ڦريل موٽرسائيڪل ۽ رقم هٿ ڪري ورتي، مورو پوليس ڪجهه وقت اڳ مورو شهر جي ايريگيشن روڊ تان نامعلوم هٿياربندن پاران آفتاب علي راهو کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم 5 لک روپيا هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ايس ايچ او مورو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: اسڪولي ٻار بدامني خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سڪرنڊ ۾ ”اجتماع غوثيه“ جي عنوان تحت اجتماع

سيدنا عبدالقادر جيلاني ولين جو سردار آهي: مختيار علي ڪرمي

اسان جو نبي سڀني نبين جو سردار ۽ اسان جو پير سڀني پيرن جو سردار آهي

سڪرنڊ (ن ع) دعوت اسلامي پاران هر سال جيان هن سال به مدني مرڪز فيضان مدينه سڪرنڊ ۾ ساليانه يارهين شريف جو اهتمام ڪيو ويو ان سلسلي ۾ تعلقه نگران علامه مظفر مدني ۽ ٽائون نگران علامه طلحه مدني جي ميزبانيءَ ۾ ”اجتماع غوثيه“ جي عنوان تحت اجتماع منعقد ڪيو

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٺٽون دمبالو ويجهو ڳوٺ پير سخي عثمان شاهه ۾ افسوسناڪ واقعو

دنيش ولد ارجڻ ميگهواڙ غربت کان تنگ اچي گادر ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي

اطلاع تي ٺٽون دمبالو پوليس موقعي تي پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو

ٺٽون دمبالو(ن ع) ٺٽون دمبالو ويجهو ڳوٺ پير سخي عثمان شاهه ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي جنهن ۾ 24 سالا نوجوان دنيش ولد ارجڻ ميگهواڙ غربت ۽ تنگدستي کان تنگ اچي گهر جي گادر ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري ڇڏي واقعي جي اطلاع تي ٺٽون دمبالو پوليس موقعي تي پهچي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

اڪيڊمي آف ايڪسيلينس اسڪول ۾ پيرنٽس اينڊ ٽيچر جي گڏجاڻي

اڪيڊمي جي پوزيشن هولڊر شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام ورهايا ويا

اهڙين سرگرمين جو مقصد شاگردن جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي: انتظاميه

سڪرنڊ (ن ع) اڪيڊمي آف ايڪسيلينس اسڪول ۾ پيرنٽس اينڊ ٽيچر جي گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ اڪيڊمي جي پوزيشن هولڊر شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام ورهايا ويا گڏجاڻيءَ ۾ استادن پاران والدين کي سندن ٻارن جي تعليمي ڪارڪردگي، ماهوار ٽيسٽ جي نتيجن ۽ پڙهائي ۾ بهتري جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

گورنمينٽ ڊسپينسري ڪرچات جي ڪميونٽي سپورٽ گروپ جي گڏجاڻي

جي ڊي ڪرچات ۾ اسٽاف جي ڪوٽ کي پورو ڪيو وڃي: ڪميونٽي سپورٽ گروپ

ڊاڪٽر جي پوسٽ به آهي، پر ٻي بي ايچ يو آئي جي انتظاميه اهي پوسٽون پرڻ کان لنوائي رهي آهي

ٽائوبولاخان (ن ع)گورنمينٽ ڊسپينسري ڪرچات جي ڪميونٽي سپورٽ گروپ جي ميمبرن ۽ ڳوٺاڻن ڪرچات اسپتال ۾ او پي ڊي نه هلڻ جي شڪايتن جي بنياد تي هنگامي ميٽنگ ڪئي وئي جڏهن ته ڊسپينسري ۾ صرف لوڪل اسٽاف ۽ ويڪسينيٽر موجود هئا، جڏهن ته او پي ڊي هلائڻ لاءِ ڪوبه ڊاڪٽر يا ڊسپينسر موجود نه هو معلوم ڪرڻ تي ٻڌايو ويو ته انچارج سوڪل تي ويل آهي ڳوٺاڻن پي پي ايڇ آئي جي ڊسٽرڪٽ مينيجر کان مطالبو ڪيو ته

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ زائر عورت جو تشدد ڪندڙ پوليس اهلڪار احتجاج، انصاف جو مطالبو

ٺٽو(ڊ ر) ٺٽي جي مشهور درگاهه تي سکر کان آيل زائرين عورت تي بدمست پوليس اهلڪار جو مبينا تشدد، پوليس اهلڪار خلاف جاچ جو مطالبو ٺٽي جي مشهور درگاهه حضرت عبدالله شاهه اصحابي تي سکر کان حاضري لاءِ آيل عورت مسمات سيد شبنم بانو مبينا طور پوليس اهلڪار سڪندر خليفي هٿان تشدد جو شڪار ٿيڻ جي شڪايت ڪئي آهي متاثر عورت لاڳاپيل پوليس اختيارين کان واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي عورت ڌانهيندي ٻڌايو ته درگاهه تي موجود پوليس اهلڪار سان

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولال : اڳوڻو نائب ناظم سيد الهبچايو شاهه لاڏاڻو ڪري ويو

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال لڳ فنڪشنل ليگ اڳواڻ متياري سيد افضل شاهه جو والد ۽ سيد گلزار علي شاهه جو چاچو اڳوڻو نائب ناظم سيد الهبچايو شاهه تحويل علالت بعد لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز اوڏيرولال لعل لڳ ڳوٺ خليفو يار محمد شاهه ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ اڳوڻو صوبائي وزير حاجي جلال شاهه جاموٽ درگاهه ملا حسن جو گادي نشين ملڪاڻي جو مرشد مخدوم غلام رسول ڪورواهه ڏاڏو نويد سمون وڏيرو قلندربخش ڏيرو سردار نويد بلوچ سيد علي ڏنو شاهه سعيد آباد رئيس ڪمال ڪوسو بدين سميت سياسي سماجي اڳواڻن صحافين

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: آئيس پيئڻ سبب فوت ٿي ويل ميونسپل ملازم جو لاش

ٽنڊوآدم عدالت گم ٿيل ٻار جي ڪيس ۾ ڊاڪٽرياڻين سميت 9 ڄڻن کي باعزت بري ڪري ڇڏيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ وقاص احمد قريشي جي عدالت شهر جي نجي مرڪ اسپتال مان ويم دوران مبينا گم ٿيل ٻار جي ڪيس ۾ ڊاڪٽرياڻي ڊاڪٽر شگفته ميمڻ ڊاڪٽر خورشيد ظفر چنا، محمد اسلم ميمڻ ٽيڪنيشن رحيم سميت 9 ڄڻن کي باعزت بري ڪري ڇڏيو ڪيس جي پيروي ايڊووڪيٽ اشرف پنهور ۽ ايڊووڪيٽ الطاف حسين جوڻيجو ڪئي واضح رهي ته هڪ سال اڳ ۾ سنجهورو واسي محبت ولد ڏنو مري سٽي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو هو ته منهنجي ننهن مسمات شمائله زال محبوب علي مري اميد

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو5

سکر ۾ مير هادي بخش بخاراڻي جي سالگرهه تقريب، سياسي صحافتي ۽ ادبي شخصيتن جي شرڪت

سکر (بيورو رپورٽ) پ پ مير هادي بخش بخاراڻي ايڊووڪيٽ انچارج چيئرمين ريجنل ميڊيا آفيس سکر ريجن جي سالگرهه جي تقريب سکر جي بکراڻي هائوس ۾ ٿي گذري جنهن ۾ سندس ذاتي دوستن سياسي اڳواڻن صحافين اديبن ۽ ٻين ساڄاڻن ونڊن سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ڊويزنل جنرل سيڪريٽري محمد علي شيخ گهنشام غلام رسول سهاڳ مولابخش سينئير صحافي اديب شاعر مجيد نواز مغل امير علي بکراڻي بابو بکراڻي انور علي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڳوٺاڻن جو زمين تي قبضي ۽ ڌمڪين خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور احمدپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ وريو ڦليپوٽو جي رهواسين جو بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج تفصيل موجب احمدپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ وريو ڦليپوٽو جي رهواسين پاران بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين ۽ زمين تي قبضي خلاف پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي مسمات وزيرا خاتون، مسمات ريما ۽ عبدالغفور ڦليپوٽو

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ساڪرو پرسان ڦر جي ڪوشش، مزاحمت تي نوجوان زخمي، اسپتال منتقل

ميرپور ساڪرو(ن ع) ميرپور ساڪرو پرسان گبول ڳوٺ وٽ ڦر دوران ڪن هٿياربندن نوجوان کي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو نوجوان اسپتال منتقل ميرپور ساڪرو جي ڏاڪاٽي اسٽاپ جي رهواسي نوجوان عبدالخالق ڪوسو کي هٿيارٻند ڦورن 2 گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي زخمي نوجوان کي شيخ زيد اسپتال

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ويجهو ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، 13 سالن جو نينگر زخمي

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز ويجهو ڏاروشاهه باءِ پاس ڪراس ڪندڙ موٽر سائيڪل سوار 13 سالن جي نينگر کي ٽرالر جو زوردار ٽڪر لڳڻ جي نينگر مظفر سولنگي زخمي ٿي پيو جنهن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ڊاڪٽرن مطابق نينگر جي ٽنگ ڀڄي پئي آهي نينگر بلاول ڪالوني جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي.

شهدادپور پرسان معزز شخصيت وڏيرو سائين بخش خاصخيلي لاڏاڻو ڪري ويو

شهدادپور (ن ع) وڏيرو سائين بخش خاصخيلي دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي شهدادپور ويجهو ملدسي روڊ تي ڳوٺ محمد آچر خاصخيلي ڪمالاڻي جي معزز شخصيت، نيڪ مرد، پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جو مقامي اڳواڻ وڏيرو سائينداد خاصخيلي، وڏيرو نبي بخش خاصخيلي جو وڏو ڀاءُ وڏيرو سائين بخش

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ملتان: لاڏائو قبيلي جون عورتون رڌ پچاءُ ڪري رهيون آهن

ٽنڊوآدم ۾ 5 سالن جي ٻارڙي جي مبينا زيادتي بعد قتل ڪيس ۾ جوابدار گرفتار

سٽي پوليس پاران جوابدار محمد قاسم کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

عدالت جوابدار کي ٻن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم پوليس 5 سالن جي معصوم ٻارڙيءَ سان مبينا زيادتي بعد قتل ڪيس جي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو عدالت ۾ پيش بن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي رپورٽ موجب ٽنڊوآدم سٽي پوليس 2 هفتا اڳ 5 سالن جي معصوم ٽياڻي دعا انصاري سان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو5

ڄامشوري ضلعي ۾ پوليس ڪارروايون ۾ 12 جوابدار گرفتار، منشيات هٿ

پوليس پاران ڄامشورو، ڪوٽڙي سائيٽ، خدا جي بستي، مانجهند، ڇهر ۽ سيوهڻ ۾ ڪارروايون ڪيون ويون

مختلف علائقن مان قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار سميت 12 جوابدار گرفتار ڪيا ويا

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ضلعي ڄامشوري ۾ پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروائيون ڪندي 12جوابدار گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ورتو . ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ۽ ايس ايس پي ڄامشورو محمد ظفر صديق چانگا جي سخت هدايتن تي پوليس حرڪت ۾ اچي ويئي مختلف علائقن ڪاروائيون

بقايا نمبر 4ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ 8 مهينن جي معصوم ٻارڙي تي رولو ڪتن حملو ڪري زخمي ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ڏڙو مهاڙي ۾ ٻارڙي پنهنجي امڙ جي گود ۾ هئي ته ڪتن اوچتو حملو ڪري ڇڏيو

واقعي بعد وارثن ۽ علائقي واسين ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ، اي سي کان ڪتا مار مهم جو مطالبو

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ لڳ ڪوٽڏيجي جي يوسي ديهه سوهو جي ڳوٺ ڏڙو مهاڙي ۾ ماءُ جي گود ۾ موجود 8 مهينن جي معصوم ٻارڙي تي رولو ڪتن جو حملو معصوم ٻارڙي زخمي ڪوٽڏيجي جي يوسي ديهه سوهو جي ڳوٺ ڏڙو مهاڙي ۾ رولو ڪتن جي آزار سبب 8 مهينن جي معصوم ٻارڙي نورين پنهنجي امڙ جي گود ۾ هئي ته آوارا ڪتن اوچتو حملو ڪري

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو5

سکر اسڪول جي شاگردن ۽ استادن کي باهه کان بچاءُ بابت آگاهي

روهڙي پبلڪ اسڪول ۾ سول ڊفينس وارڊن سروس پاران خاص آگاهي پروگرام

هنگامي صورتحال ۾ محفوظ طريقي سان عمارت خالي ڪرڻ بابت ڄاڻ فراهم ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ رياض حسين لغاري ۽ فخر سکر ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪنٽرولر سول ڊفينس سکر نادر شهزاد خان جي خاص هدايتن تي روهڙي ڪلب انٽرنيشنل جي تعليمي اداري، روهڙي پبلڪ اسڪول سکر ۾ هڪ خاص آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو پروگرام جي خاص مهمان سيڪريٽري روهڙي ڪلب انٽرنيشنل ۽ ميمبر ميونسپل ڪارپوريشن سکر ميڊم

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ يارهين شريف جي سلسلي ۾ عظيم الشان محفل نعت و منقبت جي محفل

نعت خوانن پاران بارگاهه رسالت ﷺ ۾ نعتون ۽ غوث اعظمؒ جي شان ۾ منقبتون پيش ڪيون

حضرت غوث اعظمؒ جي تعليمات تي عمل ۽ امن، ڀائيچاري ۽ خدمت خلق کي فروغ ڏيڻ تي زور

سکر (بيورو رپورٽ) بزم جامي و رضا سکر جي اهتمام هيٺ وڏي يارهين شريف جي مناسبت سان مقامي هال ۾ عظيم الشان محفل نعت و منقبت منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ عاشقانِ رسول ۽ محبانِ اولياءَ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي محفل جي ميزباني علامه محمد رضوان خان قادري ڪئي، جڏهن ته اهل سنت جي مختلف تنظيمن سان لاڳاپيل اڳواڻن ۽ مذهبي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

راڻيپور: يارهين شريف جي جلسي کي عالم خطاب ڪري رهيو آهي

باقراڻي لڳ سگاوتي تڪرار تان نوجوان ناري قتل، گولي لڳل لاش هٿ آيو

ڳوٺ ٺٽين گڏ ۾ رهواسين اطلاع تي پوليس پهچي ناري صدف ٻگهيو جو گولي لڳل لاش هٿ ڪيو

ناري کي سگاوتي تڪرار تان سهيل گوپانگ ۽ ديدار ڪلهوڙو مبينا طور قتل ڪيو آهي: وارث

باقراڻي (ن ع) باقراڻي لڳ يونيورسٽي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٺٽين گڏ ۾ مقامي ماڻهن جي اطلاع تي 20 کان 22 ورهين جي نوجوان ناري صدف ٻگهيو جو گولي لڳل لاش هٿ آيو آهي مقتولا جي وارثن جو الزام آهي ته ناري کي سگاوتي تڪرار تان سهيل گوپانگ ۽ ديدار ڪلهوڙو مبينا طور

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

احتجاج احتجاج احتجاج
شهر کي گندگي کان پاڪ ڪيو وڃي
احتجاجي مظاهرو

سيهڙ: شهري اتحاد پاران مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڌڪوٽ لڳ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو زخمي

ڳوٺ شهنشاهه ۾ هٿياربندن موٽرسائيڪل سوار مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

گوليون لڳڻ سبب ساوَل بنگوار شديد زخمي، پوليس پهچي لاش زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو

بنگوار برادري جي هٿياربندن اسان جي نوجوان کي زخمي ڪيو آهي: ٻاءُ

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ لڳ گبلو ٿاڻي جي حد ڪاهي واري علائقي ڳوٺ شهنشاهه ۾ نامعلوم هٿياربندن جي موٽر سائيڪل سوار مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا فائرنگ ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب ساوَل بنگوار شديد زخمي ٿي پيو جڏهن ته هٿياربند فائرنگ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

خيرپور سول اسپتال جي هائوس آفيسرن کي ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ، احتجاج

ڊاڪٽرن جي اڳواڻي ۾ وڏي انگ ۾ هائوس آفيسرن جو احتجاجي مظاهرو نعريبازي

مسلسل پگهارون نه ملڻ سبب مالي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهيون: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي سول اسپتال جي هائوس آفيسرن کي ٽن مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ڊاڪٽر ثناءُ الله چانڊيو ڊاڪٽر سرمد سيال ڊاڪٽر جنيد فراز ۽ ڊاڪٽر ميڊم سڄنا ڪئي مظاهرين مطالبو ڪيو ته سندن رهيل پگهارون فوري

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

فيض گنج ۾ پاڻي ڪوٽ ۽ چوري جون شڪايتون، صوبائي وزير جو سخت نوٽيس

آبپاشي کاتي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايسٽ ڊويزن کي هٽائي ڪراچي رپورٽ ڪرڻ جو حڪم

چيف انجنيئر سکر بئراج ٻن مهينن لاءِ هيڊڪوارٽر فيض گنج منتقل ڪندو

آبادگارن جي احتجاج کانپوءِ ڪارروائي، واهن ۾ پاڻي جي فراهمي بهتر بڻائڻ جون هدايتون

خيرپور(ڊ ر) صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو فيض گنج جي واهن ۾ پاڻي جي ڪوٽ ۽ بااثر ماڻهن پاران لفٽ مشينن ذريعي پاڻي چوري ڪرڻ وارين شڪايتن جو سخت نوٽيس وٺندي آبپاشي کاتي جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايسٽ ڊويزن کي فوري طور هٽائي ڪراچي رپورٽ ڪرڻ جو حڪم

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو5

سکر ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڦر جي ڪوشش، مزاحمت تي دڪاندار زخمي

آباد ٿاڻي جي حد ۾ جنرل اسٽور ۾ هٿياربندن گهڙي ڦر جي ڪوشش ڪئي

عمران ڪوسو پاران مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن فائرنگ ڪري زخمي ڪيو، اسپتال منتقل

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي ٿاڻي آباد جي حدن ۾ 100 فٽ روڊ تي واقع رحمان جنرل اسٽور تي ڏينهن ڏٺي جو هٿياربندن ڦر جي ڪوشش ڪئي دڪاندار عمران ڪوسو پاران مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن فائرنگ ڪري ڪيس زخمي ڪري ڇڏيو فائرنگ جي واقعي کان پوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. زخمي دڪاندار

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

پولينڊ ۾ هڪ خانقاهه ۾ چاقو جي حملي ۾ هڪ شخص مارجي ويو 4 زخمي

ياروسلاف شهر جي هڪ خانقاهه ۾ چاقو سان 4 مردن ۽ هڪ عورت تي حملو ٿيو

ٽي پادري به شامل هئا، پنجن ئي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

وارسا (اي پي پي)پولينڊ جي ڏکڻ اوڀر شهر ياروسلاف جي هڪ خانقاهه ۾ چاقو جي حملي ۾ هڪ شخص مارجي ۽ 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق 31 سالہ يوڪرين جي شهري ياروسلاف شهر جي هڪ خانقاهه ۾ چاقو سان 4 مردن ۽ هڪ عورت تي حملو ڪيو جن ۾ ٽي پادري به

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

بغداد ايئر پورٽ تي واقع آمريڪي سفارتخاني جو ڪنٽرول مقامي انتظاميه حوالي

عراق جي نائب پرڏيهي وزير ۽ آمريڪي وقتي سفير معاهدي تي صحيحون ڪيون

بغداد (اي پي پي) عراق جي حڪومت هڪ معاهدي تي صحيحون ڪيون آهن جنهن تحت بغداد انٽرنيشنل ايئر پورٽ تي واقع آمريڪي سفارتخاني جي سفارتي سهڪاري مرڪز جو انتظام مقامي انتظاميا سنڀاليندي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: هڪ نينگري پنهنجا اٺ ڪاهي وڃي رهي آهي

عوام سان رابطو رکڻ مسئلا ٻڌڻ ۽ حل لاءِ قدم کڻڻ چونڊيل نمائندن جي ذميواري آهي:شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت جي ترقياتي سرگرمين جو مقصد شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن جي ماڻهن کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ آهي

عوامي ضرورتن ۽ مقامي مسئلن کي نظر ۾ رکندي ترقياتي منصوبن تي عملدرآمد جو سلسلو جاري رکيو ويندو

راهوڪي ۾ عوام جي مان ۾ سانجهاندي واري تقريب ۾ خطاب، عوام سان ملاقات ڪري مسئلا ٻڌا

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ ۽ پي ايس-61 جي ميمبر سنڌ اسيمبلي شرجيل انعام ميمڻ پاران راهوڪي ۾ واقع راڄل هائوس ۾ چونڊ تڪ جي عوام جي مان ۾ سانجهاندو ڏنو ويو ان موقعي تي شرجيل انعام ميمڻ چونڊ تڪ جي مختلف علائقن سان واسطو رکندڙ شهرين معززن ۽ عوامي نمائندن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن مسئلا ٻڌا علائقي جي ماڻهن پنهنجي پنهنجي علائقن کي درپيش مختلف عوامي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو ڄام: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ تڪ جي ماڻهن کي خطاب ڪندي

مقصودو رند ويجهو نوجوان کان هٿيارن جي زور موٽرسائيڪل، موبائل ڦر

مقصودو رند (ن ع) مقصودو رند ويجهو شاهپور چاڪر ٿاڻي جي حد نوابشاهه شهدادپور روڊ تي رضا ڪاٽن فيڪٽري سامهون بٽ بڏل ٽن نامعلوم هٿيارٻند ڦورن مقصودو رند واسي نوجوان اسد علي خاصخيلي کان 125 موٽر سائيڪل موبائل فون ڪيش رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار خبر موجب مقصودو رند ويجهو شاهپور چاڪر ٿاڻي جي حد نوابشاهه

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڊاڪٽر محمد ابراهيم ساوند قتل ڪيس ۾ جرڳو، 15 لک رپيا ڏنڊ مقرر

فيصلو چيف سردار مير غلام عابد علي خان سندراڻي جي سرپنچي هيٺ سندراڻي هائوس دڙي ۾ ٿيو

بنگوار هٿياربندن هٿان قتل ٿيل ڊاڪٽر جي ڪيس ۾ سندراڻي ڌر تي مبينا مخبري جو الزام ثابت

رمضان سندراڻي ڌر مٿان مخبري ثابت ٿيڻ تي 15 لک رپيا ڏنڊ وڌو ويو، ملزم بنگوار گينگ سان رابطي ۾ هئا

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ لڳ گبلو ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ حبيب الله ساوند ۾ به مهينا اڳ بنگوار برادري جي هٿياربندن هٿان قتل ٿي ويل مقتول ڊاڪٽر محمد ابراهيم ساوند قتل ٿيو هو ساوند برادري پاران سندراڻي تي شڪ هو جنهن جو فيصلو اڄ چيف سردار مير غلام عابد علي خان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڳوڙهي ياسين: تڪرار جي نبيري لاءِ امين ڳالهائي رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ ٻه هفتا اڳ مبينا اغوا ٿيل 10 ورهين جي نينگري بازياب، جوابدار گرفتار

پوليس آريجا روڊ پرسان ڪارروائي ڪري نينگري نازيه ڪوسو کي بازياب ڪرائي جوابدار کي سرڪهو ڪيو

عدالت نينگري جو بيان وٺڻ بعد ڪيس والدين حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس جو ٻه هفتا اڳ مبينا اغوا ٿي ويل 10 ورهين جي نينگري کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ، هڪ جوابدار گرفتار پوليس نينگري کي عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو بيان بعد عدالت نينگري کي والدين حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي پرسان آريجا روڊ سمر شاخ اچي مسجد وٽان ٻه هفتا اڳ 10 ورهين جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ اکين جي جديد سرجرين بابت ٽن ڏينهن واري لائيو سرجري ورڪشاپ شروع

برطانيا کان آيل ماهر سرجنن پاران سنڌ جي اکين جي ماهرن جديد ٽيڪنيڪون سيکارڻ جو سلسلو جاري

DMEKٽيڪنڪ، اينڊوسڪوپڪ ليزر ڊي سي آر ۽ ليسٽر جونز ٽيوب ٽريمي لئڪريمل سرجري بابت تربيت فراهم ڪئي

سکر/حيدرآباد (بيورو رپورٽ) ”ويزن فار ايجوڪيشن فائونڊيشن“ جي سهڪار سان سنڌ انسٽيٽيوٽ آف آپٿالمالاجي اينڊ ويزوئل سائنسز ايس آءِ او وي ايس ۾ ٽن ڏينهن واري ”لائيو سرجري ورڪشاپ“ جي شروعات ٿي وئي آهي هي ورڪشاپ ايس آءِ او وي ايس ڪيمپس ۾ 22 کان 25 سيپٽمبر تائين جاري رهندا. ان جو مقصد مقامي اکين جي ماهرن (آپٿالمالاجسٽس)

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ مبينہ پوليس مقابلو، هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم سٽي ٿاڻي جي لنجواڻي موڙ وٽ گشت دوران سٽي پوليس ۽ هٿيارٻندن وچ ۾ مبينه فائرنگ جي ڏي وٺ جي نتيجي ۾ پوليس هڪ جوابدار کي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

جاتي لڳ ٻارڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، نوجوان قتل

ڳوٺ ابراهيم ٻارڻ ۾ ۾ وڻ وڍڻ تان ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ الهڏنو ولد صديق ٻارڻ ٿڏي تي مارجي ويو

مقتول جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن جي حوالي

پوليس مبينا قتل ۾ ملوث غلام ٻارڻ کي گرفتار ڪري ورتو، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

جاتي (ن ع) يونين ڪائونسل گل محمد ٻارڻ جي ڳوٺ ابراهيم ٻارڻ ۾ وڻ وڍڻ واري معاملي تان ٻارڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ نوجوان الهڏنو ولد صديق ٻارڻ ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو واقعي کان پوءِ لاش تعلقي اسپتال جاتي منتقل ڪيو ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال سجاول نيو ويو پوسٽ مارٽم مڪمل ٿيڻ کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس ذريعن موجب

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيلن جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور پوليس جي ڪارروائي، اسنيپ چيڪنگ دوران اشتهاري جوابدار گرفتار

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس جي ڪارروائي ڪيهنواري ٿاڻي جي پوليس اسنيپ چيڪنگ دوران اشتهاري جوابدار وسيم راڄپر کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب گرفتار جوابدار خلاف مختلف قلمن تحت ڪيس داخل ٿيل هو ڪامياب ڪارروائي تي ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پوليس پارٽي کي شاباش ڏني تفصيل موجب خيرپور پوليس پاران ڌوهارين ۽ اشتهاري جوابدارن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي ڪيهنواري ٿاڻي جي ايس ايڇ او پاران اسنيپ چيڪنگ دوران ڪارروائي ڪندي اشتهاري

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڦر، ٻن ڳوٺاڻن کان موٽر سائيڪلون ۽ روڪ رقم ڦر

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني بيهر پڪڙي اٿي نامعلوم هٿيارٻند ڦورن هٿان 2 ڳوٺاڻا يرغمال 2 موٽر سائيڪلون ۽ هزارين روڪ رقم ڦران حوالي سان ڪڪڙ پرسان مين انڊس هاءِ وي روڊ درمحمد ابڙو وٽ ٻن ڳوٺاڻن کان ڏاڙ ڏار ساڳي جاءِ تان ٻه موٽر سائيڪل سوار 5 هٿيارٻندن ڦورن ڏينهن ڏٺي جو هٿيارن جي زور تي ڳوٺ ڪنب شيخ جي رهواسين جمن شيخ کان نئين 125 موٽر سائيڪل 2026 ماڊل ۽ رحيم بخش سومرو کان سي ڊي موٽر سائيڪل، روڪ رقم ، موبائل فون ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا ٻئي متاثر ڳوٺاڻا ڪڪڙ ٿاڻي تي پهچي ڦر واردات جي رپورٽ داخل ڪرائي ڇڏي آهي، ان

لاهور: ٻه نوجوان موٽر سائيڪل تي سائيڪل کڻي وڃي رهيا آهن

آسٽريليا ۾ پوليس جي گاڏي حادثي جو شڪار، هڪ اهلڪار فوت، هڪ زخمي

ڪينبرا (اي پي پي) آسٽريليا جي شهر سڊني ۾ پوليس جي گاڏي حادثي جو شڪار ٿي وئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ اهلڪار فوت ۽ هڪ زخمي ٿي پيو. پرڏيهي ميڊيا مطابق پوليس بيان ۾ ٻڌايو ته حادثو جمعي تي اٽڪل هڪ لڳي 30

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي پاران صحافي ۽ قومي ڪارڪن عرفان عالماڻي تي حملي جي مذمت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جسقم جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته صفوران ٽائون ڪراچي جي چيئرمين راشد خاصخيلي جي داداگيرن پاران صحافي ۽ قومي ڪارڪن عرفان عالماڻي مٿان ٿيل حملي جي سخت مذمت ڪيون ٿا ۽ ڪيس چڙهائي ٿا ڏيون ته داداگي جو فوري طور تدارڪ ڪري ٻي صورت ۾ ٽائون آفيس جو گهيراءُ ڪيو ويندو اها ڳالهه هن ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب مليرِ ۾ پريس

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

راڻيپور ۾ تاجدارِ ختم نبوت ڪانفرنس ۽ يارهين شريف، هزارين عقيدتمندن جي شرڪت

ملڪ جي مختلف علائقن مان عالمن، مشائخن، گادي نشينن ۽ نعت خوانن جي وڏي شرڪت

عالمن جا حضرت شيخ عبدالقادر جيلانيؒ جي ديني، علمي ۽ روحاني خدمتن تي خطاب

راڻيپور ۾ تاجدارِ ختم نبوت ڪانفرنس ۽ ساليانه وڏي يارهين شريف، هزارين دستگير جي مريدن ۽ عقيدتمندن جي شرڪت، نالي وارن عالم سڳورن ۽ نعتخوانن دستگير جي شان بيان ڪيو ۽ شان ۾ منقبت پڙهيون صبح جو فجر مهل اجتماعي دعا گهري جلسي پڄاڻيءَ تي پهتو رپورٽ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

هنگورجا قومي شاهراهه تي ڪار ۽ ٽرالر ۾ زوردار ٽڪر عورت سميت 3 ڄڻا زخمي

حادثي ۾ سرسو جا ملازم علي شاهه راڄپر، بدرالنساء جوکيو ۽ عجب گل پٺاڻ زخمي ٿي پيا

زخمين کي پوليس پاران رورل هيلٿ سينٽر هنگورجا منتقل ڪيو جي ڪر سبب حادثا معمول بڻجي ويا آهن: شهرين

هنگورجا (ن ع) هنگورجا قومي شاهراهه روڊ تي ڪار ۽ ٽرالر ۾ زوردار ٽڪر ٿيڻ سبب ڪار ۾ سوار سرسو جا ملازم علي شاهه راڄپر ،بدرالنساء جوکيو ۽ عجب گل پٺاڻ زخمي ٿي پيا جن کي هنگورجا پوليس رورل هيلٿ سينٽر هنگورجا ۾ منتقل ڪيو جتي زخمن جو علاج جاري آهي ۽ هنگورجا

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

پيرجوڳوٺ ۾ ميونسپل ڪميٽي جي ملازم جو لاش هٿ

الطاف ميمڻ جو لاش راجا هائوس پرسان ٽيڪسي اسٽينڊ وٽان مليو

پوليس لاش اسپتال منتقل ڪري ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

گمبٽ (ت ر) پيرجوڳوٺ جو رهواسي ميونسپل ڪميٽي پيرجوڳوٺ جو ملازم الطاف ميمڻ آئيس جو گهڻو نشو واپرائڻ سبب فوت ٿي ويو سندس لاش راجا هائوس لڳ ٽيڪسي اسٽينڊ وٽ لاوارث حالت ۾ مليو ٻڌايو پيو وڃي ته نوجوان آئيس ۽ هيروئن جو عادي هو جيڪو گهڻو نشو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو5

گمبٽ ۾ مڇي جي تلاءَ مان 21 ورهين جي شاگرد جو لاش هٿ

ڳوٺ محمد صالح اڄڻ ۾ سڄاد احمد اڄڻ جو لاش تلاءَ مان مليو

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهتي، لاش اسپتال منتقل

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ محمد صالح اڄڻ ۾ مڇي جي تلاءَ مان شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو شاگرد 21 سالا نوجوان جو لاش هٿ آيو آهي، گمبٽ جي علائقي ڳوٺ محمد صالح اڄڻ ۾ مڇي جي تلاءَ مان شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو شاگرد 21 سالا

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو5

گمبٽ لڳ ٽرڪ جو گڏهه گاڏي سان ٽڪر، هڪ ڄڻو زخمي، گڏهه مري ويو

قومي شاهراهه تي مسڪين پور وٽ تيز رفتار ٽرڪ گڏهه گاڏي کي زوردار ٽڪر هنيو

حادثي ۾ گڏهه موقعي تي مري ويو، گڏهه گاڏي تي سوار خدا بخش اڄڻ زخمي ٿي پيو

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ لڳ مسڪين پور قومي شاهراهه روڊ تي تيز رفتار ٽرڪ جو گڏ گاڏي کي ٽڪر گڏهه موقعي مري ويو گڏ گاڏي جو سوار سخت زخمي گمبٽ لڳ مسڪين پور قومي شاهراهه روڊ تي تيز رفتار ٽرڪ جو گڏ گاڏي کي زوردار ٽڪر لڳڻ سبب گڏ موقعي تي مري ويو جڏهن ته گڏ گاڏي جو سوار خدا بخش اڄڻ سخت زخمي ٿي پيو علائقي واسين پاران زخمي کي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو5

ڪوٽڙي سائيٽ: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان مقتول اظهر ڪوسو جي قتل ڪيس ۾ 4 جوابدار گرفتار

عدالتي پيشي تان واپسي دوران فائرنگ ۾ نوجوان کي قتل ڪيو ويو هو

پوليس حاجي الله بچايو، بڊن خادم ۽ دلبر حسين ڪوسو گرفتار ڪري عدالت پيش ڪيو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ هفتو اڳ پيار جي پرڻي ڪيل 19 سالا اظهر ڪوسو جي عدالتي پيشي تان واپسي دوران ٿيل قتل واري واقعي ۾ ملوث 4 جوابدار پوليس گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي ، ٽنڊو محمد خان جي بدين روڊ ڪريم آباد پرسان هفتو اڳ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿي ويل 19 سالا اظهر ڪوسو جي قتل واري واقعي ۾ بي سيڪشن

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز پرسان هٿياربندن جي فائرنگ، 2 ٻارڙن جي ماءُ قتل، مڙس زخمي

ڏاروشاهه لنڪ روڊ تي عمر ٽائون وٽ فائرنگ ۾ عبدالرزاق ۽ ياسمين چانڊيو زخمي ٿي پيا

نوابشاهه اسپتال منتقل ڪرڻ دوران ياسمين چانڊيو زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

ناري جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي، واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

نوشهروفيروز(رپورٽ:شاهد علي چنا) نوشهروفيروز ويجهو ڏاروشاهه لنڪ روڊ تي عمر ٽائون وٽ نامعلوم هٿيارٻندن جي فائرنگ ڏال مڙس سميت سخت زخمي ٿي پيا اطلاع ملڻ تي پوليس زخمين عبدالرزاق چانڊيو ۽ سندس گهرواري ياسمين چانڊيو کي سول اسپتال منتقل ڪيو جن جي حالت نازڪ هجڻ ڪري ڪين نوابشاهه ريفر ڪيو ويو ناري ٻن ٻارڙن جي ماءُ ياسمين چانڊيو زخمن جا سور نه سهندي نوابشاهه ويندي فوت ٿي وئي جڏهن ته نوجوان

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاور پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.